

# اسان زندھ رھنداسين

[فلسطين جي انقلابي عورت
ليليٰ خالد جي آتم ڪھاڻي]

سنڌيڪار:
زيب سنڌي
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ- شاھنواز سومرو

وائيس آف سنڌ اي بُڪ پبلشر
editor@voiceofsindh.net
www.voiceofsindh.net

# ترتيب


- ڳالهيون
- ڏاڪڙ
- تعليم ۽ انقلاب
- ڪويت ۾ جلاوطن
- نئين انسانيت جو اعلان
- آمريڪا ۾ فلسطين
- اردن ۾ آمريڪا
- اسان گم ٿيل انسانيت جا ترجمان آهيون.

# ٻڳالهيون

ڪتابن جو نوس نوس ڪرڻ جي پراڻي عادت سبب، رستي ويندي،ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪتاب گهر اندر لنگهي ويس. پنهنجي ڌُن ۾ ڪتاب ڏسي رهيو هوس، جو ليليٰ خالد جو نالو ڪَنِ پيم. (ليليٰ خالد! جنهن جي باري ۾ نندپڻ ڪان هر خبر ڏاڍي ڏيان سان پڙهندو/ ٻڌندو هوس. جنهن جي هر تصوير ڏاڍي عقيدت ۽ محبت سان ڏسندو هوس.)

هڪ خريدار دڪاندار ڪان پڇي رهيو هو، ”ليليٰ خالد اجا زندھ آهي؟“

”ها.“ دڪاندار چيو.

”پوءِ ڇڏينس. جڏهن مري ويئي، تڏهن پڙهنداسين.“ خريدار هٿ ۾ جهليل ڪجھ ڪتابن مان هڪ ڪتاب دڪاندار ڪي واپس ڏيڻ لاءِ وڌايو. پر دڪاندار ڪان اڳ، مون هٿ وڌائي اهو ڪتاب ڪانئس ورتو.

ڏٺم، ليليٰ خالد جي آتم ڪهاڻي هئي. چيم، ”جيڪڏهن اهڙا ماڻهو مري ويا، تہ دنيا ۾ ڪجھ نہ رهندو- ڪجھ بہ نہ.“ ۽ مون اهو ڪتاب خريد ڪري ورتو. ڪتاب ايترو تہ دلچسپ ۽ معلوماتي لڳو، جو مون ٿيهارو صفحا پڙهڻ ڪان پوءِ ئي ترجمي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو.

هيءُ ڪتاب مون اردوءَ تان ترجمو ڪيو آهي. جنهن لاءِ مان اردوءَ جي مترجم، اردوءَ جي مشهور شاعرا ڪشور ناهيد جو ٿورائتو آهيان.

**زيب سنڌي**

4 سيپٽمبر 1983ع

# ڏاکڻ

(1)

منهنجو تعلق حيفا سان آهي، پر مون کي پنهنجو جنم- هنڌ ڏاڍو گهڻ ياد آهي. منهنجي ذهن ۾ اُها جاءِ محفوظ آهي، جتي مان هڪ ننڍڙي ٻارڙيءَ جي حيثيت سان کيڏندي هيس. جڏهن مان ڇئن سالن جي هيس، جو مون کي حيفا کان نيو ويو. 21 سالن کان پوءِ، 29 آگسٽ 1969ع تي مون ٻيهر حيفا ڏٺو- جڏهن مان ۽ ڪامريڊ سليم هڪ سامراجي جهاز تي قبضو ڪري فلسطين آياسين، جيئن دشمن جي قبضي هيٺ آيل ملڪ سان عقيدت جو اظهار ڪري سگهون، ۽ پنهنجي ڌرتيءَ تي اهو به واضح ڪري سگهون، ته اسان پنهنجي اباڻي وطن کي وساريو ناهي. افسوس اهو آهي ته، ڪمزور اسرائيلي دشمن اسان کي آمريڪي ۽ فرانسيسي جهازن جي دستن ۾ وڪوڙي، اسان جي ڌرتي تي لاٿو.

حيفا بابت مونکي پنهنجن وڏن، دوستن ۽ ڪتابن ذريعي ئي ڄاڻ حاصل ٿي هئي، مون پولار مان ئي پنهنجي ڌرتيءَ جي رنگ کي محسوس ڪيو، ۽ پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ بابت خيال مرتب ڪيم. حيفا کي جبلن جي عافيت، سمندن جو ميلاپ ۽ ميدانن جي وسعت نصيب ٿيل آهي. پر مونکي اتان جي هوا ۾ ساهه کڻڻ جو اختيار حاصل ڪونهي. يورپي يهودي ۽ سندن ساٿي، هٿيارن جي زور تي انهيءَ ڌرتيءَ تي قابض آهن. اسان کي جلاوطن ڪيو ويو آهي، ۽ هو غاصب هوندي به مالڪ آهن! اهي منهنجي شهر ۾ انهيءَ ڪري ٿا رهن ته، اڳ ۾ ته هو يهودي آهن، ۽ ٻيو ته طاقت به هنن وٽ آهي. جڏهن ته اسين، فلسطيني عرب هٿين خالي آهيون، پر صحرائن جا پٽ، اسان جا سپوت، انهيءَ عزم سان جيئن ٿا ته اسان به قوت حاصل ڪنداسين ۽ آزادي به.

مونکي پنهنجي خاندان ۽ سيني فلسطينين جيان حيفا پسند آهي. شروع شروع ۾ حيفا لاءِ منهنجو عشق جذباتي سطح جو هو- جيئن خوابن جهڙي ڌرتيءَ لاءِ ٻار جا جذبا هوندا آهن. پر جيئن جيئن مان وڏي ٿيندي ويس، تيئن ڀاڻ بابت سوچ ۽ علم وڌندو ويو. مونکي خبر پئي ته، منهنجون ته تاريخي پاڙون آهن، ۽ اسان جي جدوجهد سان ڀرپور تاريخ آهي؛ ۽ منهنجي قوم ٻين قومن کان وڌيڪ نه، ته سندن برابريءَ جهڙي حيثيت رکندڙ ضرور آهي. مونکي اهو يقين پڻ ٿيو ته منهنجي طبقي جا ماڻهو ۽ ڪارڪن، استحصال جا شڪار ماڻهو ئي سڄي قوم کي قدامت جي پستيءَ مان ڪڍي، جبر کان آزاد ڪرائي سگهن ٿا. مونکي اسڪول ۾ جو ڪجهه پڙهايو ويو هو ته، اسانجي ڪابه تاريخ ناهي، ۽ فلسطيني ڪائي قوم ناهي. علم جي جستجو مونکي انهيءَ حد تائين آندو، جتي خبر پيم ته هٺ نوڪين مؤرخن ڪيئن اسانجي ڪردار ۽ اسانجي ذڪر لائق ڪارنامن کان انڪار ڪيو آهي.

مون کي خبر هئي ته مونکي تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻو آهي. مان پنهنجي عوام، ۽ پاڻ پنهنجي ذات جي آزاديءَ لاءِ انقلابي بڻجي ويس. مان دراصل 1930ع جي هڪ فلسطيني انقلابيءَ **ازدين ڪسم** کان ڏاڍي متاثر هيس- جنهن عرب سرزمين تي سڀ کان اڳ، منظم طريقي سان مزدورن ۽ هارين جي انقلاب کي عملي شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انهيءَ سلسلي ۾ هو هڪ ڊگهي عرصي تائين

لڪل سرگرمين ۾ مصروف رهيو. 1935ع ۾ ماڻهن جي لڳاتار غداري ۽ مقصد کان غفلت کي ڏسندي هن هٿياربند جدوجهد شروع ڪئي. اها جدوجهد برطانوي سامراج، يهودين ۽ عرب قدامت پسنديءَ جي خلاف هئي. انقلابين ۾ مزدور، هاري ۽ ترقي پسند ماڻهو شامل هئا. انهيءَ بغاوت جو سبب برطانوي سامراج پاران يهودين ۽ رجعت پسند عربن جي مدد سان فلسطينين کي محڪوم ڪرڻ جي ڪوشش هئي. 1936ع ۽ 1939ع جي وچ ۾ فلسطين تي يهودين جو قبضو ٿي ويو. جڏهن ته مؤرخ انهيءَ کي 1946ع ۽ 1948ع وارو وقت چون ٿا. 1936ع ۾ هارين جي هڙتال اپريل کان آڪٽوبر تائين هلي. مقصد اهو هو ته، فلسطين ۽ عرب سجاڳپ جي مرحلن کي مضبوط ڪري، جمهوريت جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي. ۽ فلسطين ۾ ايندڙ يهودين ۽ برطانوي پنوئن کي ڌِڪي ڪڍيو وڃي. پر نتيجو اهو نڪتو، جيڪو سامراجين گهريو ٿي. رائل ڪميشن 1937ع ۾ قائم ٿي، جنهن فلسطين جي ورهاڱي جو منصوبو پيش ڪيو، جيڪو تسليم ڪيو ويو. تنهن ڪري انقلابي تحريڪ ويتر زور وٺي ويئي. پر فلسطيني غدارن هٿان، جن جي پٺ پرائي عرب حڪومت جا معتمدين ۽ برطانوي يهودي ڪري رهيا هئا، هن تحريڪ کي دٻايو ويو ۽ **ڪسم** کي شهيد ڪيو ويو. اهو يقين ته ٿي ويو هو ته، انقلاب بهرحال هن علائقي جو مقدر آهي، پر دشمن انقلاب جي روشنيءَ کي في الحال ته ختم ڪري ڇڏيو، ۽ **ڪسم** جي ڪردار تي گند هڻڻ جي ڪوشش ڪئي. فلسطين جي آزاديءَ جو **پاپولر فرنٽ** ڪسم جي شهادت کان پوءِ وجود ۾ آيو. هن جي نسل انقلاب جي شروعات ڪئي هئي، ۽ منهنجي پيڙهي انقلاب کي مڪمل ڪندي.

مون 1936ع ۾رستخير جي ڪهاڻي اڪثر ڪتابن ۾ پڙهي. پر مان ذاتي تجربن جي حوالي سان 1948ع کان پنهنجي ديس واسين جي تلخ زندگيءَ کان واقف آهيان. مون 13 اپريل 1948ع تي، پنهنجي چوٿين جنم ڏينهن کان فقط چار ڏينهن پوءِ حيفا کي الوداع چيو. منهنجو جنم- ڏينهن نه ملهايو ويو، جو 9 اپريل تي فلسطين ۾ يوم- ماتم هو. هاڻي مان 29 سالن جي آهيان، پر مون اڄ تائين پنهنجو ڪوبه جنم- ڏينهن نه ملهايو آهي- ۽ انهيءَ ڏينهن تائين نه ملهائيندس، جيسين وري حيفا واپس نه وران. چو ته حيفا کي مون پنهنجي مرضيءَ سان نه ڇڏيو هو. اهو فيصلو منهنجي خاندان نه، پر انهن ماڻهن ڪيو هو، جن جا هٿ اسان جي نسل جي رت سان رنگيل آهن.

منهنجي خاندان جا يهودي پاڙيسرين سان سنا لاڳاپا هئا. اسان اسٽين ٽون اسٽريٽ ۾ رهندا هئاسين، جتان يهودي هيڊ ڪوارٽر ويجهو هو. اهو علائقو حيفا جي فيشن ايبل علائقن ۾ شمار ٿيندو هو. منهنجي يهودي ٻارن سان ڄاڻ سڃاڻ هئي. منهنجي سڀ کان سني سهيلي **تمارا** يهودڻ هئي، پر اسان منجهه ڪوبه فرق نه هوندو هو. مونکي عرب ۽ يهوديءَ جي فرق جي ڄاڻ نه هئي. منهنجي ۽ تمارا جي لاڳاپن ۾ تبديليءَ جو موڙ ته 29 نومبر 1947ع تي آيو جڏهن گڏيل قومن فلسطين کي ورهائي، مون کي ۽ تمارا کي ڌار ڌار ڪري ڇڏيو. تمارا جي حصي ۾ 56 سيڪڙو علائقو آيو. (**جڏهن ته يهودين پنهنجو آدمشاريءَ جي حساب سان فقط** 8 **سيڪڙو علائقي جي گهُر ڪئي هئي**.) مون مان اها اميد ڪئي ويئي هئي ته، مان انهيءَ فيصلي کي قبول ڪري وٺنديس ۽ تمارا جي نسل وارن کي واڌايون ڏينديس. مونکي پنهنجي انسانيت کان انڪار، ۽ يهودين جي اخلاقي- قانوني حيثيت کي مڃڻ ۽ پاڻ کي پنهنجي ئي گهر ۾، ۽ پنهنجيءَ ئي ڌرتيءَ تي پناهگير سمجهڻ لاءِ چيو ٿي ويو. عالمي يهوديت، آمريڪي سامراجيت ۽ سندس پنوئن، مون لاءِ جلاوطنيءَ جي زندگيءَ کي مقدر بڻايو. وري سندن اهو مطالبو ته، اسان سندن اهو

فيصلو قبول بہ ڪيون، جيئن سندن مطالبو حقيقي لڳي، ۽ سندس هجرت ڪرڻ وارا هڪ وار اچي آباد ٿين تہ معاملو باقائدي طئي ٿي وڃي.

گڏيل قومن پاران فلسطين کي ورهائڻ جي منصوبي جي اعلان تي ٽي ڏينهن عام هڙتال ٿي. پر اها هڙتال قطعي بي اثر هئي. عرب قومي تحريڪ قطعي ختم ٿي چڪي هئي. روايتي ادارا مضبوط ٿي چڪا هئا. ڪارڪنن ۽ هارين جون نيون تنظيمون ايترو مضبوط نہ ٿيون هيون جو قومي آزاديءَ جي عظيم ڪم ۽ مقصد جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. عجيب افراتفريءَ جي حالت هئي. عرب يهودين کي ماري رهيا هئا. يهودي عربن تي حملا ڪري رهيا هئا. جيتوڻيڪ يهودين جي جارحيت منظم ۽ بامقصد هئي، جڏهن تہ عربن جي جارحيت انفرادي ۽ غير منظم هئي. يهودين وٽ وڙهڻ وارا بہ هئا تہ هٿيار بہ. هنن جي هٿيار بند فوج بہ هئي تہ جنگ جي نفسياتي طريقن کان بہ واقف هئا. تنهنڪري يهودي اسان کان حيفا ڦُرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. عربن جو ڪمانڊر سرجان گلپ پاشا، جنهن جو تعلق اردن سان هو، پنهنجي حيفا رجميٽ کي حيفا خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جيڪو حڪم برطانوي منصوبي سان هڪ جهڙائي رکندڙ هو، ۽ حيفا کي خالي ڪرڻ ۽ يهودين فتح کي مڪمل ڪرڻ ڏانهن قدم هو.

تنظيم هئڻ ۽ بچاءَ جي سمجهہ هئڻ سبب يهودين کي اندازو ٿيو تہ گهٽ وقت، محنت ۽ ماڻهن جي سيڙپ سان هو پنهنجي مقصدن ۾ ڪامياب ٿي سگهن ٿا. حيفا جا 80 هزار عرب پنهنجي سِر کي مقدم سمجهي، حيفا خالي ڪري آيا. اها نيڪالي 9 اپريل يعني منهنجي جنم- ڏينهن کان شروع ٿي. يهودين ديرياسين جي ماڻهن جو وحشياڻو قتل عام ڪيو. اهو هڪ اهڙو جرم هو، جنهن يهودين جي بي رحميءَ کي واضح ڪيو، ۽ عربن کي چپ چپات ۾ شهر کان نڪرڻ تي مجبور ڪيو.

حيفا جي ڌرتيءَ تي 254 ماڻهن جي قتل، ۽ سوين عربن جي زخمي هئڻ جو نذرانو ڏنو ويو. سندن خيال هو تہ اجا بين ماڻهن جو قتل پڻ ٿيندو. سڄي شهر ۾ دپ ۽ هراس ڦهليل هو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اهو هراس منهنجي اڳيان بہ اچي بيٺو. مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو موت ڏٺو. مون کي ياد ناهي تہ منهنجي سامهون مرڻ وارو يهودي هيو يا عرب. مون کي فقط ٻہ جو نڪاءُ ۽ مرڻ واري جي پيٽ مان ٻہ لڳڻ سبب رت نڪرڻ ياد آهي. مان ڏاڪڻ هيٺان لڪي ويس، ۽ ڪلاڪ ڪِٽيءَ ۾ پيل لاش کي گهوريندي رهيس. مان اهو سوچي ڊڄي رهي هيس تہ ڇا منهنجي پيءُ جو مقدر بہ اهو موت آهي!

خوف ۽ هراس جي انهيءَ ماحول منهنجي خاندان کي بہ پنهنجا ڪک ڇڏڻ تي مجبور ڪيو. اسان سڀ اَٿ هئاسين. 13 اپريل 1948ع تي اسان سڀ سور ڏانهن روانا ٿياسين. مون کي ڪنهن نہ ٻڌايو تہ اسان ڇو وڃي رهيا آهيون، ۽ نہ منهنجي سمجهہ ۾ آيو. امان ياڙي جي هڪ گاڏيءَ ۾ اسان کي ۽ ڪجهہ سامان کي وجهي، بي هوشيءَ جي حالت ۾ ڪٽي روانو ڪيو. ٿورو اڳتي وڌياسين تہ خبر پئي تہ اسان مان هڪ گهٽ آهي. رڙيون واڪا ٿيا. اِها مان هيس، جنهنجي ڪنهن کي خبر نٿي پئي. گهڻي دير کان پوءِ منهنجي ٻن وڏين ڀينرن مون کي هڪ وڏي دٻي پويان لڪل ڏسي ورتو، ۽ پٺاڻن جي ٿيلهي جيان ڳچيءَ کان ڪٽي امڙ جي سامهون پيش ڪيائون. مان ڏاڍي ڪاوڙيل هيس، ۽ مون کي اجا بہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ اسان حيفا ڇڏي، سور ڇو ٿا وڃون. منهنجي پيءُ اسان سڀني کي ڳوڙهن ڀريل اکين سان الله واهي چيو، ۽ پاڻ اُتي ترسي پيو. مون کي ياد آهي، منهنجي اکين ۾ بس هڪ شيءِ هئي. پنهنجي گهر جي ڏاڪڻ.

مان ڪيترن مهينن تائين بابي سان نہ مليس. جڏهن هو سور آيو تہ ڏاڍو لٽل هو. هو ڪنهن بہ قيمت تي حيفا کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو. پر حيفا تي يهودين جي قبضي کان هڪدم پوءِ 22 اپريل تي بابي

کي حيفا ۾ ڏنڏي، بنهي کي چڏڻو پيو. پوءِ هن اهو به ڏٺو ته يهودي اسان جي گهر ۾ داخل ٿي رهيا آهن. پوءِ هن ڏٺو ته اسان جي گهر جو فرنيچر کنيو پيو وڃي، پوءِ بابي کي مصر موڪليو ويو.

ٽي چار مهينا مصر ۾ بين هنڌن تي خوار ٿيڻ کان پوءِ، ڏاڍي مشڪل سان بابو پئسي پئسي جو محتاج ٿي اچي نيٺ سور پهتو. ٽيهن سالن تائين ڏينهن رات اسٽور ڪيپر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ وارو شخص هاڻي پئسي پئسي جو محتاج هو. هو انهيءَ ڳالھ سبب به ڏکارو هو، ته ڪيس لبنان جي شهرت نه ملي هئي. هو 1966 تائين يعني مرڻ گهڙيءَ تائين لبنان ۾ جلاوطن جي حيثيت سان رهيو. 18 سالن تائين هو حيفا واپس ورڻ جي خوابن سان زندھ رهيو. پنهنجي پيءُ جي ڏيءُ جي حيثيت سان، پنهنجي پيءُ جي خواب کي تعبير ڏيڻ چاهيان ٿي. مان پنهنجي پيءُ ۽ قوم جي خوابن کي نابود ٿيڻ نه ڏينديس. جيڪڏهن مان فلسطين وڃڻ ۽ فلسطين ۾ رهڻ تائين زندھ نه رهيس ته منهنجو اولاد يقينن اهو زمانو ڏسندو.

اولھ جا مؤرخ ۽ محقق اهو ٿا لکن ته، يهودي ميئر جي انهيءَ اعلان جي باوجود، ته بنهي نسلن جا ماڻهو مٺ محبت سان رهندا، عربن حيفا مان لڏڻ شروع ڪيو! جيڪڏهن ميئر جو اعلان سچي نيت وارو هجي ها ته ڇا هو انهيءَ وڳوڙ کي روڪي سگهي ها، جيڪو شروع ٿي چڪو هو. ڇا يهودين جو قبضي جو جنون گهٽ ٿي سگهي ها، ۽ ڇا عربن کي نقصان رسائڻ جي ڪريل حرڪتن ۾ گهٽتائي اچي سگهي ها؟ جيڪڏهن اهو ممڪن هو ته پوءِ منهنجي پائرن جو قتل ڇو ٿيو، منهنجي ڀينرن جي لڄ ڇو لوئي وئي؟ جيڪڏهن اهو ممڪن هو ته پوءِ "معصوم برطانوي" حاڪمن سوين ننڍيون ٻيڙيون ڇو ڏنيون، ته حيفا کان سور تائين فلسطينين کي نيو وڃي؟ جيڪڏهن اسان پنهنجي مرضيءَ سان گهر ڇڏي ويا هئاسين، ته پوءِ آخر ڪهڙي مجبوري هئي، جنهن جي ڪري يهودين اسان جي ملڪيتن ۽ هر ذڪر لائق شيءِ تي قبضو ڪري ورتو؟ هي اُهي سوال آهن، جن جا جواب هر عزت لائق يهودي ۽ انهيءَ مؤرخ کي تلاش ڪرڻا پوندا، جن کي پنهنجي لفظن جي عزت جو اعتبار آهي.

اهو به چيو وڃي ٿو ته عربن جو مقصد حيفا تي ٻيهر قبضو ڪرڻ هو. يهودين کي ڪٽي سمنڊ ۾ اڇليو وڃي، ۽ انهيءَ مقصد لاءِ عرب ملڪن ويھ هزار ماڻهن جي هڪ فوج به تيار ڪئي. پر اهي فوجون نه باقاعده تربيت حاصل ڪيل هيون، ۽ نه انهن وٽ جديد هٿيار هئا. جڏهن ته سندن مقابلي ۾ سٺ هزار تربيت حاصل ڪيل يهودي هئا. عربن جي ڪائي مرڪزي قيادت ۽ ڪائي اخلاقي تحريڪ نه هئي، جيڪڏهن ڪو ڪارنامو ٿي وڃي ها ته، اهو اجتماعي نه، پر انفرادي عمل هجي ها. هنن چواڻيءَ، عرب فوجون ته مئل سماجي ڍانچي جي قرباني ڏيڻ جيان هيون، جيڪي جديد تربيت حاصل ڪيل دشمن جي مقابلي ۾ ڏڪجي وڃن ها. اڃا به سمجهيو ٿي ويو ته هو ڪٽي وڃن ها.

(2)

لبنان اچڻ کان پوءِ، جڏهن به مان ڪنهن وڻ مان نارنگي پٽيندي هيس، تڏهن امان دڙڪا ڏيندي هئي. مان تنگ ٿي پڇندي هيس، "امان تون جهلين ڇو ٿي؟ اڄي ته ائين نه چوندي هئينءَ!" ۽ امان ڳوڙها اگهندي چوندي هئي، "پُٽ تون حيفا ۾ ناهين. هي باغ تنهنجو ناهي، هاڻي تون ٻئي ملڪ ۾ آهين." انهيءَ

ڪان اڳ جو مان اندر ڊوڙي وڃي ڳوڙها اگهان، هوءَ منهنجو منهن پنهنجي هٿن ۾ جهلي، اعتماد سان چوندي هئي، ”هاڻي تون اهي نارنگيون نه پٽيندينءَ، جن تي اسان جو حق ناهي.“ مان ننڍپڻ جي معصوميت سان اقرار ۾ ڪنڌ لوڏيندي هيس، پهريون ڀيرو منهنجي لاءِ جلاوطنيءَ جو احساس اڳيان اچي بيٺو هو.

چئن سالن جي عمر ۾ منهنجي سامهون حق ۽ ناحق، زندگي ۽ موت جهڙا سوال اچي بيٺا. مان جيڪا گڏيل قومن جي ڏنل راشن ڪارڊ تي مانيءَ جي حقدار هيس، ۽ هڪ ڪمري ۾ اٺن ماڻهن جي خاندان ۾ ڊبيل ڊبيل ساهه جي اجازت ۾، اندر ئي اندر يهودين جي غير انساني رويي جو زهر پنهنجي زبان تي محسوس ڪري رهي هيس. منهنجي اندر جي دنيا ۾ تباهيءَ سبب منهنجي طبيعت ۾ طوفان جهڙو جوش هو، مان پنهنجي خاندان سا گڏ مايوسين جي ڏينهن ڪي زندگي سمجهڻ لاءِ مجبور هيس.

1948ع جي سياري جي هڪڙي ئي ياد ڪافي آهي. مان پنهنجي ڀينرن نول، رفيه ۽ راهاب سان گڏ، گڏيل قومن جي امدادي مرڪز مان راشن وٺڻ ويس، منهنجي ڀينرن کي تنگ ڪيو ويو. امان سخت ناراض ٿي. هتي اسان بين الاقوامي خيرات تي زنده هئاسين، جڏهن ته يهودي، فلسطين ۾ اسانجي محنت جو ڦل ڪائي رهيا هئا! منهنجا مغربي دوست ٻڌائين ٿا ته، يهودي چون ٿا ته، جڏهن هنن فلسطين تي قبضو ڪيو، تڏهن فلسطين ويران صحرا هو، جتي فقط مچر ئي هئا. هنن اُن کي جهومندڙ فصلن ۽ سون اُپائيندڙ واديءَ ۾ تبديل ڪيو آهي. هو اِهو به چون ٿا ته يهودي ته امن ٿا چاهين- جڏهن ته عرب خانه بدوش لڳاتار حملا ۽ چوريون ڪندا رهن ٿا، ۽ فلسطين جي علائقي ۾ باهيون ڏيندا رهن ٿا.

1948ع ۾ خزان جي موسم ۾ مونکي شرارتن کان بچائڻ لاءِ شيخ مدرسي ۾ داخل ڪيو ويو. مون ۾ ڇوڪرن جيان ڪيڏڻ ۽ جارحيت جون خاصيتون هيون، مان ڇوڪرن سان ڪيڏندي ۽ وڙهندي هيس. منهنجي استاد زينه، چُست پوڙهي عورت هئي، جنهن کي ٻارن سان بيحد پيار هو، جنهن پنهنجي سڄي جمار ٻارن جي تربيت لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. پر ٻارن کي سندس ڊگهيون ڊگهيون تقريرون نه وڻنديون هيون.

اسانجو اسڪول ۾ پڙهڻ جو ڪوبه پروگرام نه هو. اهو ته بس وقت گذارڻ جو بهانو هو. پر زينه ته سنجيدگيءَ سان مونکي قرآن پڙهائڻ جو منصوبو به ناهيو. ابجد سيکارڻ کان سواءِ ئي هن پنجن کان ڇهن سالن جي ٻارن کي قرآن جا ڪجهه حصا ياد ڪرڻ لاءِ چيو. مون ياد به ڪيا. شيخ اسڪول مان ڪاميابي حاصل ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه هو. هر پاس ٿيڻ واري کي عوام جي سامهون قرآن جا حصا قرأت سان ٻڌائڻا پوندا هئا. مان حضرت يوسف جو قصو مزي سان پڙهندي هيس، ته ڪيئن هو مصر ڏانهن ويو، ۽ ڪيئن فرعون مٿس پنهنجا حڪم مڙهيا ۽ سزائون تجويز ڪيون.

1959ع جي سرءُ جي منڊ ۾ فلسطينين لاءِ قائم ڪيل چرچز اسڪول جي پهرين ڪلاس ۾ منهنجي داخلا ٿي. انهيءَ سال گرمين ۾، مون پنهنجي ڀينرن کي قرآن پڙهندي ڏيان سان ٻڌو- ۽ جيئن جيئن مان قرآن ٻڌندي هيس، تيئن اُن جي خيالن ۾ تصوير ناهيندي ويندي هيس. مان رفيه سان ساڻ ساڻ هوندي هيس. جيئن هوءَ ڪندي هئي، مان به تيئن ئي ڪندي هيس. جيڪو ڪيس ياد هو، اهو مونکي به ياد هو. هوءَ اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ هئي، ۽ مان سندس ڪلاس ۾ وڃڻ چاهيندي هيس. مان انهيءَ ڪلاس ۾ داخلا جو ضد انهيءَ ڪري به ڪيو، جو پهريان به ڪلاس شامياني هيٺان زمين تي هلندا هئا. پر استاد مونکي پهرين ڪلاس ۾ ئي داخل ڪيو. مون ڪاوڙ منجهان رڙيون ڪيون، ”منهنجو امتحان وٺو، پوءِ ڏسو.“ مان چوٿين گريڊ جي عربي بنان ڪنهن غلطيءَ جي پڙهي ويندي هيس. پوءِ استاد مون کان

حسابن جو امتحان ورتو. اهو بہ پاس ٿيڻ جھڙو مون کي ايندو هو. پر انگريزي منهنجي ناڪاميءَ جو سبب بڻجي وئي. مون کي انگريزيءَ جا بنيادي اکر ۽ چند اهي لفظ ايندا هئا، جيڪي منهنجي پيڻ کي ايندا هئا. جڏهن استاد بورڊ تي "o " لکيو، تہ مون انهيءَ کي عربيءَ جا پنج سمجهيو. استاد کِلڻ لڳا، ۽ چيائون، "تون واقعي ذهين ڇوڪري آهين، پر اڃا تنهنجو علم ٻئي گريڊ جي برابر ناهي. اسان تنهنجي ذهانت سبب توکي گريڊ هڪ ۾ داخل ڪيون ٿا." هڪ پاسي تہ مون کي پنهنجي ٿورڙي سوڀ تي سرهائي ٿي، ۽ ٻئي پاسي ڪاوڙ تہ مون کي وري ساڳي ڏرتيءَ واري ڪلاس ۾ ويهڻو پوندو. بهرحال هاڻي مان هڪ سنجيده شاگرداڻي هيس، جيڪا عربيءَ ڪانسواءِ انگريزي، حساب، راند ۽ ڳائڻ سکي رهي هيس. هاڻي مان سليٽ تي لکڻ بہ ڄاڻندي هيس. امان پنهنجي ڦاٽل پراڻن ڪپڙن کي ڪاٽي، مون لاءِ هڪ اسڪول بيگ ٺاهي هئي، ۽ مان پنهنجي انهيءَ سرمائي تي خوشيءَ مان نہ ماپندي هيس.

اسڪول جي انهن شروعاتي ٻن سالن ۾، مان جلاوطنيءَ جي زندگيءَ جي هيراڪ ٿي ويس. انهن ٻن سالن ۾ فقط هڪ مظاهرو ٿيو، جنهن ۾ فلسطين جي ياد جا ڦٽ وري اُکلي پيا. جيتوڻيڪ هاڻي مون کي فلسطين جي قصي جي باقاعدي ڄاڻ هئي. پر مون کي ائين لڳو، ڄڻ 15 مئي 1951ع جو مظاهرو منهنجي پڙهائيءَ ۾ هٿ چراند هو. اسڪول کان موڪل ملي ويئي، پر مون انهيءَ سلسلي ۾ ڪو خاص حصو نہ ورتو. مون پنهنجي ماءُ کان مظاهري جو مطلب ۽ مقصد پڇيو ڇوتہ مون کي احساس هو تہ پاڻ جيڏن ٻارن ۾ مان اڪيلي ڇوڪري هيس، جيڪا مظاهري ۾ شامل نہ هئي. امان چيو، "توکي پنهنجي ڀينرن سان گڏ، فلسطين تي يهودين جي ظالماڻي قبضي خلاف مظاهري ۾ شامل ٿيڻ گهربو هو." مون اهو تہ مڃيو، تہ مظاهرو نيڪ هو، پر اهو بہ چيم تہ اسڪول جو ڪم انهيءَ کان وڌيڪ اهم هو. امان کي منهنجي ڳالهين مان غداريءَ جي بوءِ آئي، ۽ هن مون غداريءَ جي ٽِن اهم ڏينهن جي ياد ڏياري، جنهن کي رکڻ هر فلسطيني عورت ۽ مرد لاءِ جزوي زندگي هئڻ گهرجي. پهريون، اعلان بالفور 2 نومبر 1917ع، ٻيو 1947ع تي فلسطين جو ورهاڱو، ٽيون 15 مئي 1948ع تي اسرائيل جو وجود ۾ اچڻ. تڏهن کان اهي ٽيئي تاريخون منهنجي زندگيءَ ۾ اهميت رکن ٿيون.

1952ع منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ نئون موڙ ثابت ٿيو. جيتوڻيڪ مان ان وقت فقط ٽن سالن جي هيس، پر حالتن جي جبر ۽ جلاوطني جي اذيتن مون کي سياسي ڄاڻ بخشي هئي. پهرين مون کي پنهنجي پيءُ سياست ۾ آندو. مون کي پنهنجي پيءُ محمد ۽ بابي جو ان وقت جو سياسي بحث ياد آهي. اُن وقت محمد جي عمر 17 سال هئي، ۽ هو سڄي خاندان کي ٻڌائي رهيو هو تہ ڪيئن نوجوانن جي هڪ ننڍڙي فوج مصر جي بدنام حڪمران شاه فاروق جو تختو اونڌو ڪيو هو. بابو انهيءَ انقلاب جي مخالفن مان هو، ۽ چئي رهيو هو تہ فوجين جي اها جماعت بلڪل اڻ تجربيڪار آهي. ڪين نہ سياست جي ڄاڻ آهي، نہ ملڪي انتظام جي- ۽ هُنن ، انهيءَ شخص جو تختو اونڌو ڪيو آهي، جنهن 1948ع ۾ فلسطين جي بچاءَ جي جنگ وڙهي هئي. محمد جي ڪاوڙ وڌي ويئي. هن بابي کي ياد ڏياريو تہ بادشاھ تہ برطانوي سامراج جو پنو هو. جنهن فلسطين ۾ جنگ هارائي هئي، ۽ چئن سالن تائين فلسطين کي ٻيهر حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوبہ خيال نہ ڪيو هئائين. تنهن کان علاوه بادشاھ سندس خاندان ۽ چاڙتا تہ مصر جي دولت سان عوام کان وڌيڪ دلچسپي رکن ٿا! سڄو خاندان خوش هو تہ، محمد کي بابا کان بہ وڌيڪ سياسي ساڃاھ آهي. محمد مصري رسالي "اليوسف" مان ڪيترا ٽڪرا ڪٽي، پنهنجي ڪمري جي ڀتين تي هڻي ڇڏيا هئا. هن اهي سڀ بابي کي پڙهي ٻڌايا، ۽ بابي ڏاڍي خوشيءَ منجهان پٽ کي ايڏي معلومات گڏ ڪرڻ تي مبارڪ

ڏني، ۽ انقلاب جي رستي تي قائم رهڻ جون دعائون پڻ. هاڻي تہ محمد اسان لاءِ سياسي مبصر ۽ مبلغ ٿي ويو هو. خاص طور تي ڇوڪرين تہ هن مان گهڻو ڪجهہ پرايو. ھيو تہ هو آمريڪن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيو هو، ۽ اسڪالر ڪٽندو هو. اُتي هن پنهنجا لاڳاپا عرب يوٿ موومينٽ سان پيدا ڪيا. جنهن ڪري هن کي معلومات ۽ تنظيمي صلاحيت حاصل ڪرڻ جو موقعو بہ مليو.

1952ع جي سرءُ جي مُند ۾، مون پنهنجي فلسطينين لاءِ قائم ڪيل اسڪول ۾ داخلا ورتي، اهو مون لاءِ فيصلن جو سال هو. اينڊڙ ٽن- چئن سالن ۾ منهنجا سياسي خيال قطعي فيصلن تي پهچي ويا، ۽ مان سياسي طور تي پنهنجي راهہ ناهي سگهيس. ان ڪان پوءِ ڪيترن واقعن منهنجي سياسي شعور کي چِلا بخشي، سخت طوفان، برف جو وسڪارو ۽ مهاجر ڪيمپن لاءِ چندو گڏ ڪرڻ وغيره.

1952ع جون خوشگوار گرميون، ڊسمبر ۾ سخت سيءَ ۾ بدلجي ويون. طوفان آيو، ۽ اهو شاميانو اُڏائي ويو جنهن ۾ اسان 70 ڇوڪريون ويهي پڙهنديون هيوسين. ڪجهہ زخمي ٿيون، باقي روشنيءَ کان ڊڄي ڊوڙڻ لڳيون. ڇوڏاري ڳڙي ۾ ٻارڙين جا ڳوڙها ۽ مٽي هڪ ٿي ويا هئا. اُن وقت، جڏهن سڀ ڇوڪريون پناهہ جي ڳولا ۾ ڊپ وچان رڙيون ڪنديون ڊوڙي رهيون هيون، مان خاموش بيٺي هيس: جو هي منظر تہ اسان جي اباڻي ڌرتيءَ جي بربادي جو نقشو ورجائي رهيو هو- انهيءَ واقعي جون مقامي طور تي ڪيتريون ئي لونءَ ڪانڊاريندڙ ڪهاڻيون شايع ٿيون- پر مغربي عيسائي خيرات جي آخر ڪا حد هئي يا نہ! شاميانو ٻيهر هنيو ويو، جو ٻيو ڪو وسيلو نہ هو.

اُن وقت مون لاءِ شاميانيءَ جو ڪوبہ مطلب نہ هو. مونتي هاڻي اهو واضح ٿيو آهي تہ هزارين ماڻهو شاميانن ۾ رهڻ لاءِ ان ڪري مجبور آهن، جو زنده رهڻ بہ هنن لاءِ مسئلو آهي. 53ع جي شروع ۾ سخت سيءُ پيو. لبنان ۽ گليلي جي جبلن تي برف ڄمي ويئي، سڄي شهر ۾ برف جا ٽُڪر ۽ برف جي ترڪڻ هئي. مون کي ڏاڍو زڪام ٿي پيو، پر گهر ۾ ڪابہ دوا نہ هئي، ۽ مونکي پنهنجا ڇڳل سينڊل پائي اسڪول وڃڻو پوندو هو. فيبروريءَ جي هڪ سخت شام جو تہ مون کي بہ فوٽ برف تان لنگهي گهر پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻي پيئي. سرديءَ سبب منهنجي حالت خراب هئي. مان رئندي رڙهندي گهر ۾ گهڙيس. ”بس، هاڻي مون کي نوان سينڊل ۽ نوان جوراب گهرجن، جورابن کان سواءِ سينڊل گرمين ۾ پائبا آهن، لبنان جي سيءَ ۾ نہ.“ امان مون کي ڏڪاري نظرن سان ڏسندي رهي. پوءِ ڌيرج سان چيائين. ”جان! تون سمجهين ٿي، مونکي خبر ڪانهي تہ تنهنجن ننڍڙن پيرن کي جورابن جي ضرورت آهي.“ اهو ٻڌي مونکي اجا بہ ڪاوڙ لڳي، چيم، ”جيڪڏهن توهان کي خبر هئي تہ پوءِ سينڊل ۽ جوراب ڇونہ وٺي ڏنوَ؟“ هاڻي امان کي بہ ڪاوڙ لڳي، رڙ ڪري چيائين، ”چا اِهو گهٽ آهي تہ، ٻين وٽ تہ کائڻ لاءِ بہ ڪجهہ نہ هوندو آ. ڪجهہ سمجهيئي ليليٰ! ٻڌاءِ، ٻڌاءِ نہ! مون ڪاوڙ مان چيو، ”نہ — نہ سمجهيم. آخر انهن وٽ سينڊل، ڪاڏو، گهر..... اهو سڀ ڪجهہ آخر ڇو ناهي..... ڇو ناهي......“

امان چيو، ”انهن جي پيءُ- ماءُ وٽ ايترا پيسا ڪونهن، جيترا اسان وٽ آهن.سندن گهر گهاٽ فلسطين ۾ آهن، ۽ هتي لبنان ۾ هو واندا آهن، ڏس ليليٰ! اهي فلسطيني، جن جا مائٽ عرب ۾ ڪٿي بہ ناهن، تن لاءِ رهڻ لاءِ سواءِ خدا جي کُليل ڌرتيءَ جي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. جيڪڏهن سَور ۾ اسانجا مائٽ نہ هجن ها تہ اسان ڪٿي رهون ها. کُليل آسمان هيٺان، انهن ٻارڙن جيان، جن جي مٿان شاميانو اُڏي ويو. جيڪڏهن مون وٽ سونَ جا ڪنگڻ جيڪي وڪڻي مان توکي ڪاڏو ڪارائيندي رهي آهيان، نہ هجن ها تہ ٻڌاءِ اسان ڪٿي هجون ها؟ اتي ئي نہ، جتي اسان جا ٻيا پائر پينر آهن. اسان ڇا ۾ هنن کان وڌيڪ آهيون،

جيڪڏهن يهودي مون کي اغوا ڪري وڃن ها ته، تنهنجو، تنهنجي پينرن ۽ پائرن جو ڇا ٿئي ها؟ توهان حيفا مان سلامتيءَ سان نڪري اچو ها يا يهودين جي ظلمن جو شڪار ٿيو ها؟ ڇا توکي ڪي خبر ناهي، ته يهودين ڪهڙي نموني اسان جي ساٿين کي ماريو؟ ۽ جيڪي بچي نڪتا، سي بُک ۽ سيءَ سبب اجل جو شڪار ٿي ويا. منهنجي ڌيءَ! مان توکي ديجارڻ لاءِ هزارين ٻيا داستان ٻڌائي سگهان ٿي. پر منهنجي مٺي! ڇڙو اِهو خيال ڪر ته، تون پرائي ڌرتيءَ تي آهين، ۽ تنهنجي پنهنجي ڌرتي ڌارين جي قبضي ۾ آهي. اسان ...... انهيءَ کي بچائڻ لاءِ ڏاڍو وڙهياسين ...... پر شڪست اسان جو مقدر هئي، ۽ نيٺ اسان کي پنهنجي ئي ملڪ مان ڪڍيو ويو، تون؛ منهنجي مٺي، منهنجي ليليٰ پنهنجي ڌرتيءَ کي نه وسارجانءِ. تون ..... تنهنجيون پينر ...... تنهنجا پائر...... توهان کي پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ جي عزم سان ميدان ۾ لهڻو پوندو!"

مون کي ائين ٿي لڳو، ڄڻ مان ڪنهن ٻئي جي داستان ۾ گم ٿي ويئي هيس. مان انهيءَ داستان کان متاثر ضرور ٿيس، پر مون کي تِرَ برابر به اهو احساس نه هو ته، مان پاڻ انهيءَ داستان جو حصو آهيان، يا ٿي سگهان ٿي. نيٺ 1953ع جي بهار جي مُند مون کي اهو احساس ڏياريو ته، مان انهيءَ داستان جو حصو آهيان. منهنجي عمر 9 سال هئي، ۽ مان پاڻ کي ڪلاس جي سڀ کان وڌيڪ تيز ڇوڪري پائيندي هيس. منهنجي خود پرستيءَ جو اهو بُت، منهنجي ڪلاس جي ڇوڪريءَ سميرا ڀڳو. هوءَ ڪلاس ۾ پهريون نمبر آئي، مون کي ڏاڍو ساڙ ٿيو. منهنجو وس پڄي ها ته مان ڪيس ماري وجهان ها. ظاهري طور مون سندس ڏاڍي بي عزتي ڪئي، پر هڪ لڱان ڪلاس ۾ اسان جي ويڙهه به ڇڳي ٿي. اسان هڪ ٻئي جون چوٽيون پٽي رهيون هيوسين جو ڪلاس ٽيچر اچي ويو. هو حيران ٿي ويو ته ڪلاس جون سڀ کان ذهين ڇوڪريون پاڻ ۾ وڙهي رهيون آهن! اِنهيءَ استاد جي سامهان اسان وڙهڻ بند ڪري ڇڏيو، پر پوءِ ٻاهر اسان جي ويڙهه شروع ٿي ويئي. جڏهن استاد کي خبر پئي ته، هو مون کي ڌار ڪمري ۾ وٺي ويو، ۽ جيڪي ڪجهه هن چيو، سو مان ڪڏهن به وساري نه سگهنديس. استاد چيو، "غريب هارين جا ٻار به تنهنجي خاندان ۽ تو جيان ذهين ٿي سگهن ٿا- ۽ اهي ٻار ئي ته اصل فلسطيني آهن. ليليٰ پٽ! انهن فلسطين خوشيءَ سان نه ڇڏيو آهي، انهن اميرن جيان، جيڪي اڄ قاهره ۽ بيروت جي عظيم الشان محلن ۾ رهن ٿا. هن کي ته ظالم يهودين زوريءَ ڌڪي ڪڍيو آهي- ليليٰ! اهي ئي اصل فلسطيني آهن. انهن جي عزت ڪر. انهن سان پيار ڪر."

انهيءَ ليڪچر کان پوءِ استاد سميرا کي اندر گهرايو. اسان ٻنهي کي هٿ ملائڻ لاءِ چيو. پوءِ استاد چيو، "وڃ سميرا! ليليٰ کي پنهنجي ڪيمپ ۽ پنهنجي ساٿين سان ملائي اچ." ۽ هاڻي مان سميرا سان گڏ هيس.

ڪيمپ ڏسي مون کي لڳو، ڄڻ مان ته محل ۾ ٿي رهيس. ۽ هاڻ مون کي پڇتاءُ اميرن جي رويي ۽ سيني ٻراين جو شدت سان احساس ٿيو. اتي ئي طبقاتي تضاد منهنجي ذهن جو حصو بڻيا، ۽ جيئن جيئن مان وڏي ٿيندي ويس، تيئن سماجي ننڍ وڏائي کان نفرت شعور جو حصو بڻبي ويئي. مون کي احساس ٿيو ته اسان جا ڏُک دور ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن سوشلزم اچي وڃي. پر منهنجا استاد، سميرا ۽ منهنجي ڪلاس جي هڪ سهيلي عامره جو خيال هو ته پهرين حقيقي آزادي ۽ سچي انسانيت جو دور اچي، پوءِ سوشلزم جي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي.

مونکي هنن، ڪجھ ڪلاڪن اندر اُهو ڪجھ سيکاري ڇڏيو، جيڪو مان هزارين ڪتاب پڙهي بہ نٿي سِکي سگهيس. مون فلسطينين جي انهيءَ ڪيمپ ۾ بک، بي عزتي، مرض، لاچاري، اگهڙا پير، ڦوڪيل پيٽ ۽ ڏبجي ويل اکين وارا ٻار ڏٺا. منهن جهڪايل، چپيءَ چيلھ وارا پيئر، سُڪل ڇاتين واريون مائون ۽ پولار ۾ بي مقصد گهوريندڙ انسان ڏٺا. جن جو نہ ماضي آسرو هو، نہ مستقبل سندن پناهہ! هتي مون کي غربت ۽ بک جو اصل مطلب معلوم ٿيو. مون کي پنهنجون هڏيون گوشت کان ڌار ٿينديون محسوس ٿيون. مان سڄي ڪيمپ ۾ گهميس، ماڻهن سان مليس، ۽ گهر وريس تہ حقيقت منهنجي رت ۾ شامل ٿي چڪي هئي. اٽڪل ست لک مهاجر انهن ڪيمپن ۾ رهيل هئا. ڪجھ ويجهن علائقن ۾ محنت مزوري ڪري روزي ڪمائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ۽ باقي سڀ بک جي راڪاس اڳيان بيوس پيا هوندا هئا. هو گڏيل قومن جي زباني خيرات جي شرم جهڙي عمل تي زنده رهڻ تي مجبور هئا. ڪين خبر هئي تہ عزت جي ماني عرب فلسطين انقلاب کان سواءِ ممڪن ناهي.

هاڻي مون کي پاڻ ۾ پنهنجي ساٿين بابت وڌيڪ اعتماد محسوس ٿيو. بريام جي شام ڪيترا ٻار هڪ هفتي جي موڪل جي تياري ڪري رهيا هئا. گهڻا ٻار لباس ۽ سوکڙين بابت ڳالهائي رهيا هئا، جيڪي انهيءَ ڏڻ جي موقعي تي ڪين ملڻ جي اميد هئي. اتي ئي هڪ خاموش ۽ اداس ڇوڪري ويٺي هئي. سندس ڪپڙا ڏاڍا ميرا هئا، ۽ هوءِ بلڪل اڪيلي ويٺي هئي. منهنجي سڄاڻو نہ هئي، تنهنڪري مان ڪانئس پڇي نٿي سگهيس تہ، هوءَ اڪيلي ڇا ويٺي ڪري، ۽ اداس ڇو آهي؟ اسانجو استاد نبيل انهيءَ ڇوڪريءَ جي مصيبت بابت ڄاڻندو هو. انهيءَ ٻڌايو تہ اسانجو ڏڻ آهي. اسان سڀ سوکڙيون وصول ڪنداسين، ۽ اِها ڪيڏي نہ غلط حرڪت ٿيندي جو اسان پنهنجي خوشين ۾ ٻين کي شريڪ نہ ڪيون. اِهو ٻڌي مون کي ڏاڍو جوش آيو. مونکي لڳو، ڄڻ وقت اچي ويو آهي آهي، جو سَور ۾ موجود حڪومت جي آفيسن ۽ گڏيل قومن جي آفيسن تي پٿرن جو وسڪارو لائي ڏجي. استاد جا اهي لفظ منهنجي دماغ تي هٿوڙن جيان وسڻ لڳا ...... ”جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪريءَ کي نوان ڪپڙا نہ مليا تہ، توهان جي خوشي بہ بي بنياد ۽ بيڪار هوندي. مان اڪيلو هن لاءِ لباس خريد ڪري نٿو سگهان. توهان سيني کي هن لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ آڻڻو پوندو.“ ٻارن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. هو انهيءَ اپيل تي حيران هئا تہ ڇا ڪن- پر مان حيران نہ، مطمئن هيس. مون کي خبر هئي تہ، مهاجرن جي ڪيمپن جو مطلب ڇا آهي، ۽ غربت اُتي ڪيئن ٿي راڄ ڪري. مون اٿي بيهي ڏاڍي جوش سان اعلان ڪيو، ”هي آهي منهنجي سڄي هفتي جي خرچي، پنج پياسٽر.“ منهنجو اِهو ڇوڻ هو، جو سيني ٻارن پنهنجي خرچي ڪڍي ٻاهر ڪئي، ۽ اسان خوشيءَ جي ڳوڙهن سان پڄندا، حُسنہ لاءِ نئون لباس خريد ڪري آياسين.

مونکي پنهنجي استاد نبيل سان ڏاڍي عقيدت هئي. مونکي هن جي همت ۽ مضبوط اخلاقي ڪردار ڏاڍو سنو لڳندو هو. هو بہ مونکي پنهنجي ننڍي ڀيڻ جيان سمجهندو هو. 15 مئي 1953ع جڏهن اسرائيل جي قائم ٿيڻ جي پنجين سالگرھ هئي، اسان ڏک ۽ ڪاوڙ جي اظهار طور هڪ جلوس ڪڍيو، جنهنجي اڳواڻي استاد نبيل ڪري رهيو هو. جلوس جا نعرا هئا، ”عرب فلسطين زنده باد، فلسطين اسانجو آ، اسان فلسطين واپس وينداسين.“

هزارين فلسطيني پوڙها، جوان ۽ ٻار گڏ ٿي ويا، ۽ شهر جي وچ ۾ استاد نبيل جي جهنڊي هيٺان بيهي قسم ڪنيائون تہ هو فلسطين کي آزاد ڪرائيندا. استاد نبيل چئي رهيو هو، ”اسانجي وڏن کان فلسطين جي ڌرتي ڦري ويئي هئي، پر اسان جي ايندڙ پيڙهي فلسطين کي آزاد ڪرائي پوءِ سُک جو ساھ

ڪٽندي.“ تقرير ڪان پوءِ نبيل سيني ڪي سامهان ڏکڻ ڏانهن منهن ڪري عهد ڪرڻ ۽ فلسطين واپس ورڻ جو عزم ڪرڻ لاءِ چيو، جو انهيءَ پاسي اها ڌرتي هئي، جنهن ڪي آزاد ڪرائڻو هو. مونکي انقلاب جي ذائقي جي چاڻ تي ويئي هئي. مون پنهنجي ڀليءَ سارا کان بہ انقلاب جو سبق سکيو هو، جو هوءَ بہ مون جيان ڪاري هئي، ۽ اسان سدائين گڏ رهنديون هيوسين. مان هن لاءِ هنڌ ۽ ڪپڙا ٺاهيندي هيس، ڪيس وهنجاريندي هيس ۽ سندس وارن ۾ برش ڦيرائيندي هيس. سارا منهنجو ٻچڙو هئي. جڏهن هن ٻچا ڪيا، تڏهن مون دائيءَ جيان ڪم ڪيو. مونکي سندس ٻچا بہ ڏاڍا وڻندا هئا. جڏهن انهن ٻچن مان هڪ مري ويو تہ مون باقائدي ان جو جنازو تيار ڪيو، دفن ڪيو، ۽ روز مان انهيءَ جي قبر تي وڃي دعا ڪندي هيس. پوءِ هڪ ڏينهن مون ڏٺو تہ هڪ ڇوزو، انهيءَ ٻچي جي قبر تي رکيل گلن کي کائي رهيو آهي. مون پنهنجي ننڍپڻ جي ڪاوڙ ۾ انهيءَ ڇوزي کي جهلي، منڍيءَ کان مروڙي ڇڏيو. هاڻي امان ضد ڪيو تہ يا تہ ٻليءَ جا ٻچا ڪنهن کي ڏئي ڇڏجن، يا ڦِٽي ڪري ڇڏجن. مان ڏاڍي عذاب ۾ هيس. امڙ جو چيو بہ موٽائي نٿي سگهيس. نيٺ مون اهڙا گهر ڳولي لڌا، جيڪي انهن ٻچن کي پيار سان رکن. ائين اِهو جهيڙو پورو ٿيو- پر اجا معاملو ختم نہ ٿيو. منهنجي ٻليءَ کي وري پيٽ ٿي پيو. امان فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ هوءَ گهر کي ويم گهر ۾ تبديل ٿيڻ نہ ڏيندي. امان مون کان لڪائي ٻليءَ کي ٻوريءَ ۾ بند ڪيو، ۽ مامي کي چيو تہ شهر کان ٻاهر ڦٽي ڪري اچي. مونکي خبر پئي تہ ڏاڍو رُنس رڙيس، پر منهنجي ڪنهن نہ ٻڌي- ۽ ايندڙ سال تائين مون وٽ ڪابہ ٻلي نہ هئي.

1954ع جي سياري ۾ مان ڏهن سالن جي ٿي ويس. اسڪول کان موٽندي مونکي پنهنجي ٻلي سارا نظر اچي ويئي. هوءَ هڪ ڊنل عمارت ۾ ڏاڍي شان سان ويٺي هئي. مون جيئن ئي سارا کي ڏٺو، مون کان تہ ساهہ ڪٽڻ ئي وسري ويو. مان هن ڏانهن ڊوڙيس، چڱيءَ طرح يقين نہ هيم تہ پڪ سارا ئي آهي. پر نہ، هوءَ سارا ئي هئي. اسان وڇڙيل ڏاڍي پيار سان ملياسين. سڄو گهر سارا کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. هر ڪنهن سارا کي هنج ۾ کڻي پيار ڪيو. چنچر ڏينهن استاد چيو تہ ڪو مضمون اهڙي واقعي تي لکو، جيڪو توهان کي زندگيءَ ۾ پيش آيو هجي. مون سارا وارو قصو لکيو، ۽ آخر ۾ لکيم تہ جيئن سارا پنهنجي گهر موٽي آئي آهي، تيئن اسان بہ هڪ ڏينهن پنهنجي وطن ورنداسين. منهنجو استاد، جيڪو پاڻ بہ فلسطيني هو، مون ۾ فلسطين کي واپس وٺڻ لاءِ معجزي جهڙي روپي بجاءِ سائنسي روپي جي تلقين ڪئي، پر اها ڳالهہ اجا منهنجي شعور جو حصو بڻجي نہ سگهي هئي.

(3)

انقلاب جي ينيث کي سرد ڪرڻ، عرب جي ڪاري سون تي پنهنجا ڏند تيز ڪرڻ، ۽ پنهنجي دفاعي معاملن کي بهتر بڻائڻ خاطر، اسرائيل جي خالق ۽ محافظ، امريڪا 1950ع جي شروع ۾ ئي، هن علائقي ۾ نيٽو سرگرميون شروع ڪري ڏنيون. ڊلز، مارچ 1953ع ۾ وچ اوڀر جو دورو ڪيو. آمريڪا پاڻ ميڪارٿزم جو شڪار هئي. ڊلز جو منصوبو اِهو هو تہ اسان کي ڪميونسٽن کان بچائڻ لاءِ آزاد دنيا جا آزاد رهاڪو، سڄي دنيا کان چورائي سگهي. تنهن ڪري هڪ طرف نيٽو جون سرگرميون هيون، تہ ٻئي طرف عرب- اسرائيل تنازعي کي ختم ڪرائڻ لاءِ اهڙيون ڪوششون، جيڪي مغربي سامراجي تسلط کي سڄي علائقي ۾ برقرار رکي سگهن.

ڊلز جي انهيءَ ڪوشش جو جواب اسان جي نسل پاران انڪار جي صورت ۾ هو. سيئي طبقا انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار هئا تہ ڊلز منصوبي کي ناڪام بڻايو وڃي. بيروت يونيورسٽيءَ کي مرڪز ڪيو ويو. عرب يوٿ موومينٽ جي نالي سان آزاديءَ جي جدوجهد جي شروعات نوجوانن ڪئي. اِهي نوجوان، هٿياربند فوجن جي تنظيمي قطار ٽوڙي اڳتي وڌيا، ۽ سامراجيت مرده باد جا نعرا هڻندا، ڊلز ڏانهن وڌيا. هاڻي تہ هر قسم جي قوت حرڪت ۾ اچي ويئي. ڪيترائي شاگرد پڪڙيا ويا، ۽ سوين شاگرد گهوڙن جي هينان چيپاٽيا ويا. منهنجو ياءُ محمد مظاهري ۾ شامل هو. گهر اچڻ سان هن سڄو احوال ٻڌايو.

سڄي ملڪ ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي ڪيفيت ڇانئجي ويئي. اسانجي پنهنجي سپاهين، پنهنجن نوجوانن کي چيپاٽيو هو. ڦٽ تي لوڻ جو ڪم وري بيروت يونيورسٽيءَ ۾ حسن ابواسماعيل جي قتل ڏنو. هاڻي ماٺهن کي آمريڪي اشتراڪ ۽ بغداد پيڪٽ جو مطلب سمجهہ ۾ اچي ويو. هو تہ اسان کي وڌيڪ سوگهو ڪرڻ لاءِ بغداد پيڪٽ جي صورت ۾ اسان مٿان ڪوريئڙي وارو ڄار اُڻي رهيا هئا. حسن جو قتل تہ اجا بہ افسوس جهڙو هو، جو هڪ تہ اهو بيروت يونيورسٽيءَ جي سامهون ڪيو ويو، ٻيو تہ يونيورسٽي انتظاميہ فقط احتجاج رجسٽر ڪرڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. هاڻي ماٺهن اڳيان مغربي جمهوري ادارن جي اصليت بہ واضح ٿيڻ شروع ٿي ويئي.

پنجاهہ واري ڏهاڪي جو اِهو ڊرامو پنهنجي عروج تي تہ سوئيز جنگ، يعني 1956ع ۾ وڃي پهتو. برطانيہ ۽ فرانس اسرائيل جي سهڪار سان مصر تي انڪري ڪاهہ ڪئي جو، ناصر کي لاهي، عربن تي هڪ بظاهر امن منصوبو مڙهيو وڃي.

25 مئي 1950ع جو اُهو اعلان، جنهن ۾ ٽن وڏين طاقتن، برطانيہ، فرانس ۽ آمريڪا، وچ اوڀر جي ملڪن جي سياسي ۽ علاقائي آزاديءَ جي ضمانت ڏني هئي؛ ۽ اهو اعلان بہ ڪيو هو تہ، جيڪڏهن ڪنهن

تي ڪائي آفت، حملو، مصيبت آئي تہ ان جي مدد بہ ڪئي ويندي. انهيءَ اعلان جي خلاف ورزي تہ بہ وڏيون طاقتون برطانيہ ۽ فرانس سڌو سنئون ڪري رهيون هيون، جڏهن تہ آمريڪا وري اسرائيل جي حوالي سان.

انهن ڳالهين سبب سمورا عرب ملڪ، آمريڪي ڪئمپ جي ڪنين هيٺان لِڪڻ وارا چوزا نہ ٿي سگهيا، پر واضح تفرقو پوڻ لڳو. ناصر ڏانهن لاڙو رکندڙ قومي خودمختياري ۽ نيشنلزم ۽ نوري جي بغداد ڏانهن لاڙو رکندڙ انقلاب دشمن قرار ڏنا ويا.

اسان سڀ ڊلز، ايڪ، ميڪميلن، بن گوريان ۽ موشي دايان جا ٿورائتا آهيون جو، سندن سازش ڪارڻ ئي اسان سياسي طور تي سجاڳ ٿياسين. هن جي بہ طرفي ۽ بہ اڪيائيءَ وارين پاليسين اسان کي سماجي بنياد جي ڳولا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو- هاڻي عربن کي پنهنجي اندرين دشمنن ۽ دوستن ۾ فرق ڪرڻ جو هنر بہ اچي ويو هو، ۽ پنهنجي ٻاهرين دوستن ۽ دشمنن سان سلوڪ ڪرڻ بہ سکي ويا هئا.

---

# تعليم ۽ انقلاب

”ماڻهو آزاد پيدا ٿيو آهي، پر هر طرف اهو قيد آهي.“ (روسو)

1955ع تائين مان ، موجوده مسئلن ۽ مستقبل جي منصوبن کان گهٽي حد تائين واقف ٿي چڪي هيس. بهار جي مند ۾ مونکي ابتدائي اسڪول سرٽيفڪيٽ مليو، ۽ هاڻي منهنجو ارادو سيڪنڊري اسڪول وڃڻ جو هو. مان يارهن سالن جي هيس، ۽ اسرائيل جي عمر ست سال هئي. اسان اسرائيل جي ستين سالگره بہ سامراجيت، يهوديت ۽ عرب رجعت پرستيءَ خلاف نعرا هڻندي، ۽ پنهنجي جلاوطنءَ جو ماتم ڪندي گذاري- انهن ستن سالن ۾ اسرائيل اندرئين استحڪام، افرو ايشيائي آباديءَ کي يهودين سان ملائڻ ۾ گذاريا. 1954ع ۾ موشي شيرٽ، امن جا وڏا وڏا دعوا ڪيا، پر يهودي قزاقن حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو، ۽ بن گوريان اقتدار ۾ آيو. شيرٽ جي تختي اونڌي ٿيڻ کان اڳ، حڪومت ڊپلوميسيءَ جي تاريخ ۾ انتهائي خوفناڪ منصوبي تي عمل ڪري رهي هئي. انهي منصوبي جو نالو هو ”ليون افيئر“ ۽ بنيادي مقصد اِهو تہ، مصر ۾ موجود آمريڪي ۽ برطانوي سفارت خانن ۾ مغربي دفاعي مفادن کي بمن سان اُڏايو وڃي، جيئن مصر جي حڪومت کي ڪمزور سمجهڻ جو اعتبار اچي. جيئن اسرائيل کي تحفظ ڏيڻ وارا جميل رهن ۽ سوڊان مان پنهنجون فوجون نہ گهرائين. اسرائيلين جو خيال هو تہ، هو انهيءَ منصوبي جو گند مصرين تي هٽائيندا. پر سندن بدقسمتي هئي جو، هو سڀ سميت جهلجي پيا. منصوبو پڌرو ٿي پيو، ۽ ”ليون افيئر“ اسرائيلي سياست کي ايندڙ ڏهن سالن تائين لوڏي رکيو.

اسرائيل جي توسيع پسنديءَ جي شروعات تہ 1949ع جي روڊز معاهدي تحت غير فوجي علائقن ڏانهن پنهنجا هٿ وڌائڻ ۽ اسرائيل مان عربن جي لڳاتار نيڪاليءَ مان ظاهر هئي. تنهن کان سواءِ جيڪي عرب اسرائيل ۾ رهجي ويا هئا، تن کي دٻائي بہ توسيع پسنديءَ جون نيون راهون تلاش ڪيون پئي ويون. هڪ بيو اهم واقعو، وڏي تعداد ۾ عربن کي نيڪالي ڏيڻ جو هو. انهيءَ جي شروعات 15 آڪٽوبر 1952ع تي ٿي، جو ان ڏينهن ڳوٺ ڪبيا تي ڪاھ ڪئي ويئي- ۽ انهيءَ جو انت 28 فيبروري 1955ع تي ٿيو، جڏهن اسرائيلين غزا جي پٽيءَ تي حملو ڪيو. مصرين جون ناهيل سموريون حد بنديون ٽوڙيون ويون، ۽ ڏيڍ سئو کان وڌيڪ ماڻهن کي ماريو، يا زخمي ڪيو ويو. انهيءَ حملي جو اثر اميد مطابق نہ ٿيو. ناصر پنهنجون فوجون پوئتي نہ هٽايون، پر هن سڄي عرب دنيا کي گڏ ڪيو. 1955ع جي سرءُ جي مُند ۾ ناصر هٿيارن حاصل ڪرڻ جو مشهور ناهہ چيڪوسلواڪيا سان ڪيو. ائين هن اولهہ جي انهيءَ حاڪماڻي انفراديت کي ٽوڙيو، تہ اولهہ ئي وچ اوڀر کي هٿيار ڏيئي سگهي ٿو، ۽ انهيءَ نموني پين عربزم تحريڪ جي شروعات ٿي.

انهن واقعن کي سمجهڻ ۾، اسڪول ويندڙ ٻارن مان ڪوئي مشڪل سان اهڙو هوندو، جنهن کي تڪليف ٿي هوندي. مون اهي سمورا واقعا ياد ڪري ڇڏيا هئا. هاڻي منهنجي گهر جي اقتصادي حالت ۽ گهر جي عام حالت بہ پهرين کان گهڻو چڱو هئي. هاڻي اسان وٽ ٽن ڪمرن جو اپارٽمينٽ هو، ۽ بک بہ هاڻي ڪو خطرو نہ رهي هئي. سبب اِهو هو تہ، منهنجون بہ ڀينر محنت ڪري رهيون هيون، ۽ امان بہ دانشمنديءَ سان ڪنهن ڏنڌي ۾ ڏوڪڙ سيڙايا هئا. اسان محسوس ڪيو تہ عرب، فلسطين کي آزاد ڪرائڻ

لاءِ ضرورت ڪان ڪجھ وڌيڪ سرگرمي ڏيکاري رهيا آهن، پر اسان هڪ الله ڪري، نيشنلسٽ تحريڪ سان رهياسين.

26 جولاءِ 1955ع تي ناصر سوئيز واھ کي قومي ملڪيت ۾ وٺي، عرب راڪاس جي جاڳڻ جو اعلان ڪيو. اولھ ڏانهن اها پهرين تکي نظر هئي، جنهن کي عرب عوام جي ڀرپور حمايت حاصل ٿي. اولھ کي انهيءَ ڳالھ تي وڌيڪ ڌڪ لڳو، جڏهن هن اهو ڏٺو تہ عرب ڀائلٽ، اولھ جي هم عصرن کان وڌيڪ سٺي نموني سوئيز واھ جو انتظام هلائي سگهن ٿا.

دنيا اکيون ڦاڙي اهو سڀ ڪجھ ڏٺو. ٽئين دنيا جي ملڪن پنهنجا عيوضي قاهره موڪلي، حمايت ۽ ساٿ جو يقين ڏياريو. جڏهن آسٽريليا جو وزير اعظم، واهن کي استعمال ڪرڻ وارن جي تنظيم جي صدر جي حيثيت سان قاهره پهتو تہ ناصر نہ فقط سڌي سنئين انڪار جي صورت ۾ جواب ڏنو، پر ڪيس واپس اماڻي ڇڏيائين. عرب دنيا ناصر جي انهيءَ قدم کي بہ عزت ۽ احترام سان ڏٺو. يورپ ۽ آمريڪا ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويا، پر ٽئين دنيا جو عظيم رهنما ناصر ٿي ويو هو. پوءِ مصر تي اهو حملو ڪيو ويو، جنهن کي 20 آڪٽوبر 1956ع جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. پر ناصر هاڻي بہ طاقت ۽ سوئيز واھ کي پنهنجي هٿ وس رکيو. جڏهن تہ اسرائيل برطانيہ ۽ فرانس سان اِها سازش ڪئي هئي تہ ناصر جو تختو اونڌو ٿيڻ کان پوءِ عربن جي قسمت وري گردش ۾ ايندي، ۽ اسان جي دنيا تي وري سامراجي سازشن جو جار حڪمراني ڪندو- سرءُ جي اها رُت منهنجي نندپڻ جو سڀ کان وڌيڪ ياد رکڻ وارو زمانو آهي. اسان پهريون ڀيرو فخر ۽ اعتماد جي روح کان واقف ٿياسين.

1956ع کان 1959ع تائين وارا سال، منهنجي سياسي تربيت وارا سال آهن- منهنجي وڏي ڀيڻ ذفير ۽ رهاب تہ اڳ ئي 56ع ۽ 57ع ۾ عرب نيشنلسٽ مووومينٽ جون ميمبر ٿي چڪيون هيون. مون 57ع ۾ مووومينٽ سان لاڳاپا قائم ڪيا. مونکي ان وقت تائين اِها ڄاڻ هئي تہ مووومينٽ جي ڪارڪن هئڻ جو مطلب اهو آهي تہ ٿوري گهڻي تقرير ڪري سگهو، ضرورت پوي تہ مظاهري ۾ شريڪ ٿيو. پمفليٽ لکو ۽ ورهايو. اها خبر تہ مونکي پوءِ پيئي تہ مووومينٽ تہ ڳالھ ئي ٻي آهي.

1957ع ۾ مووومينٽ تيز ٿيڻ جو سبب اهو هو تہ اهو افواھ اُٿيو هو تہ ترڪي شام تي ڪاھ ڪري، شام جي ترقي پسند حڪومت جو تختو اونڌو ڪري، آمريڪا جي دخل اندازي وڌائڻ تي گهري. مان جيئن تہ اجا شروعاتي ڪلاس ۾ هيس، تنهنڪري مون ڀينرن کي معلومات ڏيڻ لاءِ چيو. هنن انڪار ڪري ڇڏيو تہ مان اجا مووومينٽ جي باقائدي ميمبر نہ ٿي هيس- البت 1958ع ۾ لبناني فوج پاران آرٽلري فائر ڪارڻ ميمبر ۽ غير ميمبر جو فرق ڪيو ويو. سَور جو گهيرو ڪيو ويو. فلسطينين ۽ عربزم جي ڪوڙن دوستن تارا ڏيکارڻ شروع ڪيا، جو ان وقت يو-اي- آر وجود ۾ اچي چڪو هو. پنهنجي ڪِرندڙ طاقت کي سنڀالڻ لاءِ عراق ۽ اردن جي دشمنن هڪ الڳ ڪنفيڊريشن اولھ جي اشاري تي ناهي. سيني عربن ۾ ڦيٽارو وڌو ويو. ڀين عربزم، علاقائي سلامتيءَ جي مقابلي ۾، انقلاب، انقلاب جي مخالفت جي مقابلي ۾: قاهره، بغداد جي مقابلي ۾: جهڙا نعرا هنيا ويا. انهيءَ سياسي سرگرميءَ جي زماني ۾ لبناني صدر چمون، اولهاين طاقتن جي لاڏلي هئڻ جي حيثيت ۾، ٻيو دفعو صدر ٿيڻ لاءِ چوندن جو ڍونگ ڪيو. عرب نيشنلسٽ مووومينٽ ۽ ٻين طاقتن، جي ترقي پسند هيون يا رجعت پسند، سيني چمون جي آئيني تبديليءَ کي روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. اندروني وڳوڙ وڌيو، نصيب المتني، عرب سياسي ايڊيٽر جي قتل کان پوءِ، سول وار اجا بہ تيز ٿي ويئي.

جيتوٽيڪ مون، 1952ع کان 1958ع تائين مظاهرن ۾ حصو ورتو هو، پر مون حيفا ۾ پنهنجي گهر جي سامهون قتل ٿيندڙ ماڻهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه اهڙو واقعو نه ڏٺو هو. **حلاوا** کي ان وقت مرندي ڏٺم، جڏهن سندس باغي ساٿي ڪيس ڪلهن تي کڻي بينا هئا. **محمد قاسم** کي ان وقت ماريو ويو، جڏهن انتظاميه سَور تي به ڪرفيو لاڳو ڪرڻ گهريو، ۽ محمد قاسم ان جي مخالفت ڪئي. جڏهن ته مان محمد قاسم کي پٿر کڻي ٿي ڏنا هٿڻ لاءِ. جڏهن محمد قاسم تي حملو ڪيو ويو ته، مان رڙيون ڪندي مدد لاءِ ڊوڙيس. هن جي قاتل پيٽ کي ميڙي، ڪار ۾ رکيو ويو ۽ آپريشن ٿيٽر مان ڊاڪٽر ڳوڙها اگهندو ٻاهر نڪتو. مون کي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن ڪامريڊ جي هيئن وچڙڻ جو ڏک ٿيو. مان ڪيترن ڏينهن تائين رئندي رهيس. شهر مان انهن ٻنهي ڪامريڊن جا جنازا ڏاڍين رڙين ڪُوڪن سان ڪڍيا ويا. پر اها ته هڪ نئين جيون جي شروعات هئي. هڪ صبح جو چميون جون فوجون، آمريڪي هٿيارن جو اشتهار ٻڌيون، اسان جي شهر کي فتح ڪنديون اڳتي وڌيون. سڄي سرگرمين ۾ مون کي ڪابه اهڙي رات ياد ڪانهي، جڏهن آرام جي ننڊ ممڪن ٿي سگهي هجي.

## مان 13 سالن جي مجاهده هيس. ۽ منهنجي خواهش هئي ته، مان سنئي سپاهيءَ جيان ياد ڪئي وڃان.

لبنانين ۾ قوت پيل هئي. ياءُ، ياءُ جو دشمن ٻڌيو بينو هو. غير ملڪي سازشن ڪارڻ، ڏيهي ماڻهو رانديڪا ٿي پيا هئا. 16 جون 1958ع تي آمريڪي ميرينز لبنان ۾ لٿيون، ۽ ان کان فقط به ڏينهن پوءِ ماڻهن حشتمني خاندان کي اقتدار مان هٽائي، نورالسعيد ۽ عبدالله (ٻيئي برطانيه جي خريد ڪيل ايجنٽن جيان هئا.) کي سزا ڏني. لبناني عوام ڇهين بحري ٻيڙي جي غضبناڪ پڄاڻي ڏني. آمريڪا لاءِ نوري ۽ سندس چاڙتن کي هاٽي حڪومت هٿ ڪري ڏيڻ ناممڪن ٿي پيو هو. پر اهي لبنان ۾ ئي رهيا. سول وار ۾ وڇوٽي پيدا ڪيائون. عرب سياسي مبصرن ان کي ”نه فتح نه شڪست“ جو نالو ڏنو.

1958ع جي گرمين جي مند ته وري به سانتيڪي رهي، پر ڪٿي بمباري زور وٺندي هئي ته، اسان جي ڪاڏي جي سپلائي رڪجي ويندي هئي. هڪ لڳان اهو ٿيو ته، هڪ پاسي ته اسان جي خوراڪ جي سپلائي بند ٿي ويئي، ۽ ان کي چڱا ڏينهن لنگهي ويا، ۽ ٻئي پاسي ٻمن جي وسڪاري ساه ڪڻڻ نٿي ڏنو. بک وگهي ماڻهن جا حوصلا خطا ٿيڻ لڳا. اسان جي گهر ۾ ڏه ڪلو اٽو ايندو هو. مون انهيءَ سموري اٽي جون مانيون پچائڻ جو فيصلو ڪيو. پر پوءِ مون سمورو اٽو ماني ٻڄاءِ، زيتون جي تيل ۾ پُڄي حلوي جهڙو ڪجھ ناهي، ان جون مانيون ناهيون. اهي ورهائيندي مون کي حضرت عيسيٰ جا اُهي معجزا ياد آيا ته، جيترو خرچ ڪندو ويندو، اها شيءِ اوتري وڌندي ويندي هئي. ورهاست مهل مون کي ڏاڍي مشڪل سان منهن ڏيڻو پيو. هر ڪنهن اهو ٿي سمجهيو مان دشمن جي ڪيمپ مان آهيان. گوليون زوڪات ڪنديون ٿي هليون، ۽ مون کي مانيون مجاهدن ۾ ورهائڻيون هيون. مون رڙ ڪري چيو، ”گوليون بند ڪيو، منهنجي مٿي تي مانيءَ جو ٿالهه آهي.“ انهن مان هڪ ڪامريڊ مون کي سڃاڻي ورتو. هن في الحال حملو ڪرڻ کان روڪيو. مان ڊوڙندي سڌو ڏانهس ويس، ڪائڻ لاءِ ماني ڏني مانس، ۽ ائين جنگ جو هڪ ٻيو منظر منهنجي ذهن ۾ محفوظ ٿي ويو.

هڪ ٻيو سبق به مون انهيءَ جنگ مان پرايو. جڏهن به ڪو لبناني سپاهي پاٽيءَ لاءِ مون وٽ ايندو هو ته، مان کيس چوندي هيس، ”پاٽيءَ بجاءِ مان توکي زهر ڏينديس، جو تون اسان جي ماڻهن کي قتل ٿو ڪرين.“ هو ڪلي چوندو هو، ”اسان کي حڪم مليو آ ته گولي هلايو سو اسان گولي هلايون ٿا. پر اسان

ڪنهن کي نشانو نٿا بڻايون. اسان تہ توهان جي ماڻهن کي پنهنجي حد اندر رهڻ لاءِ گولي ٿا هلايون. پنهنجي ساٿين کي چئو تہ اڳتي وڌڻ ڇڏي ڏين، نہ تہ اسان هنن کي پورو ڪرڻ لاءِ مجبور هونداسين.“

مون اها ڳالهہ ٻڌي، ٿُڪ اڇليندي چيو هو، ”اها سڀ بڪواس آهي. ڪيس پاٽيءَ جو هڪ ڊڪ بہ ڏيڻ نہ گهرجي.“ پر امان سندس ڳالهہ کي سچ سمجهي ڪيس پاٽي ڏنو. مون امان کي چيو، ”امان، اسان کي گهرجي تہ هن کي جنگي قيدي بڻايون.“ هن اهو ٻڌي بندوق جو رخ مون ڏانهن ڪندي چيو، ”جيڪڏهن همٿ اٿئي تہ منهنجي پاسي واري شهر تي حملو ڪري ڏيکار!“ امان هن کي سمجهائيندي چيو تہ، هو ائين گوليون نہ هلائين. هن بہ امان کي اهوئي چيو تہ، لبنان سندس ڌرتي آهي، هو انهيءَ کي هيئن تباهہ ٿيندي نٿو ڏسي سگهي.

1958ع جي جنگ ۾ خدمتن جي بدلي مون اهو ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ، هاڻي مان عرب نيشنلسٽ موومينٽ ۾ ڪارڪن جي حيثيت سان شامل ٿي سگهان ٿي. امان کي ڏاڍو اعتراض هو تہ، ڇوڪريون سياست ۾ حصو وٺن. سندس خيال هو تہ، جيئن تہ گهرو ويڙهہ ختم ٿي چڪي آهي، تنهن ڪري هاڻي سياست فقط مَردن جو ڪم هئڻ گهرجي. يعني، سندس خيال ۾ محمد مرد هو تہ، سياست ڪيس سونهين ٿِي. امان جو خيال هو تہ اسان مان جيڪڏهن ڪنهن سماجي قيد ٽوڙيا تہ قيامت اچي ويندي، جو هوءَ سياست ۾ آيل ڇوڪرين جا، پاڙي وارين ڪان اسڪينڊل ٻڌي نہ سگهندي. منهنجي ڀينرن امان کي يقين ڏياريو تہ، هو بالغ آهن، ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري ڄاڻن ٿيون. تنهن ڪان سواءِ، هنن اهو بہ چيو تہ، انهيءَ نصب العين سان لاڳاپيل ماڻهو، ڇوڪرين ۽ خاص ڪري ڪامريڊ ڇوڪرين کي ڪجهہ نہ ڇوندا آهن، پر سندن خاص خيال رکندا آهن.

آخر بابا ۽ محمد جي وڪالت اسانجي ڪم آئي، ۽ منهنجي ڀينرن جو سياسي ڪم جاري رهيو. فلسطيني مهاجرن ۾ بہ پنجاهہ سيڪڙو عورتون هيون. اسرائيل پنهنجي سمورين عورتن جي جنگي بنيادن تي فوجي تربيت ڪئي هئي. تنهنڪري ضروري هو تہ فلسطيني عورتون بہ جنگي تربيت ڪان واقفيت رکن. امان جي لڳاتار ڪاوڙ کي ڏسي، نيٺ بابي هڪ ڏينهن پڇيو، ”تون فلسطين کي آزاد ڏسڻ گهرين ٿي؟“ ”ها ها- ڇونہ.“ امان هڪدم جواب ڏنو، هاڻي محمد جو وارو هو، ”تہ پوءِ تون پنهنجي ڌيئرن جي سياست ۾ حصو وٺڻ تي اعتراض ڪري ئي نٿي سگهين.“ امان چيو، ”مان ذفيہ ۽ راهاب جي حصي وٺڻ تي اعتراض نٿي ڪيان، پر هي فتنو، (مون ڏانهن اشارو ڪندي) هن ذرڙيءَ کي تہ گهر ۾ رهڻ کپي.“

مان انهيءَ سوديبازيءَ ۾ قربانيءَ جو ٻڪر ٿيس، نيٺ اها زنجير ٽُٽي، ۽ ڇوڪريون سياست ۾ حصو وٺڻ لڳيون. جيئن تہ منهنجون ڀينر سياست ۾ حصو وٺي رهيون هيون، تنهنڪري دير- سوير منهنجي سياست ۾ حصي وٺڻ جي ڳالهہ ناممڪن نہ هئي.

1959ع ۾ جڏهن مان عرب نيشنلسٽ موومينٽ جي باقائدي ميمبر ٿيس، تڏهن امان منهنجي گڏجاڻين ۾ وڃڻ تي اعتراض ڪيو. مان امان کي ناراض بہ نٿي ڪرڻ گهريو. مون چيو تہ، مان تہ فقط موومينٽ جي سهڪاريءَ جي حيثيت سان ويندي آهيان، ميمبر تہ مان آهيان ئي نہ. پر امان کي اعتبار نہ آيو.

هڪ رات نهايت اهم گڏجاڻي هئي. مونکي ضرور وڃڻو هو. پر امان کي يقين ڏيارڻ لاءِ تہ، مان ڪيڏانهن نٿي وڃان؛ تڙ ڪيم، رات وارو پائجامو پاتم ۽ سمهي پيس. اڌ رات جو، ٻارهن ۾ ڪجهہ منٽ

هئا جو مون چيو، ”امان مونکي ننڍ نٽي اچي، مان پاڙي ۾ سهيليءَ ڏانهن ٿي وڃان.“ امان مونکي اجازت ڏيئي ڇڏي، ۽ مان وڏيون وڏيون وکون کڻندي سوليڊرٽي ڪلب وڃي پهتس.

سڀ ماڻهو مون کي پائجامي ۾ ڏسي حيران ٿيا، ۽ انهيءَ کي منهنجي بي حيائي ٿي سمجيائون، ۽ مونکي اخلاقي حدون اورانگهڻ تي گهڻ وڌ ڳالهايائون. ڪجهه رجعت پسندن ته منهنجي پائجامي کي جنس جي دعوت به چيو. گڏجاڻيءَ ۾ مان ڪاوڙ ۾ ويٺي رهيس، جو منهنجي گهرو مجبورين کي نه سمجهندي: ماڻهن پنهنجي مردانگي ظاهر ڪرڻ لاءِ هر ڪميني حرڪت ڪئي. مون سوچيو، اجا پاڻ ذهني طور تي آزاد ناهيون. اسان فلسطين ۽ عرب ڌرتيءَ کي ڪيئن آزاد ڪرائي سگهنداسين!

امان کي منهنجي انهيءَ چوريءَ جي خبر نه پئي. پر هن جلد ئي مونکي سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. مان اٽڪل ڏهه سال عرب موومينٽ ۾ بهرو وٺڻ کان پوءِ، عورتن لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ جو ماحول پيدا ڪري سگهيس.

سيڪنڊري اسڪول جي تعليم لاءِ مون ڇوڪرين جي سائره اسڪول ۾ داخلا ورتي. مونکي نئين نئين آزاديءَ جي مستي به هئي، پر گڏوگڏ اها مصيبت به هئي ته، گهٽ ۾ گهٽ ٻه سال رهي امتحان ڏيو، تڏهن وڃي سرٽيفڪيٽ ملندو. انهيءَ جو مطلب اهو هو ته، مونکي ٻن سالن تائين سياسي سرگرمين کان پاسو ڪرڻو پوندو. پر تعليم کي سياسي ساڃاهه لاءِ ضروري سمجهي، مون پاڻ سان عقلي ناهه ڪيو.

1960ع جي سرءُ جي رُت گڏيل قومن لاءِ بين الاقوامي گڏجاڻيءَ جو سال هو. انهيءَ سال وڏين طاقتن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ گهٽ هئي. صدر ناصر گڏيل قومن جي اداري ڏانهن ويو. هاڻي هو 1956ع جي پيٽ ۾ نرم ٿي لڳو. انقلاب مٿان ڊپلوميسي حاوي پئجي ويئي هئي. ٽئين دنيا جو اوڀر هاڻي ٺڏو ٿي ويو هو. فقط الجزائر ۾ انقلاب جي فسادن جو ماحول هو. مونکي ان نئين سياسي ۽ سماجي ماحول سان نهٺو هو، ۽ ڪنهن انقلابي مسيحا جو انتظار ڪرڻو هو. پر نومبر 1967ع تائين پاپولر فرنٽ نه نهيو هو.

سائره اسڪول ۾ ڪم گهٽ ۽ سوچڻ لاءِ گهڻو وقت هو. ان وقت مان به فلسطيني سياست ۾ بلڪل ٻڏل نه هيس. اسڪول جو سڄو ماحول سياست جو مدفن هو. مونکي 12 ٻين ڇوڪرين سان گڏ هاسٽل ۾ جاءِ ملي هئي. انهن ۾ فقط چند فلسطيني هيون، جن سان ڳالهه ٻولهه ٿي سگهندي هئي. پر انهن سيني لاءِ فلسطين فقط بس هڪ وسريل ياد هئي. جنهن سان هنن کي ڪابه دلچسپي نه هئي. هنن کي ته فقط تعليم حاصل ڪرڻي هئي، جيئن پوءِ ڪين سنو مڙس ملي سگهي. مون انهن ڇوڪرين سان وڌ ۾ وڌ گهاٽي ٿيڻ ۽ گڏ رهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪوبه نتيجو نه نڪتو. مون کي لڳندو هو ته، مان ٻارهن ڇوڪرين سان گڏ رهندي به اڪيلي آهيان. هتي هڪ ٻي به مون جيان اڪيلي ڇوڪري رهندي هئي. مس ميڪ نائٽ، آمريڪي ڪاري ڇوڪري هئي، جيڪا آمريڪا کان هتي پڙهائڻ آئي هئي. مان سندس هتي اچڻ تي، ان وقت تائين اچرج ۾ رهيس، جيسين مونکي ان جو ڪارڻ معلوم نه ٿيو. لبنان ۾ هن سان انسانن جهڙو سلوڪ ٿيندو هو، ۽ عرب دنيا ۾ جيڪو رتبو استادن کي حاصل آهي، اهو کيس به حاصل هو. جڏهن ته آمريڪا ۾ کيس گهٽ درجي جو شهري سمجهيو ويندو هو.

مس ميڪ نائٽ ۽ مان، لاشعوري طور تي دوست ٿي ويونسين. ٻه ڪاريون عورتون، مان ۽ مس نائٽ، هڪ ٻئي جي آرام جو خيال رکڻ لڳيوسين. مس نائٽ هئي به ڏاڍي پياري عورت. سدائين مرڪندڙ، سني سياءَ واري. مون لاءِ ته وڏي ڀيڻ واري پناهه ۽ نمونو هئي. هوءَ حيران ٿي ويئي: جڏهن مون يهودين لاءِ سخت نفرت جو اظهار ڪيو. هن مونکي چيو ته، هيئن بنا سوچڻ سمجهڻ جي اعلان ڪرڻ نه

گهرجي. هن چيو ته، يهودي صيهونيت زده نه هوندا آهن، پر اينٿي زايونسٽ به هوندا آهن. اهو نُڪتو مون پنهنجي ذهن ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو.

بالفور اعلان ۽ اسرائيل جي سالگره جو ڏينهن ويجهو اچي رهيو هو. مون اسڪول ۾ عام هڙتال جي رٿ پيش ڪئي. بلڪل ائين، جيئن مان سَور ۾ ڪندي هيس. مس نائٽ انهيءَ خيال کي پسند ڪيو، پر هوءَ عام هڙتال جي خلاف هئي، ۽ انهيءَ جي به ته، انهيءَ ڏينهن اسڪول ۾ عام موڪل ڪئي وڃي، جلوس ڪڍيا وڃن، ۽ پوليس اسٽيشنون تباه ڪيون وڃن. دراصل هوءَ ماڻر ڪنگ اسڪول جي ٽِڏي ماحول جي گريجوئيٽ هئي. هن دشمن کي ساڃاهه اچڻ لاءِ دعا گهري. پر مان ته انقلاب جي هنج ۾ پلجي وڏي ٿي هيس.

اسان اختلافن جي هوندي به دوست رهيوسين، جو اسان ٻيئي بنيادي حقن کان محروم هيوسين. مس نائٽ عرب لبناني پرنسپل کي هڪ پرسڪون عرب ريلي، ۽ فلسطين جي حق ۾ خاموش جلوس ڪڍڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو. پر ريلي 15 مئي 1961ع تائين ملتوي ڪئي ويئي. هي اهو موقعو هو، جڏهن مون فلسطين جي مسئلي تي پهرين عوامي تقرير ڪئي.

(2)

مون فلسطين، صيهونيت جي تاريخ ۽ مستقبل جي اميدن جي باري ۾ تقرير ڪئي: ”صيهونيت سياسي ڍانچو ويهين صديءَ ۾ اختيار ڪيو. انهيءَ جا بنيادي نظريا مذهبي نظريا اهي آهن ته، ڪجهه پوڙهن يهودين بيت المقدس جي زيارت لاءِ سفر ڪيو، ۽ هو اتي ئي وفات ڪري ويا.“

”صيهونيت جو لفظ 1886ع ۾ هڪ يهودي، ابن اچڪر جي ذهن جي پيداوار آهي. هو ڪڏهن به فلسطين نه آيو هو. پوءِ وري هرزل پنهنجي پمفليٽ ۾ صيهونيت جي سياسي وضاحت ڪئي هئي. اهو به يهودي هو، ۽ سندس تعلق آسٽريليا سان هو- پر 1880ع کان اڳ، هو پنهنجي يهودي هئڻ بابت خاص سنجيده نه هو. سياسي مبصر جي ناطي، ڊرينس مقدمي دوران هو صيهوني ٿي ويو. ڪيس اِها ڪاوڙ هئي ته، فرانس هڪ سڌريل ملڪ هئڻ جي باوجود، هڪ يهوديءَ کي اهڙي ڏوهه جي سزا ڏيڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو هو، جيڪو هن ڪيو ئي نه هو. انهيءَ موقعي تي هرزل کي احساس ٿيو ته، فقط يهودي رياست ۾ ئي يهودي ماڻهو نارمل زندگي گهاري سگهي ٿو. هن پنهنجو سمورو سرمايو ۽ سمورا وسيلا يورپي جيوريءَ کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا، ۽ بيسل ۾ 1897ع ۾ پهرين صيهوني ڪانفرنس ڪوٺايائين. سندس سڄي منصوبي کي تسليم ڪيو ويو. عالمي صيهوني تنظيم قائم ڪئي ويئي، ۽

هرزل کي ان جو چيئرمين مجيو ويو. هرزل پنهنجي سپنن کي ساپيان ڪرڻ لاءِ قيصر جي مدد حاصل ڪرڻ گهري. هو استنبول پهتو ۽ سبلائم پورٽي کان مدد گهريائين، ۽ کيس چيائين ته يهودي سرمايو، علم ۽ هنر برلن ۽ استنبول جي قدمن ۾ رکيو ويندو، جيڪڏهن پورٽي يهودين کي ڏکڻ عرب، شام ۽ فلسطين ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني. پر پورٽي عربن جي ڏک ۽ ڪاوڙ کان ڊڄي، اها اجازت ڏيڻ کان نابري واري.

هاڻي هرزل کي ڪنهن ٻئي پاسي نظر ڦيرائڻي پيئي. کيس برطانيه ۾ اها قوت ملي، جنهن مصر، سوڊان ۽ خليج عرب کي سامراجي زنجيرن ۾ سوگهو ڪري رکيو هو. هن برطانيه آڏو پنهنجو مطالبو ورجايو، ۽ منطق اها پيش ڪئي ته، يهودي رياست عرب انقلاب کي روڪڻ ۾ سڀ کان اهم ڪردار ادا ڪندي. خاص طور تي سوئيز واهه ۽ ڏور اوير جا واپاري لاڳاپا محفوظ ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

شروع کان ئي اسرائيل جي وجود جو مقصد عربن کي متحد ٿيڻ کان روڪڻ هو. برطانيه کي عالمي يهودي اميرن جي اها رٿ وڻي، ۽ هن ارجنٽائن ۽ يوگنڊا ۽ علائقن کي يهودي آباديءَ لاءِ چونڊيو. جيتوڻيڪ هرزل کي يهودي آبادي فلسطين ۾ قائم ڪرڻ مناسب ٿي لڳو، پر هن في الحال يوگنڊا جي تجويز کي ئي قبول ڪيو، ۽ اها ڳالهه عالمي صيهوني تنظيم آڏو پيش ڪيائين. اِهو 1930ع جو واقعو آهي. ان کان ڪجهه وقت پوءِ ئي هرزل مري ويو، ۽ يوگنڊا پراجيڪٽ به جڻ ساڻس گڏ ئي دفن ٿي ويو.

”برطانيه مصر ۾ بحرِ روم جي ڪناري تي، اُهو علائقو، جيڪو فلسطين جي ويجهو هو، ۽ العرش جي نالي سان سڃاتو ويندو هو، يهودين کي پيش ڪيو، پر هنن اها رِٿ رد ڪري ڇڏي. (1971ع جي سرءُ جي مند ۾ اسرائيلين نه فقط سڄي فلسطين تي قبضو ڪيو، پر العرش، سينا ۽ شامل ۾ شامل گولان جي ٽڪرين تي به قبضو ڪري ورتو.) 1917ع ۾ يهودين برطانيه کان زوريءَ اعلان باالفور تيار ڪرائي ورتو. جيتوڻيڪ يهودي انهيءَ علائقي جون ڏهون حصو هئا، پر اعلان تيار ڪرڻ وارن کي اِهو اختيار هو ته، هو اقليت کي اڪثريت ۾ بدلائي ڇڏين. برطانوي طاقتور هئا، ۽ اهڙن طاقتور ماڻهن کي پسند ڪندا هئا، جيڪي سرمايو به ڏيئي سگهن. صيهوني پنهنجي مقصد لاءِ ڪيترو به معاوضو ۽ ڪوبه معاهدو ڪرڻ لاءِ تيار هئا، ۽ 1948ع ۾ فلسطينين جي لاشن مٿان اسرائيل کي قائم ڪيو ويو.

وڏين طاقتن جي سهڪار سان هو پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ ۾ سوپارا ٿيا، جو برطانيه ۽ فرانس اپرندي عرب ۾ ست رياستون قائم ڪرائي ڏنيون هيون، ۽ عربن تي اولهه جي تهذيب جا ٽرسٽ مڙهيا ويا هئا. وري سندن چاڙتن عرب نيشنلسٽ موومينٽ کي دٻايو ۽ انقلابي عمل کي ناس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو اڳتي هلي 1916ع ۾ عظيم عرب انقلاب صورت ۾ پڌرو ٿيو. 1936ع جي عام هڙتال هڪ اهڙو شاندار مثال هئي، جنهن ۾ مزدورن ۽ هارين گڏجي انقلاب جو جهندو کنيو، ۽ مٿين درجي جي ماڻهن کي، عام ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ تي مجبور ڪيو. امير طبقي عام ماڻهوءَ سان سهڪار ضرور ڪيو، پر ذاتي مفاد خاطر عام ماڻهوءَ جي قربانين کي به موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان به نه ڪيٻايو.

”اسانجي زميندارن جا ذهن کُند ۽ اسانجي سماجي ڍانچي جي تباهيءَ جا رستا، سامراجي چاڙتن جي قائم ڪيل حڪومتن ذريعي اجا به وڌيا. انهيءَ وچ ۾ صيهونين پنهنجي لاءِ هڪ ڏار نسل پرست معاشرو قائم ڪيو، جنهن ۾ يورپي صيهوني، پولش ۽ روسين حڪومت ۾ مڪمل عمل دخل رکيو. افرو ايشيائي يهودي هتي به ننڍ وڏائيءَ جو شڪار هو، ۽ يورپين جي مقابلي ۾ حڪارت جي نظر سان ڏٺو

ويندو هو. عرب، جيڪي فلسطين جا اصل رهاڪو هئا، تن کي فوجي انتظام هيٺ رکيو ويو، ۽ سَستي مزدوري حاصل ڪرڻ وارن ۾ انهن جو نالو عرب يهودين سان گڏ ايندو هو.“

مون پنهنجي تقرير آزاد فلسطين جي قائم ٿيڻ جي زور تي ختم ڪئي. مون وڌيڪ چيو ته، ”هيءَ حالت نه گهڻو وقت هلي سگهندي، نه هلڻ گهرجي.“ اسان انهيءَ ڪي عرب اتحاد ۽ فلسطين جي آزاديءَ سان ختم ڪري سگهون ٿا. اسان جا مقصد حاصل ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن يو- اي- آر کي وڌيڪ وسعت ڏني وڃي، ۽ سموريون عرب رياستون، هڪ قومي رياست ۾ گڏجي وڃن. اسان کي جدوجهد ڪرڻي آهي، هڪ عرب قوم، اتحاد، آزادي ۽ سوشلزم لاءِ. اڳ ۾ اسان کي دشمن نمبر هڪ، يعني آمريڪا کي شڪست ڏيڻي آهي، جو انهيءَ جهاز ڪيرائيندڙ ميزائيل اسرائيل کي ڏنا آهن- اسان کي پنهنجي تيل جي ذخيرن کي قابو رکڻو آهي. اسانکي فلسطين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، پنهنجي فلسطيني پائرن جي نقشِ قدم تي هلڻو آهي. ”عرب ۽ انقلابي دوستو! فلسطين زنده باد.“

(3)

منهنجي تقرير ٻڌي، شاگردن ۾ ڏاڍو جوش پيدا ٿيو. هنن ڏاڍيون تاڙيون وڄايون، ۽ منهنجي فلسطين جي تاريخ بابت ڄاڻ کان به متاثر ٿيا، ۽ عرب اتحاد لاءِ يقين ته سندن دل ۾ پيهي ويو.(ان وقت نه منهنجي ذهن ۾ اهو خيال هو، ۽ نه شاگردن جي ذهن ۾ ته، يو- اي- آر-28 سيپٽمبر 1961ع تي ختم ٿيندو.)جڏهن شام، عرب اتحاد کان مايوس ٿي، پنهنجا علائقا ڌار ڪري ڇڏيا ته، فلسطين کي آزاديءَ جو ٻيڙو پار اڪارڻ لاءِ وري نوان ونجهه ڳولڻا پيا. يو- اي- آر- جو خاتمو اسانجي اميدن جي وقتي زوال جو زمانو هو. پر ان سان گڏ ئي فلسطيني انقلاب جي آسري ڪَر کنيا. هر هنڌ فلسطيني تنظيمون قائم ٿيڻ لڳيون. ايرندي عرب ۾ اها نئين روشني هئي، جڏهن ته اولهائين عرب ۾ الجزائر جي هٿياربند جدوجهد، ڪاميابيءَ ۽ آزاديءَ جو پيغام ڏيئي رهي هئي.

انهيءَ سال بهار جي مند ۾، مون اسڪول مان امتحان پاس ڪيو، ۽ گرميون گهارڻ لاءِ سَور واپس هلي آيس، اهو به سوچيو هوم ته، سرءُ جي مُند ۾ آمريڪن يونيورسٽي بيروت ۾ داخلا وٺنديس، جيڪڏهن انٽرنس ۾ پاس ٿي ويس. انهيءَ سال عرب جي قوميت ۽ قسمت جي فيصلن جو مرڪز سَور هو. تحريڪ جيتوڻيڪ گهڻو تيز نه هئي، پر ناصر جي راڪيٽ ۽ فليٽ ناهڻ جي منصوبن سان حوصلو وڌيو ٿي. 23 جولاءِ 1962ع تي ناصر انقلاب جي ڏهين سالگره ملهائي، انهيءَ موقعي تي مصر جي ناهيل راڪيٽن، جهازن ۽ ٽينڪن جو نماءُ به ڪيو ويو. هن دنيا جي سامهون اعلان ڪيو ته مصري راڪيٽ بيروت جي ڏکڻ ۾ پهچندا. ناصر ۽ عامر پريڊ جي سلامي ائين ورتي، جيئن اسٽالن، چرچل ۽ روزويلٽ، سڀ گڏجي ناصر ۾ گڏجي ويا هجن. اسان جا حوصلا وڌيا ته، هاڻي پلا اسرائيل عربن جي مُٺ کان ڪيئن بچي سگهندو. اسان کي لڳو ته، انتقام جو وقت اچي ويو آهي. اسان کي ترڪيءَ کان به پهرين مهاڀاري لڙائي جي عام قتل جو بدلو وٺڻ جو خيال به اپارڻ لڳو.

1962ع ۾ مون کي وري عرب فلسطيني عورت هئڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو، اولهہ ۾ منهنجون پينر بن قسمن جي استحصال جي ڳالهہ ٿيون ڪن. طبقاتي ۽ جنسي. پر مون کي چئن قسمن جي استحصال سان منهن ڏيڻو هو. قومي، سماجي، طبقاتي ۽ جنسي. منهنجي خاندان ۾ زباني مساوات تہ هئي، پر جيئن سيني ترقي پسند خاندانن ۾ ٿيندو آهي، عملي طور تي اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ هئي. جيتوڻيڪ مون اسڪول مان امتحان سنين مارڪن سان پاس ڪيو، ۽ منهنجو پيءُ خالد ناپاس ٿيو، پر پوءِ اسان جي خاندان خالد کي يونيورسٽيءَ موڪلڻ ٿي چاهيو، ۽ مون لاءِ فقط هڪ لفظ ”انڪار“ هو، جومان عورت هيس. نيٺ پنهنجي ڀاءُ محمد جي ڪري مون کي 1962-63ع آمريڪن يونيورسٽي بيروت ۾ داخلا ملي، جو محمد ان وقت ڪويت ۾ انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هو. يونيورسٽي امتحان ۾ منهنجون87 سيڪڙو مارڪون آيون، ۽ هاڻي مون کي اسڪالرشپ ملي ٿي سگهي. پر هتي بہ بہ اڪيائي ٿي، ۽ مون کي اسڪالرشپ نہ ملي. پر مان امتحان پاس ڪرڻ، ۽ داخلا جي موڪل ملڻ تي ئي خوش هيس. نہ تہ عام عورتن جيان ٻار ڄڻي رهي هجان ها، شاديءَ جي جنڊ“ پيسجي رهي هجان ها، يا ڪنهن آفيس ۾ فائيلن جو بک ٿي چڪي هجان ها.

1962ع ۾ مان جڏهن بيروت پهتس تہ مون وٽ ڪل ميڙي چونڊي 50 لبناني پونڊ هئا. مون چيو تہ مان قسطن واري خاني ۾ پنهنجو نالو لکرايان- پر نہ پرنسپال راضي ٿيو نہ رجسٽرار. مون ڏاڍي ميڙ منٿ ڪئي تہ، مون کي رجسٽر تہ ڪيو، متان ڪو ٻيو منهنجي جاءِ وٺي وڃي. مون اهو وعدو بہ ڪيو تہ، ايندڙ مالي سال کان اڳ مان سموري بقايا جمع ڪرائي ڇڏينديس، پر هو راضي نہ ٿيا. منهنجي ميڙ منٿ بڌي، آفيس جي هڪ ڇوڪريءَ چيو، ”تون اهي پيسا ڪيئن پورا ڪندينءَ؟“

مون تڪڙ ۾ چيو. ”منهنجو ڀاءُ ڪويت ۾ انجنيئر آهي. مان سندس چوڻ تي داخلا وٺي رهي آهيان، اِهوئي في بہ ڀريندو.“

”وڃ، پنهنجي ڀاءُ کي تار ڪر.“ انهيءَ ڇوڪريءَ مونکي صلاح ڏني. مان تڪڙي تڪڙي شهر پهتيس. محمد کي تار ڪيم، جنهن تي ٻارهن پونڊ لڳا. هاڻي مون وٽ فقط 38 پونڊ هئا. مونکي لڳو، اها رقم بہ جلد ختم ٿي ويندي، ۽ نہ مان داخلا وٺي سگهنديس، ۽ نہ باقي ڪجهہ بچندم. مون سڄو ڏينهن انتظار ڪيو. هر پل اِهوئي آسرو هو تہ، ايندڙ گهڙيءَ رقم مون وٽ هوندي. ڪڏهن ڪڏهن سڪون جي مرڪ منهنجي منهن تي تري ٿي آئي. منهنجي ڀاءُ هڪ سچي عرب جيان پنهنجو وعدو پاڙيو..... مان واپس يونيورسٽيءَ ويس، ۽ رجسٽرار کي ڏاڍي فخر سان وڃي في ڏنم. منهنجي رجسٽريشن ٿي ويئي. منهنجي داخلا چئن ڪورسن لاءِ ٿي. ڪيمسٽري، عربي ادب، انگريزي ۽ حساب. منهنجي چئن استادن مان فقط هڪ عرب نسل جو هو. باقي ٽي استاد پنهنجي خيال ۾ بہ آمريڪن هئا تہ رويي ۽ ورتاءَ ۾ بہ. هو پراونشل اسڪول ۾ پڙهيا هئا، جتان جا سند يافتہ سي- آئي- اي جا ايجنٽ يا وزير ئي ٿيندا آهن، مون کي خبر ڪانهي تہ انهن مان ڪهڙي صورت بدتر آهي.

آمريڪن يونيوسٽيءَ ۾ منهنجي تعليم وچٽري ٿي رهي هئي. پر منهنجي اصل تعليم عرب ڪلچرل ڪلب بيروت ۽ عرب نيشنلسٽ موومينٽ جي درجن ۾ ٿي رهي هئي. اي- سي- سي ۾ منهنجي واقفيت عرب دانشورن سان ٿي. مثال طور يوسف موغيزل، جيڪو ڪلب جو صدر هو. محسن ابراهيم، جيڪو ”الحريت“ جو ايڊيٽر هو. ”الحريت“ عرب نيشنلسٽ موومينٽ جي سرڪاري اخبار هئي. مان جن بہ

اديبن ۽ شاگردن سان مليس، سي سيئي ڪابي ڌر سان لاڳاپيل عربن ۽ پاپولر فرنٽ لاءِ ڪردار ادا ڪري رهيا هئا.

آمريڪن يونيورسٽي هڪ لحاظ ڪان مون لاءِ دانشمنديءَ جو قبرستان هئي. اها يونيورسٽي در اصل وچ اوپر جي امير ٻارن لاءِ سوشل ڪلب يا اٽڪي ويهڻي سيکارڻ جو ادارو هئي. شاگرد يونين تي پابندي هئي، ۽ يونيورسٽيءَ جا معاملا ڪنهن آمريڪن ڪارپوريشن جيان طئي ٿي رهيا هئا. جن شاگردن جي في پوري ڏنل نہ هوندي هئي، تن کي ڪلاس ۾ اچڻ ڪان روڪيو ويندو هو. يونيوسٽي ڪيمپس ۾ جن شين جي اجازت هئي، سي ڊانس پارٽيون ۽ ڊراما هئا. ڪابہ واضح سياسي ڪلب ناهڻ جي اجازت نہ هئي. يونيورسٽيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي مظاهري، سياسي جلوس يا تقرير ڪندڙ مهمان کي اچڻ جي اجازت نہ هئي.

مان جيوٽ هال هاسٽل ۾ آمريڪن ڇوڪريءَ سان گڏ رهندي هيس. سندس نالو جوڊي سننگر هو. مان سندس سوشل زندگي ڏسي حيران ٿيندي هيس. هڪ هفتي ۾ هن جا ٽن مختلف ڏينهن تي عشق هلندا هئا. هر عشق ۾ هوءَ جسم ۽ جان جي مڪمل شدتن سان شامل ٿيندي هئي. ٻين ڇوڪرين جي سامهون هوءَ پنهنجي محبوب سان چمر چٽ ڪندي ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪندي هئي. مان جڏهن جوڊيءَ ڪان پڇندي هيس، ”تون اهو سڀ ڪجهہ ڪيئن ٿي ڪرين؟“ تڏهن هوءَ کِلي جواب ڏيندي هئي، ”دل نہ ڏيو، مزا ڪيو، سڀ جائز آهي.“ ۽ مان بہ کِلي ڏيندي هيس.

جوڊي ۽ مان، هاسٽل جي ساٿيءَ ڪان وڌيڪ دانشورانہ ساٿي هئاسين. هوءَ مونکي آمريڪن حڪومت سماج ۽ اخلاقي قدرن بابت ليڪچر ڏيندي هئي، ۽ مان کيس عربن بابت. هوءَ آزاد خيال هئي، ۽ ڪينيڊيءَ جي پرستارن منجهان هئي، ۽ مان ناصر جي پرستار هيس . آڪٽوبر 1962ع ۾ اسان جي دوستي امتحان ۾ پيئي. ڪينيڊيءَ ڪيوبا تي حملو ڪرڻ جو اعلان ڪيو، جيڪڏهن سوويت ميزائيل هڪدم ڪيوبا مان نہ هٽايا ويا. 2 آڪٽوبر تي يو- اي - آر- سرڪاري طور تي پنهنجون فوجون يمن موڪليون هيون. جوڊي ۽ منهنجو انهن معاملن تي زبردست بحث ٿيندو هو. اسان ٻيئي هڪ ٻئي کي سمجهائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪنديون هيوسين. جوڊي چوندي هئي، ”اهو آمريڪا جو حق آهي تہ هو روس کي چوي تہ هو ڪيوبا مان پنهنجا ميزائيل ڪڍي وٺي، جو انهيءَ نموني آمريڪا بہ خطري جي نشان ۾ اچي ٿو وڃي.“ ۽ منهنجو خيال اهو هو تہ يمن ڏانهن يو- اي- آر- جي دستن کي روڪڻ لاءِ ناصر جو قدم انقلاب کي تحفظ ڏيڻ جي برابر آهي. جوڊيءَ جو خيال هو تہ، ناصر هڪ لالچي سياستدان هو، جيڪو خليج جو تيل پنهنجي ذاتي مفادن ۽ عروج لاءِ ٿو خرچ ڪرڻ گهري. مان چوندي هيس تہ، تيل تي اسان جو حق آهي، تنهن ڪري اسان جيئن چاهينداسين، تيئن اهو عربن جي مفاد ۾ استعمال ڪنداسين. هوءَ ناصر جي ڪاروائين کي روسي چالبازين جو حصو سمجهندي هئي، جو سندس خيال ۾ روس، ناصر ذريعي عربن تي قبضو ڪرڻ ٿي گهريو. مون جوڊيءَ کي چيو تہ، اسان سامراجيت سان انهيءَ ڪري نٽا وڙهون تہ، اسان چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ پنهنجو علائقو ٻي وڏي طاقت کي پيش ڪنداسين. جوڊي پنهنجي آزاد خيالي ۽ لبرل نظرين جي باوجود سامراجي ذهن واري عورت هئي، ۽ مان هڪ جلاوطن عرب عورت هيس، جيڪا آمريڪي ڪالوني بيروت ۾ زندگي گهاري رهي هئي. هوءَ هر شيءِ هارائي سگهي ٿي، ۽ مان هر شيءِ جيتڻ جي خواهش ٿي رکي. اها حقيقت آهي تہ، فرد جي سماجي حيثيت ئي سندس سماجي شعور جي نگراني ٿي ڪري.

يونيورسٽي ڪيمپس ۾ سياست تي پابندي هئي، ۽ فلسطيني شاگردن جون سرگرميون بہ ڏاڍو گهٽ ۽ خفيہ هيون، ۽ 1963ع ۾ متحارب سياست جو نشانو ٿي چڪيون هيون. فلسطين جي رياست جي قائم ٿيڻ جي اعلان، جنهن جو هيڊ ڪوارٽر نيبلس هو، اسان کي ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو موقعو ڏيئي رهيو هو. اهو چوڻ جي ضرورت نہ ناهي تہ، نيبلس اڳ شاهہ حسين جي قبائلي نظام جو حصو هو، پر چڱو احتجاج ٿيو. جنهن مان ثابت ٿيو تہ، فلسطيني بيچيني، سماجي ماحول جي باري ۾ عرب رياستن جي باري ۾ ڪافي وڌيل هئي. تنهن ڪان سواءِ نيون فلسطيني تنظيمون ظاهر ٿي رهيون هيون. عرب رياستن کي مجبوراً فلسطيني اتحاد جي ڳالهہ ڪرڻي پيئي. پوءِ اهو بہ ٿيو تہ، آمريڪن يونيورسٽي بيروت ۾ مظاهرو ٿيو. انتظاميہ پهرين تہ اسان جي سرگرمين تي ڌيان نہ ڏنو، ۽ سمجهيو تہ مينهوڳيءَ جي ڏيڏرن جيان پاڻيهي ختم ٿي ويندا.

اسان هڪدم انهن افواهن جي تصديق ڪرڻ گهري تہ، اردني سفارت خاني ۾ شاگردن کي گهرائي ڌمڪيون ڏنيون ٿي ويون تہ، جيڪڏهن هنن سياسي سرگرميون بند نہ ڪيون تہ، سندن پاسپورٽ رد ڪيا ويندا. اسان اردني سفارت خاني جي بچاپڙائي ڏسي سرگرميون اجا بہ وڌائي ڇڏيون. هاڻي تہ ڪيترا غير ملڪي شاگرد بہ اسان جا حمايتي ٿي ويا، ۽ اسان سان گڏ مظاهرن ۾ حصو ورتائون. هاڻي يونيورسٽي انتظاميہ جوابي عمل جي تياري ڪئي. هوڏانهن شاگردن پنهنجو هڪ وفد تيار ڪيو، جنهن کي اردني سفات خاني وڃي، فلسطيني شاگردن جي نمائندگي ڪرڻي هئي. مون کي بہ انهيءَ گروپ ۾ شامل ڪيو ويو. اردني سفارت خاني ۾ گهڻو ڳالهائڻ جو ڪم منهنجي ذمي هو. ۽ منهنجا ساٿي منهنجي پٺ ڀرائي ڪري رهيا هئا. آهستي آهستي يونيورسٽيءَ جي چوڌاري لبناني انٽيليجنس جا ماڻهو وڌندا ويا. سفير کي خبر هئي تہ ٻاهر ڇا ٿي رهيو آهي، جيتوڻيڪ هن ظاهر اهو ئي ڪيو تہ ڪيس ڪابہ ڄاڻ ناهي. ڪاميٽيءَ جي سامهون بهرحال سفير کي پنهنجا لفظ بدلائڻا پيا، ۽ پوليس کي چوڻو پيو تہ، هي ڏوهاري ناهن پر يونيورسٽيءَ جي شاگردن جو هڪ جٿو آهي. محافظن واري واري سان اسان جي تلاشي ورتي، ۽ ڪمري کان ٻاهر هليا ويا. هنن جي نڪرڻ سان ئي مون وري سخت لهجي ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو ۽ زور رکيم تہ اسان کي لکت ۾ يقين ڏياريو وڃي تہ، اسان جا پاسپورٽ رد نہ ڪيا ويندا. پر هن انهيءَ الزام کان انڪار ڪيو. اسان فخر جي احساس سان سفير سان گڏ عرب ڪافي پيتي. اسان جيئن تہ انگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين، ۽ مان ڪجهہ تيز ڳالهائي رهي هيس، تنهنڪري هن سمجهيو تہ مان شايد عرب ناهيان. وڃڻ کان اڳ مون ساڻس عربيءَ ۾ ڳالهائي مٿس اهو واضح ڪري ڇڏيو تہ مان عرب ئي آهيان، فلسطيني آهيان. ۽ جلد ئي فلسطيني عورتون انقلابي مقام حاصل ڪنديون. منهجون ڳالهيون ٻڌي، هو وڏن واري شفقت سان مُرڪيو.

ساڳي بهار جي رُت ۾، مون کي وري عورت هئڻ ڪارڻ مسئلن سان منهن مقابل ٿيڻو پيو. اي-اين- ايم- فيصلو ڪيو تہ، يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي پڻ فوجي سکيا ڏني وڃي. مان درخواست ڏيڻ واري پهرين جٿي ۾ شامل هيس. پنهنجي سياسي ڪارگذارين ۽ تجربي جي بنياد تي سمجهيم ٿي تہ، هاڻي منهنجي درخواست ڪنهن بيهودي سبب سان رد نہ ڪئي ويندي. جيئن تہ مان اي- يو- بي ۽ جي- يو- پي- ايس جي انتظامي ڪاميٽين ۾ شامل هيس، تنهن ڪري منهنجي نالي کي رد ڪرڻ مصيبت پلئہ پائڻ برابر هو. پر هاڻي هنن هڪ ٻيو طريقو استعمال ڪيو. مونکي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون تہ موسم

جي سختي مون کان برداشت نہ ٿيندي، تنهن ڪري مان تربيت لاءِ نہ وڃان. مون کين يقين ڏياريو تہ مان هر قسم جي ڏکيائي برداشت ڪنديس. چڪي ڪاٽي نيٺ هنن مون کي اجازت ڏني.

يونيورسٽيءَ ۾ سياسي بندش سبب اي- اين- ايم کي خفيہ ڪارڪردگي رکڻي پوندي هئي. منهنجي ذمي جيوٽ هال ۾ لٽريچر ورهائڻ ۽ انهيءَ علائقي جي وڻن تي پوسٽر هڻڻ جو ڪم رکيل هو. مان رات جو هڪ وڳي يا صبح پنجين وڳي اِهو ڪم ڪندي هيس. هڪ رات چوڪيدار مون کي پڪڙي ورتو. پهرين تہ هن مون کي ڏاڍو ڊيڄاريو ۽ ڌمڪايو، پر پوءِ اهو بہ اسان جي تنظيم جو ميمبر نڪتو. پوءِ هن مون کي سمجهايو تہ پوسٽر ڪٿي، ۽ ڪهڙي وقت لڳائڻ گهرجن. جيڪڏهن مان پڪڙجي پيس تہ، انهيءَ جو مطلب بنا پڇا ڳاڇا جي يونيورسٽيءَ کان نيڪالي هئي. هاڻي مان جيوٽ هال ۾ وڏيڪ اعتماد سان ڪم ڪندي هيس. عورتن جي ٽپال جي ڊبن ۾ بنڊلن جا بنڊل رکي ڇڏيندي هيس. گڏوگڏ اهڙا پمفليٽ بہ رکي ڇڏيندي هيس، جنهن ۾ اسان جي مواد جي ابتڙ ڳالهيون هونديون هيون. جيئن خبر نہ پوندي تہ، اهي ٻئي شيون رکڻ وارا آخر آهن ڪير! ڪڏهن ڪڏهن اسان جا چوڪرا ئي اهو چوندا هئا تہ ٻئي ڳالهيون ڄاڻڻ ضروري آهن. هنن جي وڪالت جو اهو ئي انداز مون کي سندن سوچ جي ڄاڻ ڏيندو هو.

شاگردن کي منهنجي باري ۾ پڇاڙيءَ تائين خبر نہ پيئي تہ، مان ڪهڙي خفيہ تنظيم جي ميمبر يا نيشنلسٽ آهيان. جڏهن تہ انتظاميہ کي اهو يقين هو تہ، جيوٽ جي نيشنلسٽ رويي جي واحد ۽ زوردار حمايتي مان ئي آهيان. مان جڏهن اسرائيل جي پندرهين سالگره جي موقعي تي لٽريچر ورهائي رهي هيس تہ، مون کي هيئن ڏينهن ڏني ڪم ڪندي ڏسي، ڊين جي آفيس ۾ گهرايو ويو. ڊين مون سان آمريڪي لهجي ۾ ڏاڍي سخت انگريزي ڳالهائي. مون هرو ڀرو چيو، ”مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ئي نہ آيو!“ هاڻي تہ هن کي ويتر ڪاوڙ وٺي ويئي. ڪاوڙ ۾ چوڻ لڳي، ”ڪيڏي نالائق آهين، آمريڪن يونيورسٽيءَ جي شاگرداڻي آهين، ۽ انگريزي نٿي ڄاڻين!“ هن هڪدم ترجمان گهرائڻ لاءِ چيو، ۽ مون کان پڇيو، ”تون شاگردن لاءِ جاري ڪيل هينڊ بوڪ ناهي پڙهيو؟“

”ها، مون پڙهيو آهي.“ مون ترجمان ذريعي جواب ڏنو.

”ڇا توکي سُڌ آهي تہ، آرٽيڪل نمبر 6 جي حوالي سان، توکي بنا اجازت جي لٽريچر ورهائڻ جي ڏوهہ ۾، يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ملي سگهي ٿي.“

”ها، مون کي سُڌ آهي.“ مون وري ترجمان وسيلي جواب ڏنو.

”پوءِ تو ائين ڇو ڪيو؟“

”مون جواب ڏنو، ”مان جيڪو ڪجهہ ورهائي رهي هيس، اهو سياسي نوعيت جو نہ هو.“

هن سيڪريٽريءَ جي هٿ مان پمفليٽ وٺي، ٻہ- ٽي پئراگراف پڙهي، ڪاوڙ مان چيو، ”ڇا هي آرٽيڪل نمبر 6 هيٺ نٿو اچي..... ڇا هي سياسي لٽريچر ناهي؟“

مون چيو، ”مون کي خبر ئي ڪانهي تہ، پمفليٽ ڇا ٿيندو آهي، ۽ ڊين صاحبہ ڇا ٿي چوي!“ هاڻي ويچاري ڊين، سياست، سياسي تحرير ۽ اهڙي لٽريچر جي نوعيت ۽ مقصد کي بيان شروع ڪرڻ شروع ڪيو. هن سندس سمورين ڳالهين سان متفق ٿيندي چيو تہ، مون لاءِ فلسطين سياست ناهي، پر زندگي ۽ موت جو سوال آهي- ۽ مون کي ڪوبہ آمريڪي شخص، يا اهو شخص جيڪو عربي ڳالهائي نٿو سگهي، اهو نٿو ٻڌائي سگهي تہ، مون کي پنهنجي ملڪ لاءِ ڪهڙي نموني وڙهڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ گهرجي! ڊين

مون کي ضدي شاگرد سمجهي، اهوئي مناسب سمجهيو تہ مون کي يونيورسٽيءَ مان نيڪالي ڏني وڃي، جيئن مون کي تنظيم جو مطلب سمجهہ ۾ اچي وڃي.

”ڪجهہ ڪري تہ ڏيکار!“ هاڻي مون سڌو سنئون انگريزيءَ ۾ رڙ ڪئي، ”تون سي- آئي- اي جي ايجنٽ آهين! اهڙو ڏينهن بہ ايندو، جڏهن مان تنهنجي جاءِ تي ڪرسيءَ تي ويٺي هونديس، ۽ تو جهڙين سيني کي نيڪالي ڏينديس.“ ۽ مان سندس آفيس مان نعرا هڻندي ٻاهر نڪتيس، ”فلسطيني زندهہ آباد، اي- اين- ايم زندهہ آباد انقلاب....“

اهو ٻڌي ڊين جي حالت بيهوشيءَ جهڙي ٿي ويئي. مان سمجهان ٿي، هن پنهنجي آفيسراڻي ڪرسيءَ تي ويهڻ کان اڳ، بہ ٿي گوريون ضرور کاڌيون هونديون.

1963ع ۾ مون پهرين سال جو امتحان پاس ڪيو، جيتوڻيڪ منهنجي ڪا چڱي پوزيشن نہ آئي هئي، ۽ منهنجو خيال هو تہ مان ٻيهر داخلا وٺي تعليم مڪمل ڪيان، پر مون وٽ پئسا نہ هئا. هاڻي مون کي نوڪريءَ جي ڳولا هئي. تعليم جي شروعاتي ٽن سالن ۾، مون کي تاريخ ۽ ادب وڻندا هئا، پر تعليم جي پڇاڙيءَ تي مون کي حساب ۽ ڪيمسٽري وڻڻ لڳا. پوءِ مون فارماڪالاجي يا زراعت ۾ خاص مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ سوچيو، جو اسان فلسطين واپس وريداسين تہ سائنسي بنيادن تي پوک ڪري، اسان زمين کي صيهونين کان بهتر نموني استعمال ڪنداسين.

سيڪنڊري اسڪول جي شروعاتي ٽن سالن ۾، مون لنڪن، هٽلر ۽ نيپولين بابت پڙهيو. شروع ۾ مون انهن سيني کي پسند ڪيو، پر هاڻي مان لنڪن کي پنهنجي وقت ۾ لبرل هئڻ تي، ۽ لينن کي انفرادي طور تي عظيم تاريخي ڪارنامو ڪرڻ تي وڏو سمجهان ٿي- جن جي تقليد مائو، هوچي منهہ ۽ چي گويرا ڪئي. اڳ ۾ مان هٽلر کي بہ عظيم سمجهندي هيس، جو هو يهودين جي خلاف هو. پر پوءِ مون کي پتو پيو تہ، هن ذاتي سببن ڪري ڪيو. تنهن ڪري پوءِ هٽلر مون کي چڱو نہ لڳو.

ادب ۾ مون کي ڊڪنز ۽ شا سٺا لڳندا هئا. مون کي سندن سموريون لکڻيون وڻنديون هيون. مون شا جي انداز ۾ لکڻ جي ڪوشش بہ ڪئي. عربي شاعريءَ ۾ مون کي عباسي دور جي شاعري وڻندي هئي. بس، منهنجي ڪل تعليم اهائي هئي.

1960-61ع ۾ مون وٽ چڱو وقت هو. ان وقت مون گانڌيءَ کي پڙهيو. سندس اخلاقي ڪردار مون کي ڏاڍو موهيو، پر مون کي لڳو تہ هو پيدائشي غلام هو، ۽ هن ڪڏهن بہ غلاميءَ مان جان نہ ڇڏائي هئي. ذاتي ۽ سماجي سطح تي مان نارمل عرب ڇوڪريءَ جيان زندگي گهاري رهي هيس. ڇهن سالن تائين مون کي پنهنجو هڪ فلسطيني ڪلاس فيلو، جيڪو ڪنهن زميندار گهراڻي جو هو، پسند رهيو. اڳ ۾ تہ هن جي ڇوڪرين کان پاسو ڪرڻ جي رويي مون کي ڏانهس ڇڪيو. پوءِ مون کي خبر پيئي تہ، هن جي ڇوڪرين کان نفرت جو نصابي سبب، اسرائيلين هٿان سندس ماءُ جي لوئي لوئجڻ هو، جنهن کي هو وساري نٿي سگهيو. اهو واقعو تڏهن پيش آيو هو، جڏهن 48ع ۾ هو صفد جي علائقي مان هجرت ڪري رهيا هئا. جڏهن هو پاڻ ڪمائڻ لائق ٿيو، تڏهن هن پنهنجي ماءُ جو ساٿ ڇڏي ڏنو. جڏهن کان مان آمريڪن يونيورسٽيءَ آئي هيس، عديل سان نہ ملي هيس. خبر ڪانهيم تہ هو اسان جي مجاهدن ۾ شامل آهي، يا شهيدن ۾. شايد هو مايوس ٿي عرب جي ڪنهن شهر يا ٻهراڙي ۾ رهي پيو هجي.

مختلف وقتن تي منهنجا دوست پيدا ٿيندا رهيا، پر مان ڪنهن سان بہ لاڳاپا قائم ڪري نہ سگهيس، جو منهنجو اصل عشق تہ انقلاب هو.

# ڪويت ۾ جلاوطن

(1)

”ڪويت ۽ خليج عرب ۾ هر اهو شخص ڌاريو آهي، جيڪو ڪويت جو ناهي. سواءِ برطانوي، آمريڪي ۽ سندن چاڙتن جي.“ (ڪاتب ڪروني)

عرب نيشنلزم ته اٽويهين صديءَ جو خيال هو. انهي جو پهريون ڏاهه ته اديبن تخليق ڪيو، جيڪي يورپي خيالن ۽ فلسفي، ۽ برطانوي ۽ فرانسيسي يونيورسٽين جي ليکڪن جي خيالن کان واقف هئا. شاگردن ۽ هٿياربندن انهيءَ خيال کي اڳتي وڌي اچي هٿي ڏني، ۽ عرب ڪِلب قائم ڪيائون. انهيءَ زماني جي قوم پرستيءَ جي ڪا خاص مقرر ڪيل تعريف نه هئي، ۽ نه ئي ڪو واضح پروگرام هو. نيشنلزم ڪٿي اوپر جو هجي يا اولهه جو، پر سندس دائرو اولهه ايشيا ۽ اتر آفريڪا تي اچي ٿي بيٺو. ڪجهه اهم دانشورن، مثال طور افغانيءَ ”اسلامي غسل“ جو نالو ڏنو، ۽ عربزم ۽ اسلام ۾ فرق ڪرڻ وساري ويا. الافغانيءَ ۽ سندس پوئلڳن جو خيال هو ته، اسلام کي درپيش مشڪلاتون تهذيب ۽ برادريءَ سان لاڳاپو رکن ٿيون. سندس خيال ۾ 1798ع ۾ نيپولين جو مصر تي حملو ۽ پوءِ فرانس جو اولهه عرب تي تسلط، وري مصر تي برطانيه جو قبضو، اهو سڀ اسلام ۽ عيسائيت جي جنگن جو سلسلو هو.

انهيءَ ڳالهه جي وضاحت ۾ ٽيهارو سال لڳا ته، عربزم ۽ اسلام به ڌار ڌار نظريا آهن. اهو اعلان گهٽن لاءِ ڏندين آڱريون اچي وجڻ جهڙو هو. ڪين ته بس اها ڄاڻ هئي ته، ڪيئن صليبي لڙايون وڙهبيون آهن، ۽ عيسائين سان مذهبي ويڙهه ڪهڙي معنيٰ ٿي رکي. هاڻي سندن هم مذهبن، ترڪن اوپر عرب کي تُرڪ قوم پرستيءَ جو بخار ڏنو، جيڪو پهرين مهاپاري لڙائيءَ تائين هليو.

عربن جو رد عمل ڏاڍو حيرت وارو هو. ڪين جلد ئي اهو سِڪٽو هو ته، سڀ مسلمان پائر ناهن ۽ تُرڪ عرب ناهن. اهو به، ته دنيا مذهب جي بنياد تي نه، پئسي جي بنياد تي قائم آهي. اِهو به، ته عربن کي دنيا بابت پنهنجي سوچ بدلائڻي پوندي، يا محڪوميت جي زندگيءَ کي قطعي سمجهڻو پوندو. انهن معاملن تي حاوي پوڻ لاءِ ڪابه سياسي پارٽي ڪم نه ڪري رهي هئي. پر دمشق، قاهره ۽ بيروت ۾ ڪي فرد ۽ جٿا هئا، جن اِها ڳالهه ڪئي ٿي. ”اوٿمان آرمي“ ۾ به ”نوجوان ترڪن“ جي نالي قوم پرست آفيسرن هڪ جٿو ناهيو هو. انهن آفيسرن کي بيا تُرڪ ان ڪري حقارت جي نظر سان ڏسندا هئا، جو هي نوجوان تُرڪ ڪنهن بئي مار تي هئا. اها ڳالهه 1901ع ۾ وجهي پڌري ٿي ته، هنن قومي خودمختياريءَ جي لامرڪز رياست جي منصوبي کي ٿڏيو هو. انهن آفيسرن، شاگردن ۽ دانشورن به 1916ع جي عظيم عرب انقلاب لاءِ راهون ڏنيون. انهيءَ انقلاب جي نتيجي ۾دمشق جي مرڪزيت ۾ عرب رياست 1920ع ۾ وجود ۾ آئي.

انقلابي، اڳواڻن ۽ لاڳاپو رکندڙ ماڻهن کي جلد ئي دبائي، چڙوچڙ ڪيو ويو، عرب جو اوپر وارو حصو، ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو، ۽ ان تي برطانوي ۽ فرانسيسي سامراجين قبضو ڪري ورتو. جن انهن علائقن کي سيڪس پيڪوٽ سمجهوتي تحت پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو. انهيءَ نموني لبنان ۽ شام فرانس جي قبضي ۾، ۽ عراق، فلسطين ۽ اردن جو علائقو برطانيه جي قبضي هيٺ آيو. غير ديني عرب قوم پرستن

کي ختم ڪيو ويو. مذهبي رهنمائن کي رياست انعامن اڪرامن وسيلي خريد ڪري ورتو. حشمتين جي قسمت جو ستارو، برطانوي حڪومت جي مهربانيءَ سبب عروج تي رهيو. پر نيشنلزم جو خيال ڪٽي نہ ڪٽي، خاص طور تي اوپر عرب ۾ جاري رهيو، جو اهي علائقا برطانيہ ۽ فرانس جي اثر هيٺ هئڻ جي باوجود، اجا بہ اهڙين سرگرمين جو مرڪز هئا. فلسطين اعلان باالفور تحت صيهونين کي ڏنو ويو.

نيشنلزم جي تصور کي سوشلزم سان لاڳاپيل سمجهڻ ۽ واڌارو ڏيڻ لاءِ، گهٽ ۾ گهٽ اڌ صديءَ جي محنت جي ضرورت هئي. جو موجوده جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ٽي دفعا تہ شڪست مقدر هئي. انهن شڪستن کي صيهونين پنهنجي فتح جو نقارو سمجهي وڄايو، ۽ ائين پنهنجي لاءِ پاڻ قبرون کوٽيائون.

1920ع کان 1948ع جي وچ ۾ قوم پرستن، سيڪيولر لبرل سوشلزم جي خيال کي وسعت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. پر هو ناڪام ٿيا، جو سيڪيولر ۽ جاگيردار، بنهي طبقن جو بنياد عوام جي پٺ پرائي تي نہ، پر اولهہ جي سرمائي تي رکيل هو. ان جي پيٽ ۾ لبرل سوشلسٽن پنهنجي وسيع نقطہءِ نظر سبب (جنهن ۾ مصر جي وفد پارٽيءَ جو اثر بہ شامل آهي) عربن کي اولهہ جي دشمنيءَ لاءِ مڃايو. ٻين لفظن ۾ عرب ڪمزور ۽ ڇڙوڇڙ رهيا ۽ انهيءَ جو ذميوار اولهہ کي سمجهيو ويو. اهو بہ چيو ويو تہ، اولهہ جي پاليسين ۽ سندن چاڙتن سدائين عوام کان پري رهڻ، ۽ فقط حڪومت ڪرڻ سان مطلب رکيو.

1948ع ۾ عرب سَنڌيڻ جو تختو صيهونيت اونڌو ڪري وڌو. نتيجي طور عرب نيشنلسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي، پنهنجي مفادن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ”عرب باٿ“ محاذ جوڙيو. اِهو عرب باٿ واقعي جاندار ثابت ٿيو. هڪ پاسي عرب نيشنلزم بيهر زنده ٿيو، تہ ٻئي پاسي ان کي سيڪيولر فڪر طور پنهنجو ڪيو ويو. عرب باٿ 1943ع ۽ 1947ع جي وچ ۾ وجود ۾ آيو، جنهن جي حيثيت گڏريل اسلامي باٿ کان مختلف هئي. باٿ جا سلوگن هئا، آزادي، اتحاد ۽ سوشلزم. پر ان ۾ عرب انقلاب جي خيال جو عمل دخل نہ هو. چوتہ ان جي پنيان جيڪي ذهن هئا، تن کي لبرل جمهوريت ۽ سوشلزم جي گڏيل هڪ جهڙائي ۽ فرق جي ڄاڻ ئي نہ هئي. تنهن کان سواءِ انهن اڳواڻن کي ذاتي مفاد پڻ پيارا هئا. ڇهين ڏهائيءَ ۾ تہ ان جا فوجي اڳواڻ عوام تي قطعي يقين نہ ڪندا هئا. ڪرنل پنهنجي ڪرنل تي، ۽ عام ماڻهو قبائلي تي پروسو ڪندو، جڏهن تہ دانشور پنهنجي مفلوج ٻڌندڙن تي. 1970ع ۾ باٿ فقط نالي ماتر ادارو وڃي رهيو. ڪيترا قوم پرست تہ اهو ٽا چون تہ، 1940ع ۾ ئي ختم ٿي ويو هو. انهن قوم پرستن باٿ جي جاءِ تي هڪ عرب اتحاد جو هڪ ٻيو ادارو قائم ڪيو، ”ڪاتب الفداالعربي“. 52-57ع ۾ اهي نوجوان ”الشباب العربي“ يعني عرب نوجوانن جي نالي سان سڃاتا وڃڻ لڳا. 52ع م ۾ ئي ڪين ”عرب نيشنلسٽ موومينٽ“ بہ چيو ويو. 67ع ۾ اها تحريڪ بہ ختم ٿي. 1970ع ۾ عرب ورڪ سوشلسٽ پارٽي وجود ۾ آئي. فلسطين جي آزاديءَ لاءِ پاپولر فرنٽ، جيڪو نومبر 67ع ۾ قائم ٿيو هو، ان ۾ ئي فلسطين لاءِ اي-ايم- اين شاخ بہ قائم ڪئي ويئي هئي. شروع ۾ اها تحريڪ جذباتي قوم پرستن جو ڳڙهہ هئي، جنهن کي سانش الحاري نالي هڪ اديب جي لکڻين هٿي پئي ڏني. انهيءَ اديب جو قوم پرستيءَ جو فلسفو تاريخ ۽ زبان مان پنهنجا مطلب ڳوليندو هو. 1963ع ۾ موومينٽ وري بحران جو شڪار ٿي ويئي. انقلابي قوم پرستيءَ کي هاڻي نئين جواز سان پيش ڪيو ويو. سماجي سوال بنيادي حيثيت حاصل ڪري رهيا هئا. سندن اخلاقي، تاريخي ۽ ذهني توجيهہ ڏسي، مان بہ ميمبر ٿيس. اي- اين-ايم جو بنيادي عملو آمريڪن يونيورسٽي بيروت جو گريجوئيٽ هو. انهن ۾ اهم شخصيتون ڊاڪٽر جارج حباش، ڊاڪٽر وديع، حاني

الهندي ۽ احمد الخطيب هئا. يعني پهريان رضاڪار اُهي هئا، جيڪي 1948ع جي تباهيءَ کان پوءِ فلسطين مان نڪتا هئا.

صيهوني رياست جي قيام هن جدوجهد کي بہ جِلا بخشي، جو اڳواڻ ڏاڍا مقبول هئا، سامراجيت جي خلاف هئا، ۽ قوم پرست هئا. اسرائيل سندن بنيادي دشمن هو. تنهن ڪري 1950ع جي جنگ ۾ سمورا قومپرست نوجوان، انهن سيني سان وڙهيا، جيڪي مغربي اتحاد جي اثر هيٺ هئا. خاص طور تي اردن جي صمي خاندان ۽ عرب جا اهي مدلل جيڪي اولهہ جي سرمائي پرستيءَ کي بنيادي تصور سمجهندا هئا. ناصر کي ٽئين دنيا جي ملڪن ۾ ڏاڍو مانُ مليو هو. خاص طور تي روس ۽ چيڪوسلواڪيا سان فوجي اهميت جي معاهدن ۽ سوئيز واهہ کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ کان پوءِ تہ، قوم پرستن انهيءَ تحريڪ کي ناصر ازم جي نالي سان، ايندڙ ڏهن سالن تائين ڏاڍو ڦهلايو. ناصر کي پنهنجي ۽ تحريڪ جي قوت تي ڏاڍو فخر هو، جڏهن تہ اي- اين- ايم جي اڳواڻن کي عوامي تحريڪ تي ڀروسو هو. 1960ع جي ڏهائيءَ جي وچ ۾ اي- اين- ايم وارا هٿياربند جدوجهد ۽ سائنسي سوشلزم جا قائل ٿي ويا. 1970ع ۾ ناصر وفات ڪئي. عوامي جدوجهد جي اڳواڻ جي حيثيت سان نہ، پر ڊپلوميٽ سپاهيءَ جي حيثيت سان.

انهيءَ وچ ۾ ناصر ۽ موومينٽ جي ويڇهڙائي، شاهي نيشنلسٽ ليڊر سراج ۽ مصري سياسي مفڪر ابولنور سبب مضبوط رهي. انهيءَ رشتي کي هٿي 21 نومبر 1961ع تي ملي، جڏهن هاني الهنديءَ شامي وراثت ۽ سياست جي باري ۾، عرب انقلاب جي حوالي سان سوال اٿاريا. اُن وقت ناصر جو سياسي نظريو "مصري سوشلزم" ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر جارج حباش 11 اپريل 64ع تي ناصر سان اي- اين- ايم جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت سان مليو، ۽ ڪانئس چڱو متاثر ٿيو. اختلاف ڏکڻ يمن جي مسئلي تي پيدا ٿيو. انهيءَ صورتحال کي بہ ناصر پنهنجو مسئلو ٿي سمجهيو، ۽ پاڻ ئي حل ڪرڻ ٿي گهريائين. هن ڏکڻ يمن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ فرنٽ (فلوسي) بہ قائم ڪيو. هٿياربند جدوجهد جي شروعات ٿي، ۽ هاري انقلاب پرست بڻجي ويا. فلوسي قاهره جو قرب حاصل ڪري، اجا بہ برطانوي عملدارن سان ناھ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. نيٺ برطانوي عملدار ڊڪجي ويا، ۽ نومبر 67ع ۾ جمهوريہ ڏکڻ يمن قائم ٿيو، ۽ ان سان گڏ ئي فلوسي بہ ڊرتيءَ جي نقشي تان گم ٿي ويا. ناصر ازم هاڻي افق تان گم ٿيندو پئي ويو، ۽ ان جي جاءِ اي- اين- ايم وٺڻ لڳو. جونِ واري ويڙهہ کان پوءِ تہ اي- اين- ايم انقلابي عرب عوام جا نمائندا بڻجي ويا، جو سندن نقطہ نظر اِهو هو تہ: انقلاب عوام وسيلي ايندو آهي، ۽ اسان انهيءَ تي قناعت ڪري رهيا آهيون تہ انقلاب اچي رهيو آهي. **تنهن ڪري مان ڪل وقتي انقلابي ٿي ويس.**

(2)

63ع جي سياري ۾ اسرائيل کي قائم ٿئي ڏهہ سال ٿي ويا هئا. مون کي اندازو ٿيو تہ مان هاڻي سرءُ ۾ يونيوسٽيءَ نہ وڃي سگهنديس. فيصلي جي گهڙي مون مٿان هئي. ڪجهہ ڪم ڪرڻ جا امڪان بہ هئا، پر انهن مان ڪو هڪ بہ لبنان ۾ نہ هو. مان 19 سالن جي ٿي چڪي هيس. مون کي خدمت لاءِ مڙس جي ڳولا نہ هئي، جو مان گهر ۾ پلجڻ واري مخلوق نہ هيس. انهيءَ زماني ۾ ئي هڪ خانداني مسئلي مون کي لبنان مان ٻاهر پناھ وٺڻ تي مجبور ڪيو.

منهنجو خاندان پندرهن سالن تائين اباڻي ڌرتيءَ کان جلاوطن رهيو. جيئن تہ جنگ رکي رکي هلي رهي هئي، تنهن کري حيفا يا مجدي الڪروم کان کو مِٽ مائٽ ملڻ لاءِ بہ اچي نٿي سگهيو، جو سفر جون پابنديون سخت هيون. بهرحال گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ بابا، پنهنجي خاندان سان ملڻ لاءِ يروشلم ويو. هن اتي ٽن ڏهاڙن تائين انتظار ڪيو، پر اتي ڪوبہ نہ آيو. ڪجهہ هفتن کان پوءِ ملاقات جو وري بندوبست ڪيو ويو، پر هاڻي بابا تي اڌرنگ جو حملو ٿيو، تنهنڪري امان ويئي.

اها ملاقات هئي يا ڪَنڊن وارين تارن جي وچ ۾ هڪ پوائنٽو خواب! جڏهن ڏاڏيءَ امان کي ڏنو تہ، سمجهيائين بابا مري ويو آهي ۽ هوءَ هڪدم بيهوش ٿي ڪري پيئي. منهنجي چاچين، پينرن ۽ امان گوڙها ڳاڙيندي ڪلاڪ ڪن ڪچهري ڪئي. ڪچهري بہ ڇا هئي، ماضيءَ جو ماتم- ۽ جيترا بہ نالا ياد هئا، انهن جو احوال. اسان هڪ ٻئي کي انهيءَ سوال جي صليب هيٺان لڙڪندي محسوس ڪيو، تہ زندگيءَ ۾ وري ملڻ يا نصيب! ڪنهن بہ چڱي نموني نہ ڳالهايو، جو پهريدار مٿان بيٺا هئا.

جڏهن امان ڏاڏيءَ کي الله واهي چيو تہ ڏاڏيءَ پنهنجو هار لاهي امان جي ڳچيءَ ۾ وڌو. اسرائيلي پهريدار ڏسي ورتو. هن هار امان جي ڳچيءَ مان سَٽ ڏيئي پٽي ورتو، امان ڪانئس ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيت تہ هٿيار واري جي ٿيڻي هئي. امان رئندي رڙندي موٽي آئي. اُهو ڏينهن، هي ڏينهن، اسان وري مائٽن جو منهن ناهي ڏٺو. بابو، پنهنجي ماءُ ۽ پينرن جو ارڙنهن سالن تائين منهن ڏسڻ کان سواءِ لاڏاڻو ڪري ويو!

پر انهن حالتن سان منهنجو ڪهڙو واسطو هو! مون کي جنت ۾ پناهہ نٿي ملي؛ پر دوزخ بہ وري ڪهڙو ڪليل هو. في الحال ڇڙو ڪويت جو رستو ڪليل هو.

(3)

1963ع جي اونهاري جي مند ۾، سڄي عرب دنيا ۾ فلسطين جي نالي جو چرچو ٿي ويو. بي شمار فلسطيني، جن ۾ مان بہ شامل هيس، فلسطين جي نالي ۾ قائم ٿيندڙ اداري جي باري ۾ سوچڻ لڳاسين. جنوري 1964ع ۾ عرب ليگ جي ملڪن فلسطين جي آزاديءَ واري تنظيم پي- ايل- او جو اعلان ڪيو. انهيءَ تنظيم جي قائم ٿيڻ جو مطلب، فلسطينين کي گڏ ڪرڻ ۽ کين آزاديءَ لاءِ منظم ڪرڻ هو. انهيءَ وقت فقط چند سمجهو ماڻهن عرب ليگ جي اصليت کي محسوس ڪيو، انهن جي هٿ ۾ طاقت نہ هئي.

قاهره جي عظيم ترين صدارتي محل ۾ عرب بادشاهن گڏجاڻي ڪئي. جيتوڻيڪ هنن پاڻ ۾ اسرائيل سان نہ وڙهڻ جو عهد ڪيو، پر ماڻهن کي اِهو سمجهائيندا رهيا تہ اسان هر وقت جنگ لاءِ تيار آهيون. ڪيترن هفتن کان پوءِ، هنن لبنان ۾ پنهنجي ناڪاميءَ جو الزام، لبنان جي انتظاميہ ۽ شامي ۽ اردني حڪومت تي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. هنن اردني پاڙيءَ جو رُخ بدلائڻ لاءِ 13 ملين پونڊ رکيا، پر ايترا پئسا تہ ڪڏ کوٽڻ لاءِ بہ اڻ پورا هوندا آهن. هنن پي- ايل- او کي فلسطينين جي سامهان ڳيو ڦٽي ڪرڻ جيان تخليق ڪيو، ۽ مخلص ماڻهن اڳواڻن تي اعتبار بہ ڪيو.

جون جي مهيني ۾ حالتون ويتر خراب ٿي ويون. پي- ايل- او کي مفلوج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي، جو عرب رياستن فلسطينين کي نہ تہ ڌار آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني، ۽ نہ ئي فلسطينين پنهنجي مفادن جي حفاظت ڪئي، جو پي- ايل- او جو ڍانچو عرب ليگ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ نمائش لاءِ رکيو ويو هو. نہ انهيءَ جو ڪم آزاديءَ لاءِ وڙهڻ هو، ۽ نہ مهاجرن جي جي مفادن جي حفاظت.•

• ليکڪ سان اختلاف جي گنجائش آهي.

(4)

سيپٽمبر 63ع ۾ مان ڪويت هلي ويس. اميد هئي تہ نوڪري ملي ويندي، ۽ اها نااميدي بہ تہ سفر سوپارو نہ ٿيندو. اتي ٽن مهينن تائين واندي رهيس، ۽ تعليم واري وزارت جي خط جو انتظار ڪندي رهيس. نيٺ ڊسمبر جي وچ ڌاري جواب آيو تہ ڪويت شهر کان 50 ڪلوميٽر پري، الجاهره ۾ نوڪري ملي سگهي ٿي. ڪويت شهر ۾ منهنجو ڀاءُ رهندو هو.

انهن واندڪائيءَ جي ٽن مهينن ۾، مون عالمي صورتحال ۽ زندگيءَ جي معنيٰ تي ڏاڍو غور ڪيو. خاص طور تي ڪينيڊيءَ جي قتل کان پوءِ، جو سندس قتل جو مون تي جذباتي اثر ٿيو هو. جيتوڻيڪ هو انهيءَ ملڪ جو صدر هو، جنهن جي رويي سبب اسان پنهنجي ڌرتيءَ کان جلاوطن ٿيا هئاسين ۽ اهو ملڪ صيهونيت جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري رهيو هو. ڪينيڊيءَ پنهنجي حڪومت جي دور ۾ ٽن ڪَٽر صيهونين کي اهم عهدن تي رکيو هو. هن اپريل 1961ع ۾ ڪيوبا تي حملي کي جائز قرار ڏنو هو. ۽ مان هيڏي سخت جدوجهد جي قائل فلسطيني انقلابي عورت، ڪينيڊيءَ جي قتل جي خبر ٻڌي روئي پيئي هيس.

مون ٽيليويزن تي جنازي جو منظر، ۽ آمريڪين کي روئيندي ڏٺو. تنهن وقت مان آمريڪين کي غنڊن جي قوم سمجهندي هيس، جيڪي هر ڏوهہ بنا ڪنهن هٻڪ جي ڪري ٿي سگهيا. پر اهو جنازو ڏسي مون پنهنجي راءِ ٿوري بدلائي ڇڏي. پوءِ لنڊن جانسن جي لالچ ۽ نڪسن جي منافقت سبب، منهنجي من ۾ آمريڪا جو پهريون، ساڳيو تصور اڀري آيو.

مان شايد ڪينيڊيءَ لاءِ ان ڪري رني هيس جو، مون کي ڪجهہ عرب نوجوانن جيان يقين هو تہ ڪينيڊي فلسطينين جي حقن لاءِ ضرور ڪجهہ ڪندو. جيئن ڪينيڊي ۽ ناصر جي خطن مان محسوس بہ ٿيو پئي. منهنجو خيال آهي تہ منهنجا لڙڪ فقط انساني، جذباتي ردعمل هئا. منهنجي وجود جو سمورو تعصب بہ اهي ڳوڙها روڪي نہ سگهيو. پر انهن لُڙڪن ڪارڻ مون کي ڪو پڇتاءُ ڪونهي.

بيروت يونيورسٽيءَ جي شاگرديائيءَ ۽ بيروت جي سياسي مِل جي پرزي لاءِ الجاھره بور قسم جو ھنڌ ھو. ڪويت حڪومت جي نظر ۾ اسان سڀ ”غير ملڪي“ ھئاسين. انھيءَ اسڪول ۾ ڪيترن ئي لھجن ۾ عربي ڳالھائي ويندي ھئي. مصري، شامي ۽ فلسطيني ٽي وڏا گروپ ھئا. مان پھريون دفعو مصرين سان ويجھي ڪان ملي رھي ھيس. شامي بلڪل فلسطينين جيان ھئا. سواءِ پرنسپل جي، جيڪا شامي ھئڻ جي باوجود ظالم عورت ھئي، ۽ استادن کي مُٺ ۾ رکڻ لاءِ سندن مٿان ھن جاسوسيءَ جو ڄار وڇائي ڇڏيو ھو.

الجاھره مان اسان بنا اجازت جي ڪيمپس ڪان ٻاھر نٽي وڃي سگھياسين، جمعي جي رات اسان پاڙي وارن سان ملي، ۽ سندن گھر ۾ رات بہ رھي سگھياسين ٿي. نہ اُتي ڪا سئنيما ھئي، نہ ڪو چوڪرو دوست، جنھن سان وقت گذاري سگھجي. ڪا برطانوي ميوزم جھڙي شيءِ بہ ڪانہ ھئي جو ڪجھ سِکي سگھجي. وري مصيبت اِھا تہ، سياسي سرگرمين تي پابندي ھئي. مونکي اھي ننڍڙيون ڳالھيون ياد آھن، جڏھن مون چاٽي واٽي حڪمن جي خلاف ورزي ڪئي ھئي. پرنسپل مون کي ننڍين ٻانھن واري قميص پائڻ تي ڪيمپس ڪان نيڪالي ڏيڻ جي ڌمڪي ڏني، ۽ مون ڪيس پنھنجي جسم کي وڏيڪ اگھاڙو ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني، ۽ ھلي آيس. پر مان پنھنجي ڌمڪيءَ تي عمل ڪري نٽي سگھيس. وري مون کي نياپو مليو تہ، جيڪڏھن مون ساڳيو رويو اختيار ڪري رکيو تہ، پرنسپل انھيءَ اٺ وٽندڙ رويي بابت تعليم واري وزارت کي ٻڌائڻ تي مجبور ٿي پوندي. پر پرنسپل ائين تہ نہ ڪيو، پر منھنجي ڪنھن ٻئي پاسي بدلي ڪرڻ لاءِ ضرور لکي موڪليائين. مان خوش ھيس تہ شايد ڪجھ بھتر ماحول ملي وڃي. جيتوڻيڪ الجاھره جي سنن دوستن ڪان وڇڙڻ جو ڏک بہ ھو.

الجاھره ۾ پڙھڻ وارن ٻارن لاءِ، غلاميءَ مان آزاد رھڻ ۽ آزاديءَ لاءِ وڙھڻ جو ھنر سيکارڻ جي ضرورت ھئي. مان لِڪَ ڇَپ ۾، ڏاڍي مشڪل سان ٻارن تائين اھو رستو ناھيو ھو جو ٻار ڏاڍي ذھانت سان منھنجي ڳالھ سمجھي ويندا ھئا.

مون انھيءَ وچ ۾ اي- اين- ايم سان پنھنجو لاڳاپو ظاھر ٿيڻ نہ ڏنو. نہ تہ اھا ڳالھ سياسي خودڪشيءَ برابر ھجي ھا، ۽ ليڊي پرنسپل الله جي انھيءَ نعمت مان ڏاڍي خوش ٿئي ھا، ۽ مون کي ڪيڏائي اعزاز حاصل ڪري ھا. جيڪي ٻار منھنجون ڳالھيون ٻڌندا ھئا، انھن جي وڏن کي بہ خبر ھئي تہ، ٻار ڇا سکي رھيا آھن. بھرحال الجاھره جو ماحول انھن ماڻھن لاءِ مزي وارو ھو، جن جو سياست سان واسطو نہ ھو.

(5)

بھار جي مند آئي. عرب حڪومتون رڙيون ڪري رھيون ھيون تہ اسرائيل درياءِ اردن مان عربن جي حصي جو پاڻي بہ چورائي ٿو وڃي. ھنن ڏھ سال دير سان درياھ جو رخ بدلائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ھاڻي تہ گھڻي دير ٿي چڪي ھئي. اسرائيل کي انھيءَ حرڪت ڪان نہ روڪيو ويو، سواءِ ايڪڙ ٻيڪڙ انفرادي ڪوشش جي. اھوئي منافقيءَ وارو رويو سال کن جاري رھيو. انھيءَ وچ ۾ اسرائيل ڪم ڪندو رھيو. ھن درياھ جو رخ پاڻ ڏانھن ڦيرائي ورتو، ۽ سمورو پاڻي پاڻ حاصل ڪندو رھيو.

انهيءَ وچ ۾ عرب ملڪن جي قابل احترام بادشاهن ۽ صدرن، فلسطين جي ماڻهن سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ، يا ٻين ماڻهن جون صلاحيتون ڏسڻ کان سواءِ احمد شڪيريءَ ڪي پي. ايل. او جو چيئرمين مقرر ڪيو.

شڪيري سندن ماڻهو هو. هو سندن مرضيءَ مطابق، ۽ فلسطينين کان پڇڻ بنا، فلسطين بابت اهڙا بيان ڏيئي ٿي سگهيو، جو فلسطينين کي بچاءَ لاءِ گڏ به نه ڪري سگهجي. اها ليڊرشپ حاڪمن جي مقرر ڪيل هئي، ۽ انهن جي سامهون ئي جوابدار هئي.

شڪيري عرب دنيا جو دورو ڪري رهيو هو، جيئن فلسطينين کي تحريڪ ۾ آڻي سگهجي. انهيءَ دوري جي سلسلي ۾ هو ڪويت به آيو. تحريڪ سان مراد اها هئي ته، فلسطيني پنهنجا عيوضي چونڊي، پنهنجي آئيني اسيمبلي ۽ پارليامينٽ ناهين. ڪويت ۾ هن پنهنجي سڃاڻو ماڻهن سان رابطو قائم ڪيو. مثال طور فلسطين جو امير طبقو، جيڪو هاڻي ڪويت ۾ انجنيئر يا نندين صنعتن جو مئنيجر هو. مهاجرن جي ٻارن، اسڪولي استادن يا مزدورن سان هن ڪابه لهه وچڙ نه ڪئي. جيئن ته ڪويت ۾ رهيل فلسطينين کي گڏجاڻين ۽ تنظيم جي اجازت نه هئي، تنهنڪري انهن جي گڏيل ردعمل کي سمجهڻ مشڪل هو. انهيءَ حالت ۾ ڪجهه خود غرض، خود پرست ماڻهن فلسطينين جي نمائندگيءَ جو شرف حاصل ڪيو.

(6)

سيني مشڪلاتن ۽ محدوديت جي باوجود، مون هاءِ گهوڙا ڪئي ته، پي. ايل. او جي شاخن ۾ فلسطيني حصو ونن، پر الجاهره ۾ ڪابه شاخ قائم ٿي نه سگهي، جو عوام شڪ ۾ مبتلا هو. مون اهو شڪ دور ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر نيٺ پاڻ کي اهو يقين ڏيارڻو پيم ته، پي. ايل. او ڪجهه به ناهي. ان کي چڙو ڪويت جي حڪومت فلسطينين جي سرڪاري عيوضي سمجهيو آهي، ۽ ان ۾ فلسطينين کي شامل ٿيڻ جي اجازت انهيءَ شرط تي هئي ته، هو ڪويت جي سياست ۾ ڪوبه دخل نه ڏيندا.

منهنجي ڪاليج ۾ تحريري طور تي فلسطينين جي ڪلب ناهڻ جي اجازت نه هئڻ ڪري، پرنسپل مون کي گهرائي، سموريون سرگرميون بند ڪرڻ لاءِ چيو. هن مون کي اهو به چيو ته، ”تون لبناني آهين، لبناني شهريت ۽ پاسپورٽ رکندڙ آهين، تنهنڪري تنهنجو هونءَ به فلسطيني تحريڪ سان ڪوبه واسطو ناهي.“

مون پرنسپل جي اها ڳالهه ڏاڍي صبر سان ٻڌي. هن بس ڪئي ته مان اٿي بيٺيس، ”محترم پرنسپل! تو جهڙا حُڪم جا ٻانڌا، ٻزدل ۽ سياست کان پاسو ڪندڙ ماڻهو ئي ته فلسطين جي ڦُرجي وڃڻ جا ذميوار آهن. تنهنجي هن قبرستان جهڙي اسڪول ۾ ذهانت پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي مري ويندي آهي. تون دشمن جي ڪيمپ مان ٿي لڳين. مون کي يقين آهي ته، تون مجيل دشمن کان وڌيڪ خطرناڪ آهين. پرنسپل صاحب! مان هڪ عرب فلسطيني عورت آهيان. سواءِ موت جي مونکي پنهنجي مقصد کان ڪير به روڪي نٿو سگهي. الله واهي!“ مان اهو چئي، ٻاهر نڪري زور سان در بند ڪيو. اها انهيءَ آفيس ۾ منهنجي آخري حاضري هئي.

(7)

28 مئي 1964ع تي شاھ حسين يروشلم ۾ فلسطيني قومي ڪانگريس جو افتتاح ڪيو. انھيءَ جي 350 ميمبرن ۾ مختلف طبقن جا عيوضي، خاص طور تي روايتي ۽ رجعت پرست طبقن جي اڪثريت هئي. چڱن تيز انقلابي ماڻهن کي اردني عملدارن ڪانگريس ۾ وڃڻ کان روڪي ڇڏيو هو. ڪانگريس ست رڪني ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي ناهي. احمد شڪيريءَ کي ٻيهر چيئرمين مجيو ويو. هڪ پٽرنامو جاري ڪيو ويو، جنهن کي نيشنل چارٽر جو نالو ڏنو ويو. پي. ايل. او. قاهره ۾ عرب ليگ هيڊ ڪوارٽر ۾ فلسطيني سيٽ تي بہ قبضو ڪري ورتو. 64ع ۾ سرءُ جي مند تائين عرب حاڪمن جي اها حاڪميت هلندي رهي. سال کن اندر پاڻ هرتن اڳواڻن کي پنهنجي ڳالهين تي ئي اعتبار نہ رهيو.

(8)

مان جون 1964ع ۾ لبنان موٽي آيس. لبنان جي خفيہ سرگرمين ۾ شامل ٿي، مون ڪويت جي بي انتها گرمي ۽ الجاهره جي تنهائيءَ جي چادر کي لاهي ڦِٽو ڪيو. مون ڏنو تہ اي- اين- ايم بيروت جي بنيادي جوڙجڪ ۾ ڏار پئجي رهيا آهن. جيتوڻيڪ اتحاد ۾ سنا ذاتي دوست هئڻ سبب، اختلاف ٻاهر نٿي آيا. پر نظريا، منصوبا ۽ ڪم ڪرڻ جا طريقا، تنظيم ۽ شخصيت بابت سنجيده اختلاف وَر وَر ايري سامهون ٿي آيا. نيٺ ايندڙ پنجن سالن ۾ تبديليءَ جو ڏيک ايري اچي آڏو بيٺو.

سرءُ جي مُند آئي تہ، مون وري ڪويت واپس ورڻ جو پروگرام رٿيو. هاڻي مون کي پنهنجي ماءُ سان گڏ نہ پر بيرڪن ۾ رهڻو هو. ڪويت ۾ هڪ عورت جي اڪيلي رهڻ جو تصور بہ ڏکيو هو. هاڻي منهنجي بدلي بہ ٿي ويئي هئي، ۽ مونکي شعيب اسڪول ڏانهن بدلي ڪيو ويو هو. ايندڙ پنجن سالن تائين مون کي ٻئي گريڊ جي ٻارن کي پڙهائڻو پيو، ۽ انهيءَ نموني مون کي نوجوان ذهنن جي تربيت کان محروم ڪيو ويو، جو سندن خيال ۾ مان ڪلاس روم کي بہ سياسي سطح تي آڻي بيهاريو هو. هاڻي مان چا ٿي ڪري سگهيس. استعيفا اجا بہ غلط قدم هو، جو بي شمار عرب ڪارڪنن ۽ هڪ جو واڌارو ٿئي ها.

منهنجا شاگرد ڏاڍا مزي وارا هئا. ڪيترا تہ ايراني نسل جا هئا. سندن وڏا ڏنڌي جي ڳولا ۾ ڪويت آيا هئا. ٻارن کي پنهنجو ڪم ڪرڻ جو شوق هو. هو نہ ٺڪجندڙ ٻار هئا. مون کي پڪ آهي تہ، جيڪڏهن کين موقعو ملي ها تہ، هو اُٺ جي ٻچڙي کي بہ ڊوڙ ۾ پوئتي ڇڏي وڃن ها. هنن سان گڏ رهڻ ۽ کين پڙهائڻ ۾ مزو ايندو هو. پر سياسي طور تي هو اجا بيڪار هئا. هڪ لڳان ڪلاس ۾ مون غير جذباتي طور تي ڪجھ چيو. پرنسيپل ڏنو ٿي. مسئلو اِهو هو تہ، ستن- اٺن سالن جي ٻار سان ڪهڙي نموني ڳالهايو وڃي، جو هو جواب بہ ڏيئي سگهي. مون سوچيو تہ فلسطين بابت ڪجھ بنيادي ڳالهيون کين ٻڌائي ڇڏجن. مثال طور اعلان باالفور، فلسطين جو ورهاڱو ۽ صيهوني اسرائيل جي قائم ٿيڻ جو مسئلو. فيڪلٽيءَ جي سطح تي سياسي ڇڪتاڻ يا پرنسپل يا اسٽاف سان ڪابہ رنجش نہ هئي. 1968ع ۾ پرنسپل

۽ استادن ”فتح“ جي پنيرائي ڪئي هئي. مون پنهنجي سياسي حيثيت کي هتي بہ لڪل رکيو. هاڻي مون کي استاد ٿيڻ جا طريقا بہ اچي ويا هئا، جنهن ڪري انتظاميہ سان جهيڙو بہ گهٽو نہ ٿيندو هو.

الجاهره جي مقابلي ۾ ڪويت بين القوامي شهر هو. اسان تي پابندي نہ هئي. مان هر هفتي پنهنجي ڀاءُ ۽ سندس زال- ٻارن سان ملڻ ويندي هيس. محمد جي گهر وجي مان اي- اين- ايم جي ماڻهن سان رابطو قائم ڪندي هيس. مومينٽ ان وقت سخت بد انتظاميءَ جو شڪار هئي. بيروت جي هڻ وٺ جي مقابلي ۾ هتي اسان تهذيبي طور تي سڪون واري ماحول ۾ هئاسين. ماڻهو ڏاڍي تڏي سياءَ وارا هئا، ۽ ساڄي ڌُر جي سياست بہ موجود نہ هئي. اهو زمانو عقلي طور تي مون لاءِ سکڻ جو زمانو هو. منهنجي گهٽن ساٿين جو مقصد لطف حاصل ڪرڻ هو، سو بہ ڪاڏي مان. ڪي پنهنجي وڏيڪ پگهار گهر موڪلي ڇڏيندا هئا ۽ پان رُڪي سڪي تي گذر ڪندا هئا. مان سياسي طور تي آگاهہ هيس. سگريٽ ڏاڍا پيئندي هيس، ۽ مون کي فراريت جي ڪنهن ٻئي راهہ جي ضرورت نہ هئي.

(9)

پهرين جنوري 1965ع تي ”فتح“ فلسطين جي تاريخ، جديد فلسطيني انقلاب جي تاريخ سمجهي وڃي ٿي. هٿياربند جدوجهد، انفرادي ۽ اجتماعي تعليم ۽ تربيت جون ڪوششون. اهي سڀ ڳالهيون ٿي لڳيون. اي- اين- ايم 53ع کان لڪل سرگرمين ۾ مصروف هئي. ۽ 55ع تائين لڳاتار فدائين ڪمانڊو والاريل فلسطين ڏانهن موڪلي رهي هئي. فدائين جي سرگرمين جو سونهري وقت تہ 1950ع جي وچ وارو آهي، جڏهن والاريل علائقي ۾ فدائين آزاديءَ ۽ حوصلي سان گهمندا بہ هئا. جيتوڻيڪ ڪمانڊو جي سکيا جون مالي ضرورتون مصر پوريون ڪري رهيو هو. ڪمانڊو جو حملو ايڏو اوچتو هوندو هو جو، اسرائيلي حڪومت انهيءَ کي سبب ڄاڻائي، برطانيہ ۽ فرانس کان مدد حاصل ڪئي، جيئن سوئيز واهہ جي مسئلي جي حوالي سان پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي. 1957ع ۾ پرڏيهي فوجن جي نڪرڻ کان پوءِ، ناصر گوريلا سرگرمين تي پابندي وجهي ڇڏي، ۽ اتڪل يارهن سالن تائين مصر- اسرائيل سرحد تي گولي ٻڌڻ جو آواز نہ آيو. مصر گڏيل قومن جي پناهہ ۾ غزا جي علائقي جو انتظام سنڀاليو، ۽ عرب رياستون ايندڙ ڏهن سالن تائين اسرائيل جون پهريدار ٿي رهيون. انهن ملڪن بہ گوريلا سرگرمين کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

64ع جي سرءُ جي منڊ ۾ وري سرگرميون تيز ٿي ويون. پي- ايل- او ڪنهن درد جو دارون نہ ٿي. عرب اڳواڻ پنهنجي آزاديءَ جي منصوبي تي ڏار ڏار عمل ڪرڻ لڳا. يو- اي- آر ۽ آمريڪي لاڳاپا بہ خراب ٿي رهيا هئا، ۽ صدر جانسن ڌمڪيون ڏيئي رهيو هو تہ، هو مصر کي ڪٽڪ وڪٽڻ گهٽائي ڇڏيندو. شامي باٿسٽ پاڻ کي يو- اي- آر ۽ عراق جي گهيري ۾ محسوس ڪري رهيا هئا. هنن پنهنجون سرگرميون تيز ڪري ڏنيون، جنهن تي ناصر کي مَنيان لڳي. فلسطيني ماڻهن کي پنهنجي عرب ڀائرن جي رويي ڏُکايو. انهن سيني سببن ڪري فلسطينين پنهنجون نيون پاليسيون ناهڻ شروع ڪري ڏنيون. عربن جي عيوضي اڳواڻ ناصر کي آمريڪا سان سودي بازي ڪرڻ ۾ تڪليفون پيش اچڻ لڳيون، تنهن ڪري هو جارحيت جي حمايت ڪرڻ لڳو، جيئن اسرائيل تي بار پوي ۽ آمريڪا سان سودي بازي ٿي سگهي. ناصر کي پنهنجي حق ۾ طاقت جو توازن رکڻ بهرحال ايندو هو.

مزي جي ڳالهه اِها آهي تہ، ناصر "فتح" جي واڌاري لاءِ سنجيدگيءَ سان غور ئي نہ ڪيو هو. هن سوچيو هوندو تہ پنجاهہ واري ڏهائي جي وچ واري فدائين جي موومينٽ جي نقل پي- ايل- او هوندي. پر نئون ايرنڊڙ گروپ پي- ايل- او ڪي بہ مات ڏيئي رهيو هو، ۽ عرب ليگ جي ڪنٽرول ۾ بہ نہ هو. انهيءَ تحريڪ جا اڳواڻ جوشيلا نوجوان ۽ فتح جا ميمبر ۽ انقلابي هئا. هي هڪ آزاد گروپ هو. جنهن جو ڪنهن بہ عرب ملڪ سان مالي لاڳاپو نہ هو. هنن آزاد فلسطين ۽ فلسطينين جي خود اراديءَ جي حق جي ڳالهہ بہ ڪئي. اڳ ۾ تہ فتح ڪي نظر انداز ڪيو ويو، پوءِ ان ڪي سنئو جو ايجنٽ سڏيو ويو.

هاڻي حالت اها هئي تہ، فتح تي جيترا الزام هنيا تي ويا، فتح اوتري مقبول ٿيندي ٿي ويئي. سندس جيترا رضاڪار ماريا ٿي ويا، اوترائي نوان پرتي پئي ٿي ويا. جيتري پي- ايل- او اميرن جي نمائنده ٿيندي ٿي ويئي، اوتري ئي هٿياربند جدوجهد وڌندي ٿي ويئي، جو اها ئي اميد جي روشني رهجي ويئي هئي. مون ڪي هڪ فلسطينيءَ جي حيثيت ۾، انسانيت جي ترجمان فقط بندوق نظر ايندي هئي، جيڪا مون ڪي ۽ منهنجي ساٿين ڪي آزاد ڪرائڻ لاءِ مددگار ثابت ٿي پئي.

انقلابي سرگرمين جون خبرون ڪجهہ زباني ۽ ڪجهہ اخبارن وسيلي بہ ڪويت ۾ پهتيون. عراقي، مصري ۽ اردني اخبارن، فتح ۽ انقلابين جون خبرون ٺوڪ واري نموني، مثال طور، "ساڄي ڌر جا انتها پسند" جي نالي سان ڇپينديون هيون، جيڪي انهن خبرن ڪي عارف حسنين هيڪل جي نظر سان نہ ڏسنديون هيون. 1966ع ۾ يو- اي- آر تي آمريڪي ڪٽڪ جي وڪري تي بندش پيئي تہ، صدر ناصر فتح تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. خاص طور تي جڏهن حسنين پي- ايل- او جي سمورين ڪوششن ڪي نظر انداز ڪيو، ۽ پنهنجي اردني سرحد جي ويجهو فلسطين جي آزاديءَ واري فوج ڪي منظم ٿيڻ ڪان روڪيو.

عرب اڳواڻ گڏيل اجلاس ڪان منحرف ٿيڻ شروع ٿيا، ۽ هڪ ٻئي تي الزام هڻڻ وارا ٺاهہ پاس ڪرڻ شروع ڪري ڏنائون. ناصر فتح جي، سندس مقصدن سبب مدد ڪندو هو. تنهن ڪري ناصر عرب دنيا ڪي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. ترقي پسند عرب دنيا، ۽ رجعت پسند عرب دنيا. هو پاڻ ڪي ترقي پسند عرب دنيا جو اڳواڻ سمجهندو هو. سعوديءَ وارن واشنگٽن جي چوڻ تي، اسلام جي مقصدن ڪي ڪميونزم جي مقابلي ڦهلاءَ ڏيڻ جو منصوبو رٿيو. شاهہ فيصل "اسلامي پيڪٽ" جو اڳواڻ ليکيو ويو، ۽ منصوبو اِهو هو تہ سيني اسلامي ملڪن ڪي گڏ ڪري، انهن جو واشنگٽن سان لاڳاپو قائم ڪيو وڃي.

فلسطيني عوام جلاوطنيءَ جا 17 سال عرب اڳواڻن ۾ اميدون رکي گهاريا هئا. 1675ع ۾ هنن فيصلو ڪيو تہ پنهنجي آزاديءَ لاءِ الله تي رکي ويهڻ ڪان بهتر آهي تہ ڪجهہ ڪيو وڃي. گهٽين خامين هوندي بہ فتح اسان جي زندگيءَ ۾ اهم جاءِ والارڻ لڳي، ان وقت باقي سموريون تنظيمون جنگ جو فلسفو سمجهائينديون هيون، جڏهن تہ فتح جنگ ڪرڻ جي تيارين ۾ عملي يقين رکندي هئي. ان ڪي فلسطينين هٿياربند جدوجهد لاءِ تخليق ڪيو هو. ڪجهہ ماڻهن اِها جدوجهد شروع بہ ڪئي. مان بهرحال اڃا تيار نہ هيس.

(10)

1965ع ۾ منهنجون سياسي دلچسپيون ڪافي وسيع ٿي ويون. ٽيڪساس جي ڪائو بواءِ لنڊن جانسن سبب مون کي ويٽنام ۽ لاطيني آمريڪا بابت ڪافي معلومات حاصل ٿي. الجزائري عوام کان پوءِ ويٽنام جي جدوجهد مون لاءِ وڏي قوت رکندي هئي. هڪ ننڍڙي قوم ڪارا پائجاما پائي، دنيا جي سڀ کان وڏي طاقت آمريڪا سان وڙهي رهي هئي، ۽ کيس شڪست ڏيئي رهي هئي.جانسن بمن جو مينهن وسائي ڏنو، ۽ سندس جرنيلن کيس سوپ جي اميد به ڏياري. مان انهيءَ ظلم تي ڪجهه نه ڪري سگهڻ سبب ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي رهي هيس. ويٽنام جا ماڻهو به بمن جي سامهون پنهنجي ڌرتيءَ جي حفاظت لاءِ بيٺا رهيا. اِهي ئي اُهي ماڻهو هئا، جيڪي انسانيت لاءِ سڄي دنيا ۾ سدائين لاءِ روشنيءَ جو مينار هئا. فلسطينين کي به ويٽنامين وارو انداز اختيار ڪرڻو پوندو. مقصد جان جي قرباني، ڌرتيءَ لاءِ قربانيءَ جو جذبو، ۽ سياسي طور تي هڪ اهڙي پارٽيءَ جو عمل، جيڪا نظرياتي، تنظيمي ۽ دفاعي طور تي واضح پروگرام رکندي هجي. اسان کي ائين ڪرڻو پوندو، ڪرڻو آهي، نه ته پوءِ **"مهاجر"** جو لفظ ته اسان جي تقدير بڻجي چڪو آهي.

مون کي آمريڪي حڪومت کان نفرت هئي. اها نفرت اڃا به وَڌي، جڏهن مون اپريل 1965ع تي، اسٽيونسن کي ڊومينڪن ريپبلڪ تي حملي جي حمايت ڪندي ڏٺو. مون کي آئزن هاور جي زماني جي انهيءَ لبرل سورهيه کي اهڙي ڳالهه ڪندي ڏسي، پنهنجي نظرن تي اعتبار نٿي آيو. هو ڪرنل فرانسسڪو ڪمانو جي آرميءَ جي ستونجاهه ڪميونسٽن جا الزام ٻڌائي رهيو هو. ويهه هزار آمريڪي فوجي سانتو ڊومنگو موڪليا ويا هئا ته آمريڪين جي زندگيءَ ۽ ملڪيت جي حفاظت ڪري سگهن. اهو بهانو هو انقلابي حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جو. مان ڪِلي ڪِلي ڪيري ٿي پيس، جڏهن بي. بي. سيءَ تان اها خبر ٻڌم ته، عيسائي سائنس مانيٽر 57 ڪميونسٽن کي چيڪ ڪيو، ۽ خبر پيئي ته انهن مان گهڻا يا ته مري چڪا آهن، يا جيل ۾ آهن، يا جلاوطنيءَ جي زندگي گهاري رهيا آهن. آمريڪي فوجن ٻيٽ کي آزاد ڪرايو هو، ۽ آزاد چونڊون ڪرايون ويون. نيڪ سيرت ماڻهو ڪامياب ٿيا، ۽ رئيسن جي طبقي جي حڪومت مسٽر بلاگور جي اڳواڻيءَ هيٺ قائم ڪئي ويئي. اهو سڀ ڪجهه آزاديءَ جي عزت، آمريڪا جي خوابن جي تعبير ۽ سٺي معاشري جي تخليق لاءِ ڪيو ويو.

مون کي ويٽنام ۽ ڊومينڪن ريپبلڪ تي حملي جو مطلب سمجهه ۾ اچي ويو. هاڻي مون کي ڪوبه ڏينهن اهڙو نظر نه ايندو هو، جڏهن آمريڪا اسانجي "آزاديءَ جي عزت" لاءِ اسان جي ملڪ ۾ نه اچي، جو روس جي حملي ۽ توسيع پسنديءَ جو بهانو، برازيل کان ويٽنام تائين، ڊوميڪن کان الجزائر تائي، مالي کان انڊونيشيا تائين، ۽ بوليويا کان يونان تائين تاريخ جي ڏارا کي "صحت مند" پاسي موڙڻ جو هڪ داستان آهي. 1960ع جي ڏهائي واقعي آمريڪي ڏهائي هئي. 1970ع جي ڏهائي ان جي تنزليءَ جو داستان ٿيندو. (اهو به ٺلهو خيال نڪتو).

(11)

1966ع مون لاءِ ذاتي مصيبتن جو سال هو. بابا چئن سالن جي ڊگهي بيماريءَ کانپوءِ وفات ڪري ويو. مون کي سندس شفقت کان محروميءَ جو شدت سان احساس ٿيو. انهيءَ خزان جي مند ۾ هر اسڪول ٽيچر ڪارا ڪپڙا پهريا، جو هر ڪنهن کي ڪانءُ ڪا ڏکوئيندڙ خبر ٻڌڻي پيئي هئي. اسان سڀ ڏاڍا ڏکارا هئاسين منهنجي ڦٽن تي لوڻ انهيءَ نموني ٻرڪيو ويو، جو منهنجي پاءُ کي سياسي سرگرمين سبب ملڪ نيڪالي ڏني ويئي.

صيهونين کي ناصر جي ڪمزورين جي ڄاڻ هئي. هنن "فتح" جي مرڪزن تي حملا ڪري عربن جي طاقت کي آزمائڻ شروع ڪيو. نومبر ۾ اسرائيلين اسماؤ تي خوني حملو ڪيو. سڄو شهر ڊاهي، ڪيترن ماڻهن کي ماريو يا زخمي ڪيو ويو. انهيءَ جي مقابلي ۾ عربن جون فوجي سرگرميون بلڪل نہ هيون. گڏيل عرب فوج جو رد عمل ڪجھ بہ هو. ها، ايترو ڪيائون جو گڏيل قومن تائين ويا. آمريڪا کان منظور ڪرائي، اسرائيل خلاف قراردادون پيش ڪيائون.

اپريل 1967ع ۾ ناصر جي شام سان سياسي وابستگيءَ جو امتحان بہ ٿي ويو. 7 اپريل تي اسرائيلين شامي جيٽ فائيٽرز کي ڪيرائي وڌو، ۽ مصري مگ جهاز پنهنجا پَر لڪائي ويٺا رهيا. اسرائيلين جي دليريءَ جو داستان اتي ئي ختم نہ ٿيو. هنن مئي ۾ ناصر کي چئلينج ڪيو، ۽ هو سندن جار ۾ ڦاسي پيو. جون ۾ هڪ هفتي اندر مصري فوج پيسجي ويئي، ۽ **"اوپر جو جِن"** بوتل ۾ بند ڪيو ويو. عرب نيشنلزم جي ڦوڪٽي جي هوا اڊائي ڪلاڪن ۾ نڪري ويئي.

5 جون 1967ع عربن جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن آهي. عرب اتحاد جو پاڇو بہ نہ رهيو. ناصر تہ ڇا، ناصر ازم جو لفظ مري ويو. **هاڻي تہ فقط جوابي حملي ۽ عرب جي فتح جي، مون کي تہ ٻيو ڪوبہ رستو قبول نہ هو.** اهو اعتماد مون کي 9 جون 1967ع تي ناصر جي استعيفا ڏيڻ جي خبر ٻڌي حاصل ٿيو. مون پنهنجو ريڊيو پيچي وڌو ۽ خاموشيءَ جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويس. منهنجي سڄي دنيا ڊانوان ڊول ٿي رهي هئي. ائين لڳي رهيو هو، ڄڻ هر عرب غلام ٿي ويو هجي. فلسطين وڃڻ جون سڀ تياريون دفن ٿي ويون. بيروت وڃڻ تي بہ منهنجي دل نٿي ڪيو. پوءِ مجبوراً فيصلو ڪيم تہ آخر وڃي ڏسان تہ قومون مرندي مرندي ڇا ڪنديون آهن. انهي سال سرءُ جي مند ۾ ئي فلسطيني آزاديءَ جو **پاپولر فرنٽ** وجود ۾ آيو.

67ع جي اونهاري جي مند بيڪار گذري. اميدون ختم ٿي چڪيون هيون. منهنجو اعتماد لوڏا کائي رهيو هو. مان پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪويت واپس آيس. اولھ واري ڪناري جا خاندان لوڻءَ ڪانڊاريندڙ خبرون ٻڌائي رهيا هئا. صيهونين جون انيڪ ڪريل حرڪتون، خُون، چوريون، هوائي حملا، گهرن کي باهيون، نيپام بم- ڄڻ هر قسم جي اذيت فلسطينين جو مقدر ٿي رهي هئي. قسمين قسمين اهڙيون ڪهاڻيون، جيڪي ٻڌي دل جو ڌڪو بند ٿي وڃي. مثال طور هڪ ماءُ پنهنجي ٻار جي زبان آلي ڪرڻ لاءِ ايترو رُني، جو ٻار جي زبان آلي ٿي ويئي. مان جيتريون اهڙيون ڳالهيون ٻڌيون ٿي، اوترو اندر ۾ انتقام جي باھ وڌندي پئي ويئي. ڪٿي سڄو شهر زمين ۾ دفن ڪرڻ جو واقعو ٻڌڻ ۾ ٿي آيو تہ

**ڪٽي سجو شهر ساڙن جي "جرئت" جو قصو هو. 22 نومبر تي يو- اين سيڪيورٽي ڪونسل عربن جي راضپي سان اسرائيل پاران فلسطين تي مڪمل ۽ باقائدي قبضي ڪرڻ جو اعلان ڪيو.**

منهنجي نا اميدن ۾ اجا بہ واڌارو ٿيو، جڏهن 9 آڪٽوبر تي سي- آئي- اي- منهنجي سورهيہ چي گويرا کي مارائي ڇڏيو. چي گويرا جي خون منهنجي ضمير کي زخمي ڪري وڌو. هي هڪ ارجنٽائيني انتها پسند هو، جيڪو ڪيوبا جي فيڊل ڪاسترو سان جدوجهد ۾ گڏ هو، ۽ جنهنجي ڪري پهرين جنوري 1959ع تي انقلاب طاقت حاصل ڪري سگهيو. ايندڙ اَنن سالن ۾ چي گويرا جو مرتبو بين الاقوامي حيثيت حاصل ڪري ويو. سندس شخصيت بہ ڪاسترو جهڙي هئي. جڏهن ڪاسترو ۽ چي ۾ اختلاف ٿيا تہ چي وزير صنعت جي حيثيت سان استعيفا ڏيئي ڇڏي ۽ خاموش ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ هو ڪيوبا جي انقلاب کي نقصان رسائڻ لاءِ پنهنجي ۽ ڪاسترو جي اختلافن کي مشهور ڪري سگهيو ٿي. هن آفريڪي ملڪن جو دورو ڪيو. الجزائر جي احمد بن بيلا سان سندس دوستي ٿي ويئي. هن ڪانگريس ۾ ياڙيتو يورپي فوجين ۽ شومبي جي علحدگي پسندن سان ويڙهہ ۾ حصو ورتو. ڪانگو ۾ روسي اثر سبب چي کي سوپ حاصل ٿي. پوءِ هو 16 گوريلن جي جٿي سان گڏ بوليويا ويو. يارهن مهينن تائين هو انقلابي محاذ ناهڻ ۽ بيرنٽو جي ڊڪٽيٽر شپ ختم ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪندو رهيو. هو اڪيلو شخص آمريڪا جهڙي طاقت جي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندو هو. نيٺ اِهو ٿيو. آمريڪا، لندن جانسن، همفريءَ چي گويرا کي قتل ڪرائي ڇڏيو.

منهنجي ديس واسين کي بہ فلسطين جي ڌرتي آزاد ڪرائڻ لاءِ چي جهڙي اڳواڻن جي ضرورت هئي.

# نئين انسانيت جو اعلان

(1)

عرب عوام ڏهن سالن تائين ناصر ازم کي، عرب ۽ فلسطيني عوام جي آزاديءَ جو اهڃاڻ سمجهيو هو. اُها لاٽ بہ هاڻي وِسامي چڪي هئي. موشي دايان پنهنجي آفيس ۾ ويٺي ناصر جي فون جو انتظار ڪيو، تہ هو اسرائيل سان امن ناهہ تي صحيح ڪرڻ لاءِ ڪنهن مهل ٿو چوي. البت سامراجي قوتن کي اهو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ناصر، موشي دايان کي فون چونہ ڪئي. پر هن ڄاتو ٿي تہ ائين ڪرڻ سان مصري ڪيس جيئري پوري ڇڏين ها. ڪوبہ رجعت پسند عرب اڳواڻ اڄ بہ جرئت ڪري نٿو سگهي تہ، موشي دايان سان ناهہ ڪرڻ جو عوامي سطح تي اعلان ڪري سگهي. فلسطيني عوام تہ موشي دايان جي امن پلان جو جواب ڏينهن ڏٺي بمن سان ڏنو، چوتہ ڪين يقين ٿي ويو هو تہ، مصري، امريڪي، اسرائيلي، روسي، گولائسٽ ۽ برطانوي؛ سڀ قومون فلسطينين کي تباهہ ڪرڻ جا منصوبا ناهي رهيون آهن. جون واري ويڙهہ ۾ تہ بلڪل ائين ٿي لڳو، ڄڻ آمريڪا ۽ روس جي گڏيل مرضيءَ سان ئي سڀ ڪجهہ ٿي رهيو هو. ليسٽر ويلي ان باري ۾ لکيو آهي: ”ٿي سال ۽ ٺوَ مهينا- ڪريملن ۽ وائيٽ هائوس وچ ۾ رابطو فقط مبارڪن جي سنيهن تائين محدود رهيو. 5 جون 67ع تي ماسڪو مان سخت چِتاءُ ڏنو ويو، پر روس اهو بہ چيو تہ، جيڪڏهن آمريڪا دخل اندازي نہ ڪري تہ روس بہ وچ اوپر تي هٿ نہ وجهندو. جانسن بہ اهڙوئي واعدو ڪيو.“

جانسن ڪي سي. آئي. اي ۽ اسٽيٽ ڊپارٽمينٽ اهو يقين ڏياريو هو تہ، اسرائيل ٽن- ڇئن ڏينهن اندر ڪٽي ويندو. جيڪڏهن اهو اندازو غلط نڪري ها تہ، آمريڪا هٿ چراند ڪري ها.

يو- اين قرار دادون پاس ڪندي رهي. جنگ بندي بہ ٿي ويئي. پر يو- اين فوجن جي واپسيءَ بابت ڪابہ قرارداد پاس نہ ڪئي. روسي ۽ آمريڪي پنهنجي پنهنجي مدار ۾ واپس هليا ويا. عرب ڊپلوميٽ فاتح جيان اسرائيلي فوجن جي واپسيءَ جا ڪوڙا نعرا هڻندا رهيا. اهو سڀ ڪجهہ ڏسي، مان ڪويت واپس موٽي آيس، ۽ پنهنجي ساٿين سان خيالن جي ڏي- وٺ ڪيم. جيڪي ماٺهو عرب ملڪن مان ٿي آيا هئا، سي تہ سخت مايوس هئا. جيڪي والاريل علائقا ڏسي آيا هئا، اُهي هٿياربند جدوجهد جي حق ۾ هئا. نئين سال جي اچڻ سان ”فتح“ ۾ نئين خون ۽ انتظامي تبديلين جون خبرون ايندڀون رهيون. نومبر ۾ پاپولر فرنٽ قائم ٿي ويو.

مان اونهاري ۾ لبنان ۾ هيس، ۽ سؤر ۾ رهيل پنهنجي ساٿين سان رابطو قائم ڪري نٿي سگهيس. تنهن ڪري پي. ايف. ايل. پي جي سرگرمين جي حقيقت پرکڻ جو ڪو پئمانو مون وٽ نہ هو. تنهن ڪري انهيءَ ڪان سواءِ ٻي واهہ نہ هئي تہ ”فتح“ جي سرگرمين ۾ حصو ونجي. هڪ سال تہ اسان کي نوجوانن کي اِهو سمجهائيندي گذريو تہ ناصر چو فيل ويو.

ڪويت ۾ فتح جي سرگرمين کي شڪ جي نظر سان نہ ڏٺو ويندو هو. پي. ايل. او کي سرڪاري سطح تي فلسطيني عوام جي عيوضي سمجهيو ويندو هو. پر ڪويت ۾ نہ ان جا ليڊر هئا ۽ نہ حمايتي. مان بہ نہ حمايتي هيس، ۽ نہ مخالف. جيئن تہ فتح 18 آگسٽ 67ع تي ملٽري آپريشن وري شروع ڪيو هو،

مون پنهنجي استادن ۽ پرنسيپال سان گڏجي فتح لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ فلسطين جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو عزم ڪيو. اسان جي هر قدم، ڪم ۽ خيال جو اي. اين. ايم شعوري ۽ منطقي جواز پيش ڪندي هئي. فتح مون لاءِ هڪ نئون تجربو هئي. هيل تائين اسان جي بنيادي ذميواري فقط چندو گڏ ڪرڻ هئي. ڪڏهن ڪڏهن مبهم قسم جا ليڪچر به ڏناسي. اسان فتح جي پاڇي ۾ فقط تماشائي هئاسين. جيڪي به مقرر هئا، سي به چڙو ڳالهيون ڪندا هئا، ۽ موومينٽ ۾ شامل ٿيڻ جا فقط اصول ئي ٻڌائيندا هئا.

شروع شروع ۾ مون سوچيو ته، گهٽا سوال پڇڻ مناسب ڪونهي. پر پوءِ مون پاڻ کي يقين ڏياريو ته هر فلسطينيءَ کي ڄاڻ هئڻ گهرجي ته هو فلسطين لاءِ ڇا ٿو ڪري ۽ پوءِ مان وڏيڪ شد مد سان سوال ڪرڻ لڳيس. مثال طور **فتح** جا معاشي ۽ سماجي مقصد ۽ طريقا ڪهڙا آهن ۽ هوندا؟ اسان سعودي عرب جهڙي رجعت پسند ملڪ کان امداد ڇو ورتي آهي؟ موومينٽ ڪنهن جي آڏو جوابدار آهي؟ **فتح** عربن کان ڪٽيل ڇو آهي؟ ۽ اهم سوال اهو، ته **فتح** ۾ عورتن جو ڪردار چندو گڏ ڪرڻ کان سواءِ به هوندو؟

جواب طور ٻڌايو ويو ته، موومينٽ خود مختيار آهي- پر انهيءَ جي اڳواڻن کي حفاظت جي خيال کان نامعلوم رهڻ گهرجي. جيتري قدر مون کي ڄاڻ آهي ته، **فتح** جو هر ڪو راز سڀ کي معلوم هو، ۽ سندن اڳواڻن جي نالن جي سڄي دنيا کي ڄاڻ هئي. عمان ۾ ته هر دوست- دشمن اڳيان موومينٽ جا منصوبا پڌرا ڪيا ويندا هئا. سعيدي عرب بات ڇيو ويو ته، شروع ۾ پنهنجي دشمن کي مددگار ۽ حامي ڪرڻ گهرجي. شروع ۾ فقط فلسطيني رضاڪار ڀرتي ڪيا ويندا هئا، پر پوءِ عربن تان اها پابندي ختم ڪئي ويئي. منهنجو ڪمشنر مون کان پڇندو هو ته تون ايترا سوال ڇو ٿي ڪرين؟ مان چوندي هيس: ابوعليٰ! اسان تيسين ڪٿي نٿا سگهون، جيسين واضح پروگرام ۽ منظم ميمبر نہ هجن. تنهن کان سواءِ انقلاب جي نعري جي نعري سان نہ، پر حقيقت سمجهڻ کان سواءِ اسان ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهنداسين. منهنجا سوال ٻڌڻ وارن کي دلچسپ ۽ اهم لڳندا هئا. هڪ ڏينهن فتح جو هڪ اهم ڪارڪن فتحي عرفات، ياسر عرفات جو ڀاءُ مون سان ملڻ آيو. مون هن کان بہ فتح ۾ عورتن جي ڪردار بابت سوال ڪيو. مون ڪيس عرض ڪيو تہ مون کي فوج جي ڪاتي "ال آصفہ" ۾ شامل ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي، جو مون سالن تائين فوجي سِکيا بہ حاصل ڪئي آهي. مان والاريل علائقن ۾ ڇاپہ مار جي حيثيت سان ۽ آپريشن تي وڃڻ لاءِ بہ تيار هيس. هن مون سان واعدو ڪيو تہ هو ڪوشش ڪندو ۽ مهيني اندر مون کي جواب ڏيندو. مهيني کان پوءِ فتحيءَ مون کان پڇيو، "ڇا تون اردن ڏانهن، درياءِ اردن جي ڪناري الاغوار جي علائقي ۾ وڃي سگهين ٿي؟" مون هڪدم هائوڪار ڪئي، ۽ تياريون شروع ڪري ڏنم. پر وري هو ٻڌائڻ نہ آيو تہ مون کي ڪٿي رپورٽ ڪرڻي آهي. ڪهڙو آپريشن ڪرڻو آهي؟ انهيءَ وچ ۾ منهنجي ساٿي فتحين مون لاءِ ڪم ڳوليو. هن چيو تہ اسان سيني کي هڪ جٿي جي صورت ۾ 68ع جي اونهاري جي مند ۾ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. هڪ تہ اهو تہ ڪيمپن ۾ ٿڪل ٽٽل مائرن جي ڪم ڪار ۾ هٿ ونڊائڻ ۽ شهيدن جي خاندانن جي مدد. اهو ٻڌي، مون رڙ ڪري چيو، "اِهي معاشرتي انقلاب جون ڳالهيون آهن. مان انقلاب لاءِ ڪم ڪرڻ ٿي چاهيان."

منهنجي انهن ڳالهين جو جواب 21 مارچ جي ڪراما واري جنگ جي صورت ۾ مليو ويو.

درياءِ اردن جي ايرندي ڪناري تي ڪراما هو. 1948ع کان پوءِ اتي فلسطيني ئي رهيل هئا ۽ لڳو ٿي ته جڻ فلسطينين لاءِ ئي وَسايو ويو هو ۽ سندن آسن ۽ اميدن جو مرڪز هو. اسرائيل ڪراما جو نانءُ نشان ختم ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون، پر پورو زور لڳائڻ کان پوءِ به ناڪام ٿيو. جيتوڻيڪ فوجي لحاظ کان سندن پاسو وزني رهيو. هاڻي عربن جي نشرياتي ڪاتي اعلان ڪرڻ شروع ڪيو ته، فلسطين جي آزاديءَ وارو سپنو پورو ٿيڻ وارو آهي. هزارين رضاڪارن نالا لکائڻ شروع ڪيا. سيرن جي حساب سان سونُ گڏ ٿيڻ لڳو. ۽ ٽنن جي حساب سان هٿيار گڏ ٿيڻ لڳا. فتح، جيڪا چند نيم تربيت يافته ماڻهن تي ٻڌل هئي، اُها عربن کي چين جي 1949ع واري طاقت نظر ۾ اچڻ لڳي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته، شاهه حسين به پاڻ کي ڪماندو سڏائڻ شروع ڪيو. عرب فلسطيني عوام سمجهيو ته بس هاڻي فلسطين واپس ورڻ وارو آهي. عرب حڪومتن فتح کي راڪيٽ، آرٽلري، ملٽري ٽرانسپورٽ وغيره جي سپلاءِ شروع ڪري ڏني. اصل ۾ عرب حڪومتن فتح جي پاڇي ۾ پنهنجي نامرديءَ کي لڪائڻ ٿي گهريو. **فتح** ياسر عرفات جي اڳواڻيءَ ۾ پي- ايل- او کي قابو ڪرڻ ٿي گهريو. اجا فتح ۽ پي- ايل- او ۾ رقابت ۽ رفاقت جي راند هلي رهي هئي ته، ٽن انقلابين انفرادي سطح تي ڊرامائي واقعو ڪيو، جنهن کي پي- ايل- او پنهنجي ذميواري مڃڻ کان انڪار ڪيو. فلسطين جي آزاديءَ جي پاپولر فرنٽ، يعني پي. ايف. ايل. پي اسرائيل جي نيم فوجي ۽ نيم سولين جهاز اغوا ڪري ورتو. جهاز کي الجزائر آندو ويو پوءِ بنا ڪنهن اصرار يا بدلي جي جهاز ۽ مسافرن کي آزاد ڪيو ويو. سيني عرب ملڪن ۽ فلسطيني مجاهدن پي. ايف. ايل. پي کي ننديو، ۽ مخالفت شروع ڪري ڏني، ۽ انهيءَ واقعي کي فضائي ڦر به سڏيو.

اهو حادثو منهنجي زندگيءَ کي رُخ ڏيئي ويو. مون هڪدم پي. ايف. ايل. پي سان رابطو قائم ڪيو. انهيءَ زماني ۾ واءِ- ڊبليو- سي- اي جي آمريڪن ڇوڪري جين مارلو، سؤر ۾ هڪ هفتو رهڻ لاءِ اسان جي گهر آئي. هوءَ اسان جي گهر انهيءَ ڪري آئي ته منهنجي ننڍي ڀيڻ خالده جو واءِ- ڊبليو- سي- اي سان رابطو هو. اسان هڪ ٻئي سان گهٽو ڪري انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا هئاسين. جين بلڪل معصوم هئي. هوءَ مهاجرن کي ترڻ، ڊرائينگ ڪرڻ، ڪيڏڻ سيکارڻ آئي هئي. جين جنهن به ويس ۾ آئي هئي، هئي ته آمريڪي. اسان هن کي آمريڪي ۽ صيهوني سامراجيت تي زوردار ليڪچر ڏنا ته: هن چيو ته، سياست جو تجزيو ڪرڻ مهل جذباتي بيان ۽ زبان پاڻ لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيندو آهي. هوءَ پاڻ چوندي هلي ته، هوءَ سياسي طور تي چاڻو شخصيت نه هئي. پر گڏوگڏ هن فتح کي دهشت پسند گروپ سڏيو، جنهن اسرائيلي ٻارن جي راهه ۾ بارودي سرنگون وڇايون هيون. اسان جين کي اصل صورتحال ٻڌائيندا رهياسين. ڪيس اِها ڄاڻ ئي نه هئي ته، هوءَ اسان جي سامهون صيهوني نظريو پيش ڪري رهي هئي. اصل ۾ هوءَ ڪيٿولڪ هئي، ۽ ڪيس عربن ۽ يهودين لاءِ هڪ جهڙي تعليم ڏني ويئي هئي. هڪ ڏينهن هن مون کي چيو، " ڇا تون آزاد فلسطين ۾ هن ماحول کان وڌيڪ آرام حاصل ڪري سگهندينءَ؟" مون جذباتي ٿي چيو، "نه- مون کي نه گهرجي هي آرام." جين پنهنجي لهجي ۾ حڪم واري انداز سان چيو، "چونه گهرجي هي آرام. توکي پوءِ پڇتاءُ ٿيندو. توهان سڀ ائين رڙيون ڪندا رهندؤ، ۽ ههڙي ماحول ۾ رهڻ پسند به ڪندؤ."

جين جي اِها ڳالهه مون کي پند پهڻ ڪري ويئي. سندس چوڻ ڪنهن حد تائين درست هو. اسان سڀ ڳالهيون ڪندا هئاسين، ڪم ڪرڻ وارو اسان ۾ هڪ به نه هو. منهنجي ياءُ کي جين تي ڪاوڙ اچي رهي هئي، ۽ هو جين کي منهن واري ٿڦ وهائڻ وارو هو، جو مون سندس هٿ جهلي ورتو. مون چيو، "

آمريڪن چوڪري اسان جون ڪوتاهيون تي ٻڌائي ته انهيءَ ۾ ڪاوڙ جي ڪهڙي ڳالهه آهي! اسان صيهونيت لاءِ جواب تيار ڪندا آهيون، گوليون نه! “

مون پي- ايف- ايل- پي ۾ شامل ٿيڻ جو پَهُ ته ڪري ورتو هو، پر واٽ اجا نظر نٿي آئي. هڪ ڏينهن ڪويت ۾ مان ڏڪڻ عربي بوڪ اسٽال وٽان لنگهيس ته هڪ شخص پي- ايف- ايل- پي جا ڪرسمس جا ڪارڊ وڪڻندي نظر آيو. مون کي ڄاڻ هئي ته هو انهيءَ جو ميمبر هو يا همدرد- مان هن جي پرسان بيهي رهيس، ۽ آهستي آهستي چيم، ”مان فلسطيني آهيان. وڙهڻ چاهيان ٿي. مان والاريل علائقي ۾ وڃڻ چاهيان ٿي، مهرباني ڪري منهنجي مدد ڪر.“

هن منهنجي ڳالهه ٻڌي؛ ۽ خميس ڏينهن ٽين ۽ چئين وڳي جي وچ ۾ اچڻ جو وعدو ڪري هليو ويو. مان ڏاڍي خوش هيس. مان مقرر وقت کان ٻه ڪلاڪ اڳ ئي اتي پهچي ويس. ڪنهن مهل هڪ رسالو ڪٽي تي ڏنم ته ڪنهن مهل ٻيو. پوري ٽين وڳي، ڊگهو خوبصورت جوان دڪان ۾ داخل ٿيو، مان سمجهي ويس. اهو پي- ايف جو ماڻهو هو. مون پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي. هو ڏاڍو سنجيده ۽ خاموش هو. مون تڪڙ تڪڙ ۾ ڪيس ٻڌايو ته مون کي ملٽري ٽريننگ ۾ ڪيترو چاهه آهي. هن منهنجي ڪلهي تي هٿ هڻي چيو، ”اڳ ۾ تنهنجي تعليم ضروري آهي.“

مون وري جلدي جلدي چيو، ”مان پوسٽ گريجو ئيٽ آهيان، اسڪول ۾ ماستري ڪئي اٿم، لکڻ ۽ ڳالهائڻ ڄاڻان ٿي.“

”اوهه! منهنجو مطلب لکڻ پڙهڻ سان اهو ناهي، توکي ته پي- ايف جي ٻين ڪارڪنن سان ڪم ڪرڻ جي تربيت حاصل ڪرڻي پوندي. پوءِ اسان فيصلو ڪنداسين ته تو ۾ انقلاب لاءِ ڪم ڪرڻ جي همت ۽ قوت آهي يا نه....“

”مان..... وڙهڻ چاهيان ٿي.“ مون سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو.

”ليليٰ! فلسطين جي جنگ هڪ ڊگهي جدوجهد جو ٻيو نالو آهي. تو وٽ پنهنجي قوت ۽ صلاحيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ گهڻو وقت هوندو. يقين ڪر، جيڪڏهن تون وڙهڻ جي قابل آهين ته، توکي پنهنجي جذبي جي عملي صداقت ۽ مهارت جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ملندو. جيڪڏهن تو ۾ وڙهڻ جي صلاحيت ۽ جذبو آهي ته، پي- ايف توکي ڪاڏي به موڪلڻ ۾ نه ڪيٻائيندي. هاڻي وري انشاءَالله ايندڙ هفتي هتي ملنداسين، ۽ ايندڙ مسئلن تي بحث ڪنداسين. جيڪڏهن توکان اسان سان ملڻ وسري ويو ته، اسان پاڻ اچي توسان ملنداسين.“ هن چيو. سندس نالو ندال هو.

مان اڄ پهريون دفعو مطمئن ٿي گهر موٽيس. مون کي لڳو، ڄڻ مان شاهراهه حيفا تي هلي رهي هيس. مان پاتال مان موٽي رهي هيس. انهيءَ شام ئي مون پنهنجي ڪجهه دوستن سان رابطو قائم ڪيو. اسان سڄي رات سياسي مسئلن، وابستگي ۽ هر استاد جي جانبداريءَ جو جائزو ورتو. اسان جو اندازو هو ته اسان جا حمايتي گهڻي تعداد ۾ موجود آهن، ۽ اسان چند هفتن ۾ ئي سيل قائم ڪري سگهياسين ٿي.

هاڻي اسان هر هفتي ملندا هئاسين ۽ مان پي- ايف لٽريچر ۽ هدايتون وٺڻ لاءِ ندال سان ملندي هيس. ابو ندال منهنجي ملاقات ڪجهه پراڻن، سابق اي- اين- ايم جي ڪامريڊن سان ڪرائي، جو اهي به پي- ايف- ۾ شامل ٿيا هئا. اسان ڪويت ۾ پي- ايف جو پورو ڍانچو ٺاهن جي ڪوشش ۾ مصروف رهياسين. 26 ڊسمبر 68ع تي ايل آل جهاز تي حملي ته اسان جا حوصلا گهڻو وڌائي ڇڏيا. خاص طور تي 28 ڊسمبر جي واقعي کان پوءِ، جڏهن اسرائيلين بيروت جي هوائي اڏي تي حملو ڪري، مڊل ايسٽ ايئر

لائين جا 3، هوائي جهاز تباهه ڪري ڇڏيا. اسان خوش انهيءَ ڪري ٿياسين جو انهن ۾ 70-80 سيڪڙو جهاز آمريڪا جا هئا. ائين لبنان ۾ انقلاب جا امڪان وسيع ٿيڻ جا امڪان روشن ٿي رهيا هئا. هاڻي دنيا فلسطينين جي قدم ڪي ڏيان لائق سمجهڻ لاءِ مجبور هئي. عرب پريس انهيءَ ڪان اکبوٽ ڪري نٿي سگهي، ۽ اسرائيلي انهيءَ کي لڪائي نٿي سگهيا. بلڪ اسرائيلين تماشي کي اجا به پر لطف ڪري ڇڏيو هو.

(3)

اسان جو اسٽيڊي گروپ پي- ايف جي نظرياتي ۽ تنظيمي جوڙجڪ کي گهڻي حد تائين سمجهي چڪو هو. ابونڊال جي چوڻ تي اسان مڪمل لٽريچر پڙهي، پنهنجو ذهن روشن ڪري رهيا هئاسين، جو هڪ ٻي فلسطيني عورت جو نالو دنيا اڳيان اڀري آيو.

18- فيبروريءَ تي مان 5 لڳي 35 منٽن تي اٿيس. نيرن ڪري بي. بي. سي تان خبرون ٻڌڻ وينيس، ۽ هڪدم مون امينہ ڏبور جو نالو ٻڌو. هن زيورچ ۾ ال آل جهاز اغوا ڪيو هو. هوءِ پهرين عورت هئي، جنهن غير ملڪي آپريشن ۾ حصو ورتو هو. اها خبر مون کي ڪنوڻ جيان ڪرندي محسوس ٿي. هڪ فلسطيني انقلابي عورت، جنهن سرمائيداري جي تابوت ۾ ڪِلي نوڪي ڇڏي هئي. خوش قسمتيءَ ان ڪري ٿي چوان، جو پهريون دفعو ٻڌي، مون کي اعتبار ئي نہ آيو هو، ۽ ٻيهر ٻڌي، مون يقين ڪرڻ تي گهريو. اِهو ٻڌي رات جي پائجامي ۾ ئي ڊوڙندي، سڃي هاسٽل ۾ رڙيون ڪرڻ لڳيس..... ”هاڻي فلسطين آزاد ٿي ويندو-“ هر ڪنهن منهنجي رڙين ڪرڻ ۽ افعالن کي ڏسي محسوس ڪيو تہ مان چري ٿي پيئي آهيان. پر مون کي فخر محسوس ٿي رهيو هو تہ، مون اِها خبر سيني تائين پهچائي آهي. اسان ڪويت ۾ ڇڙو ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين، ۽ هوڏانهن هڪ فلسطيني عورت ڪم ڪري رهي هئي. اسان سيني ٿوري دير ڪان پوءِ ئي فلسطيني عورت جي ڪارنامي ۽ فلسطيني جدوجهد جي ڪاميابي ۽ امينہ ڏبور جي دليريءَ جو جشن ملهايو. فتح ۽ پي- ايف ايل- پي جي عورتن گڏجي، فسطيني ناچ ’دبڪي‘ ڪيو تہ جيترو بہ چندو گڏ ٿيل آهي، اُهو فتح ۽ پي- ايف ۾ هڪ جيترو ورهايو وڃي. فتح پينرن اها ڳالهہ چپ چاپ مڃي ورتي. ان ڏينهن ئي مان ڪامريڊ ابونڊال ڏانهن ويس، ۽ کيس چيم، ”مان تہ اسپيشل اسڪواڊ ۾ شامل ٿيڻ گهران ٿي.“ هو بہ راضي ٿي ويو، ۽ اُن ڏينهن ڪان ئي مان خاص سِکيا لاءِ وڃڻ لڳيس. بس، هاڻي مان ڪنهن بہ ڏينهن ملٽري آپريشن تي وڃڻ واري هيس. مون پنهنجي سکيا واري وقت ۾ اسٽڊي گروپ جو ڪم بہ جاري رکيو، ۽ انهيءَ گروپ کي روايتن ٽوڙڻ جي سکيا ڏيڻ شروع ڪيم. ڪويت ۾ سياست تي پابندي هئي. پر ڇهن عورتن مزاحمت جي نالي ۾ پنهنجي عزت ۽ روزگار کي خطري ۾ وجهڻ قبول ڪيو. اپريل جي هڪ صبح جو اسان ڪويت جي سپ ڪان مصروف علائقي ۾ پي- ايف جا چندي جمع ڪرڻ جا ڊٻا ڪڻي، چندو گڏ ڪرڻ لاءِ نڪتاسين. شروع ۾ ٻيون ڇوڪريون هٻڪيون ٿي. پر مون کي نہ

شرم هو ۽ نہ ڊپ. چو تہ مون لاءِ فقط انقلاب جو نالو ئي ڪافي هو. اسان ڏنو تہ ماڻهو اسان جي سوچ ڪان وڏيڪ مددگار ۽ ترقي پسند هئا. هنن نہ فقط دل سان اسان جي مدد ڪئي، پر ٻين کي اسان جي مدد لاءِ مجبور ڪيو، ۽ سڄي شهر ۾ همدردين ۽ سهڪار جو چار وڃائي ڏنو. عورتن بہ اڳتي وڌي اسان جي مدد ڪئي، عوام اسان جا ڊپا پري چڙيا. سرڪاري عملدارن پڻ اسان جي سرگرميءَ تي اعتراض نہ ڪيو. سڄو شهر اسان ڏانهن جهڪي آيو هو.

اِهو سهڪار ڏسي مون سوچيو تہ، ڪجهہ رقم انگريزي پڙهائي ۽ ڪجهہ هيئر ڊريسر جو ڪم ڪري بہ پي- ايف لاءِ گڏ ڪجي، ۽ پنهنجي سياسي وابستگيءَ کي بہ ظاهر نہ ڪجي. لبنان ۾ مون هيئر ڊريسر جو ڪورس بہ ڪيو هو. مون هڪ بيوٽي سيلون ۾ ٻن هفتن لاءِ نوڪريءَ جي درخواست ڏني. ڪم ڪان پوءِ مان چندي گڏ ڪرڻ کي لڳي ويندي هيس، جو مان چندي يا پروپيگنڊا جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃائيندي هيس. هڪ ڏينهن هڪ رئيس عورت وار نهرائڻ ڪان پوءِ، منهنجي ڪم ڪان ايترو متاثر ٿي جو مون کي 25 فلپ ٽپ ڏنائين. اڳ ۾ تہ مان چرڪيس، پر ٻئيءَ گهڙيءَ پي- ايف، منهنجي ذهن ۾ هئي، ۽ مون هڪدم رسيد ڪاٽي کيس ڏني. عورت جڏهن رسيد تي پي- ايف جو نيو ڏٺو تہ، اڳ ۾ تہ حيران ٿي ۽ پوءِ خوش ٿي پي- ايف لاءِ هڪ ٻيو دينار ڏيئي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. منهنجيءَ مئنيجر اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو، پر هوءَ ناراض نہ ٿي. پر هن اِهو چيو تہ، مان پنهنجي سياست پاڻ تائين محدود رکان تہ بهتر آهي. هونءَ هُن اِهو بہ چيو تہ، اهڙي انقلابي سوچ سيني عرب عورتن ۾ پيدا ٿئي تہ ڪيڏو نہ چڱو. جڏهن مون نوڪري ڇڏي تہ مئنيجر عورت مون کي پگهار ڪان سواءِ پي- ايف لاءِ پنج دينار بہ ڏنا.

بهار جي مُند ۾ انهيءَ سال ئي مان پنهنجا ڪويتي دوست ڇڏي عمان هلي ويس. روس جي نهيل بندوق 'سيمينوف' منهنجي ساٿياڻي هئي.

(4)

عمان شهر گوريلن سان پريو پيو هو. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ ئي مون کي ٻيهن ٻين عورتن سان گڏ اُتر عمان جي فوجي ڪيمپ ۾ اجا بہ وڏيڪ سخت سِکيا لاءِ موڪليو ويو. اُتي منهنجي خوش قسمتيءَ سان والاريل علائقي جي ٻي مثال شخصيت ۽ اسان سيني جي سورميءَ رشيده عبيده سان ملاقات ٿي. هوءَ سياءَ توڙي صورت ۾ هر لحاظ کان سهڻي عورت هئي. هن کي بندوق، استعمال ڪرڻ ۽ حق خاطر ڪٽڻ ايندي هئي. بہ ڇٽيون هڪدم منهنجون دوست ٿي ويون. هڪ تہ رشيده عبيده ۽ ٻي فعيها عبدالهادي.

انهي ڪان اڳ جو اسان جي حوصلي ۽ همت جو متحان وٺڻ لاءِ اسان کي مشن تي موڪليو وڃي، ملٽري اسڪول جي پرنسپال ڪامريڊ حسن اسان کي آخري هدايتون ڏنيون. جنهن ۾ خاص طور تي ابتدائي سياسي فائدي ۽ چندي ڪرڻ جي طريقي ۽ سياسي ۽ فوجي نوعيت جي ڪم جو بنيادي فرق ٻڌايو. هن پنهنجي تقرير ختم ڪندي ٻڌايو، **"اسان جي ڪم جو اهو موڙ وقت وٺندڙ ۽ شديد آهي. جڏهن اِهو شروع ڪندؤ تہ مڪمل ڪرڻ ڪان سواءِ موٽ ناممڪن آهي. تنهن ڪري توهان جي شعور جي امتحان جو مرحلو اِهو آهي. جيڪڏهن توهان کي اجا بہ پاڻ تي اعتبار نہ هجي تہ موٽي وڃو، ۽ ٻيو ڪو ڪم وڃي ڪيو."**

اهو ٻڌي اسان سيني هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو. جسم مان ڏپ وچان سيسرات نڪري ويا. ٿي ڪلاڪ تہ ڪشمڪش ۾ رهيونسين. پر پوءِ فيصلو ڪيوسين تہ، جيڪڏهن عورت پاڻ کي انقلاب سان منسوب ڪري ٿي تہ پوءِ ماضي ۽ مستقبل جا سمورا رشتا زندگيءَ ۾ ثانوي حيثيت اختيار ڪري وڃن ٿا. اسان مان جيڪڏهن ڪا عورت اهڙو عهد نٿي ڪري سگهي تہ، پوءِ اها فقط حمايتي ۽ چندو گڏ ڪرڻ واري گڏي ٿي، جدوجهد ۾ شامل ٿي سگهي ٿي. پر جن ملٽري آپريشن جي سِکيا حاصل ڪئي آهي، ۽ جيڪي انقلاب جي فلسفي کي يقين ۽ ايمان جي حد تائين مڃين ٿيون، انهن کي اڳتي وڌڻ جو ڪم ڪرڻو پوندو.

ٿيو اهو جو، جيڪي چوڪريون شوق طور سِکيا حاصل ڪري رهيون هيون، اُهي تہ ڇڏي ويون. پر مون ۽ رشيده رضامندي ڏيکاري. تنهن تي ڪامريڊ رشيده کي چيو تہ، هن جي وڏن جو باقائدي اجازت نامو فائيل ۾ موجود ڪونهي. انهيءَ تي رشيده ڏاڍي اعتماد سان چيو، ”جيڪڏهن 25 سالن جي عمر کان پوءِ بہ وڏن جي راضپي جي ضرورت آهي تہ پوءِ پي- ايف ۾ شامل ٿيڻ جي ضرورت ناهي. پر گهر وجي وڏن کي چئون تہ ڏاج ناهين، مڙس ڳولين، ۽ گهر وَسائجي وجي!“

مون رشيده جهڙيون گريون ڳالهيون تہ نہ ڪيون، پر چيم، ”ميڊم! فلسطين اسان کي جوان ڪيو آهي تہ اسان پنهنجي ڌرتيءَ جو قرض لاهيون. منهنجي خيال ۾ اسان کي نابالغن جهڙا ڪم ڇڏي، دليريءَ واري قدم ڏانهن ڏيان ڏيڻ گهرجي.“

هاڻي سِکيا حاصل ڪندڙ ٽن عورتن اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو، ۽ باقي عورتن لاءِ سِکيا جي اڳئين منزل سامهون هئي. اسان اردن جي جبلن ۾ پناه وٺڻ واري وقت جا منصوبا ناهن لڳاسين. مون کي اڻ لکو ڏپ محسوس ٿي رهيو هو. پر جڏهن مون سوچيو تہ منهنجو سپنو ساپيان ٿيڻ وارو آهي، تڏهن منهنجو ڏپ دور ٿي ويو، ۽ مان ايندڙ وقت لاءِ تيار ٿي ويس.

**ڪم** جو وقت ويجهو اچي رهيو هو، پر ڪم جي نوعيت واضح نہ هئي. پهاڙن ۾ رهندي ٽئين رات هئي. هڪ ڪامريڊ ڪارڊ صيهوني چاپا مارن جي نگراني ڪري رهي هئي. هڪ آواز تي هن هڪدم پٺ ورائي ڏٺو. هن چاپا مار کي ترسڻ ۽ پنهنجي سڃاڻپ ڪرائڻ لاءِ چيو، پر هو نہ بيٺو. ڪامريڊ اونده ۾ ئي فائر ڪري ڏٺو. ٻئي پَل ئي ڪيمپ ۾ موجود هر ڪماندو چاتيءَ پر اڳتي وڌڻ لڳو، جيئن دشمن کي پڪڙي سگهجي..... هوءَ لڳاتار فائرنگ ڪري رهي هئي، جو هڪ چاپا مار سامهون آيو آهي تہ، ان جو مطلب اِهو آهي تہ بہ ٽي ٻيا سندس پر پاسي بہ هوندا. پر اسان کي جلد ئي خبر پئجي ويئي تہ ان مهل ڪوبہ موجود نہ هو. پر ڪامريڊ گارڊ هڪ ئي ڪيرائي وڌو هو. اِهو هڪ گڏه هو، جيڪو دشمن جي سرحد کان هيڏانهن آيو هو. اسان هڪ مختصر گڏجاڻي ڪري گڏه جي مالڪ کي معاوضو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. پر سرحد پار کان ڪوبہ معاوضو وٺڻ لاءِ نہ آيو. ڪيمپ ۾ وري اهڙي ڳالهہ نہ ٿي.

اسان کي اطلاع مليو تہ اسرائيلي 5 جون تي جون واري جنگ جي ياد ۾، 5 وڳي صبح جو اسان جي ڪيمپ تي بمن سان حملو ڪرڻ وارا آهن. صبح جو ٽي وڳي مان ڳالهہ ٻولهہ ڪري موٽي هيس، ۽ چاهيم ٿي تہ ڪلاڪ بہ آرام ڪري وٺان. پر ڪامريڊ بسم هڪدم هٿيار ڪڍڻ ۽ نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. انهيءَ شام ئي اسان وٽ عراقي فنڪار آيا هئا، جيئن انقلابين ۽ انقلاب جي منصوبي کي ڏسي سگهن. آرٽسٽ مهمانن ڊِوَ تي ڪاڏو هو. اهي بہ اسان سان گڏ هئا. مقرر وقت تي اسرائيلي جهاز آيا. بم بہ

وسايائون، پر نہ انھن کي ڪنھن روڪيو، نہ ٽوڪيو، جو حسين جي فوج اسرائيل جي نہ، پر فلسطينين جي خلاف استعمال ٿي رهي هئي. ويچارا فلسطيني جن وٽ ڪو هڪڙو جهاز بہ نہ هو. عالمي پريس انهيءَ کي فقط هڪ حادثو، ۽ جون واري سالگرهه کي پر امن سڏيو. اسان پنھنجي ڪيمپ ۾ موٽي آياسين، ۽ صيهوني دشمن سان وڙهڻ جون تياريون شروع ڪري ڏنيوسين.

ڪيمپ ۾ مون پنھنجي تربيت سان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ، مان ڏاڍي سٺي گوريلا هيس. مان سيني حڪمن کي شعوري طور تي پورو ڪندي هيس. سِکيا جو پروگرام ايڏو وسيع هو، جو اسان کي ڪنھن جهڙي پروگرام لاءِ وقت ئي نہ ملندو هو. هڪ دفعي غير ملڪي شاگردن جو وفد آيو. اسان انهيءَ لاءِ ويرائٽي پروگرام ڪري رهيا هئاسين. اهي پرڏيهي شاگرد عمان ۾ فلسطيني شاگردن جي تنظيم پاران بين الاقوامي سلامتي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا هئا. گهڻا 1968ع ۾ اولهاين يونيورسٽين مان تعليم حاصل ڪري نڪتا هئا. سندن خيال هو تہ، جيڪڏهن هو روڊ تي اگهاڙا ٿي بيهن، يونيورسٽيءَ تي قبضو ڪري وٺن، ڪنھن آفيسر کي ٿُڪون هٽي اچن، تہ اهي سڀ انقلابي سرگرميون ليکبيون. مان تہ ساڻن ڳالهائڻ جي ئي خلاف هيس. جيتوڻيڪ انھن مان ڪن پاڻ کي انتها پسند ۽ انقلابي ٿي سڏيو! پر مون انھن سان ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ۽ هاڻي مان خوش آهيان جو پوءِ مون کي خبر پيئي، تہ انھن جا انتها پسند انقلابي بہ مارڪسٽ ليننسٽ ليڊرن کي غير ضروري سمجهندا هئا. ڪجھ آمريڪي هئا. انهيءَ گروپ قوميت کي ڪالونيئلزم جي شڪل ٿي سمجهيو. اڪثر شاگردن گوريلا ناٽڪ کي پسند ٿي ڪيو، جيڪو سندن خيال ۾ 'انقلاب ناهڻ' جو ڪمياب نسخو هو. هنن اسان کي پڻ ٿورو ناٽڪ ڪري ڏيکاريو.

جڏهن هو وڃي رهيا هئا، تڏهن هڪ جرمن ۽ هڪ فرانسيسي شاگرد، جيڪي بيئي انارڪسٽ هئا، نعرو هنيائون، "بحران زندهه آباد." جواب طور مون چيو، "فلسطيني ماڻهو تہ بحران واري زماني ۾ مثالي حيثيت رکندا آهن..... وڌيل ڏاڙهيءَ ۽ وارن يا ايئرگن، انھن مان ڪهڙو نسخو تا اسان جي جلاوطني ختم ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو؟" هو لاجواب ٿي مُرڪي پيا ۽ هليا ويا.

اسان جي مزاحمتي تحريڪ کي بنيادي نقصان اردني ۽ فلسطيني عوام جي هڪ نہ ٿيڻ ڪري پهتو آهي. "فتح" بہ اردني عوام تائين پهچڻ جو ڪو ڪامياب نسخو نہ ناهيو هو. اسان فرنٽ جا ميمبر بہ عرب اتحاد ۾ عام ۽ اردني ۽ فلسطيني عوام ۾ خاص، اتحاد لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئاسين. اسان پنھنجي ڪيمپ جي ويجهو بوڙهان جي ماڻهن سان گڏجڻ ۽ سندن مسئلا حل ڪرڻ شروع ڪيا. نيٺ اسان هنن کي هم خيال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين. اسان هنن کي فوجي سِکيا بہ ڏني. پوءِ تہ اهو حال هو جو اسان هڪ ٻئي جي تنبن ۾ بنا هٻڪ جي اچڻ وڃڻ لڳاسين، ۽ گڏيل مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ لڳاسين. مون کي ۽ ڪمانڊر بسم کي علائقي جي ماڻهن خاص موقعن تي خاص مهمان جي حيثيت ۾ گهرائڻ شروع ڪيو. هڪ ڏينھن اسان هنن جي علائقي ۾ شاديءَ ۾ شريڪ ٿياسين. رات جي ماني هئي، جنھن کان پوءِ ڪنوار کي گهوٽ جي تنبوءَ ۾ وٺي وڃڻو هون. چانڊوڪي پوري جوبن تي هئي. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ناچ ڪري رهيا هئا. مان ۽ بسم بہ اهو ماحول ڏسي مدهوش ٿي ويا هئاسين، جو اوچتو هڪ شخص آيو. هن منھنجي هٿ ۾ هڪ پرچي ڏني، جنھن تي لکيل هو، "هڪدم اچ." مون ڪنوار کي پيار ڪيو، ۽ واپس هلي آيس.

ڪمانڊر رُڪي آواز ۾ چيو، ”اسان کي حڪم مليو آهي تہ تون صبح جو ڏهين وڳي تائين بيروت پهچي وڃ. هن مهل رات جا نوَ لڳا آهن.“ مون هڪدم پنهنجو سامان سهيڙيو، ۽ بيروت لاءِ رواني ٿي ويس. جاڻ نہ هئم تہ رستي ۾ ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اينديون. بهرحال مان وقت سِر بيروت پهچي ويس.

ڪمانڊر منهنجي انتظار ۾ هو. مون وجهڻ شرط گوڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏنو، ”اِهو ڪهڙو طريقو آهي گهرائڻ جو. مون ڪيڏي محنت سان ماڻهن کي منظم ڪيو هو، ۽ سِکيا جي ڪجهہ ڏينهن جي اجا بہ ضرورت هئي.“

”مون کي خبر هئي تہ تون انهن کي منظم ڪري وٺندينءَ، تنهن ڪري تہ توکي موڪليو هوسين. پر تون رڙيون چو ٿي ڪرين!“ ڪماندر نرميءَ سان چيو.

”مون کي معاف ڪيو. مون سمجهيو، اوهان منهنجي خاندان جي دٻاوَ هيٺ مون کي واپس گهرايو آهي.“

ڪمانڊر مون کي يقين ڏيارڻ جي انداز سان مُرڪيو. چيائين، ”ڪامريڊ خالد، تون جيل وڃڻ لاءِ تيار آهين؟“

”ها.“ مون هڪدم جواب ڏنو.

”اذيت سَهي سگهندينءَ؟“

”ها.“

”مرڻ لاءِ تيار آهين؟“

”ها. پر توهان اهڙا سوال چو ٿا ڪيو؟ اسان تہ انهن ڳالهين جو عهد ڪري چڪا آهيون.“

”نيڪ آهي.“ ڪمانڊر وڌيڪ نرميءَ سان چيو، ”اڄ هاڻي اسان ٻئي نقطي تي ڳالهايون.“ مون کي بيچيني هئي، ۽ ڪمانڊر بلڪل نارمل. هن وڌيڪ چيو، ”ليليٰ! هڪ اهم مشن تنهنجي حوالي آهي. گهر وڃ، سيني کي الله واهي چئي، سياڻي صبح جو ڏهين وڳي موٽي اچجانءِ.“ اِها خبر ٻڌي مان ڏاڍي خوش ٿيس، ۽ تفصيل پڇڻ جو حوصلو بہ نہ رهيم. گهر ويس تہ امان اهو ٻڌي شڪ ۾ پئجي ويئي تہ، مان وري ڪويت وڃي رهي آهيان. هُن اها ڳالهہ نوٽ ڪئي تہ، مان نہ نوان ڪپڙا تيار ڪيا هئا، ۽ نہ گهڻو ڪنهن سان ڳالهايم ٿي.

امان چيو ليليٰ! مان تولاءِ خاص ڊش تي ناهيان. مون کي لڳي ٿو، مان توسان ڪجهہ ڏينهن ملي نہ سگهنديس. هن دفعي تون اونهاري ۾ تمام جلدي ڪويت ٿي وڃين!“

مون چيو، ”امان، مان لاءِ خاص ڊش بيشڪ ناهہ. مون گهڻن ڏينهن کان تنهنجي هٿ جو ڪاڌو ناهي ڪاڌو. اسان سڀ گهڻن ڏانهن کان پوءِ گڏجي ڪاڌو ڪائينداسين.“ مان چئي تہ اِهو رهي هيس، پر منهنجو دماغ ڪنهن ٻئي هنڌ هو.

صبح سان مان بيروت هلي ويس. ابوزيد منهنجي انتظار ۾ هو. هن سنجيدگيءَ سان چيو، ”ليليٰ! توکي ٽي. ڊبليو. اي جهاز اغوا ڪرڻو آهي.“

اِهو ٻُڌي مان کِلي ويٺيس. ڪمانڊر ابوزيد پڇيو، ”تون کِلين چو ٿي؟“

”جڏهن اوهان اِهو جملو چيو، تڏهن تڏهن مون کي لڳو، جڻ جهاز مون کي کلهن تي کڻي پڄڻو آهي.“

ڪمانڊر منهنجو جواب نظر انداز ڪندي چيو، ”وچ جهاز اغوا ڪر، ۽ ڪنهن کي پنهنجو منصوبو خراب ڪرڻ نہ ڏي.“

مون سڄي منصوبي کي ورجايو. ۽ سمورا تفصيل ياد ڪري ڇڏيم. مان روم وڃڻ واري جهاز ۾ هيس. ڪنهن عشق جي چڪر ۾ نہ، پر آمريڪي سامراج خلاف هڪ اهم مشن تي.

---

# آمريڪا ۾ فلسطين

(1)

عربن کي سندن سڄڻ ۽ دشمن جذباتي ماڻهو چوندا هئا. مان فلسطيني عرب هئڻ جي ناتي جذباتي هئڻ کي منطقي سمجهان ٿي، ڇوته مون کان منهنجي ڌرتي ڦري وئي آهي، ۽ منهنجي حال توڙي مستقبل بنهي کان انڪار ڪيو ويو آهي. پر مان جذباتيت هٿان پاڻ وڃائڻ لاءِ تيار ناهيان، ڇوته منهنجي اندر جو يقين مون کي پنهنجي ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائڻ جي جدوجهد ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي. دشمن جي بي انتها قوت جي باوجود مان نظرياتي ۽ حربي قوتن تي يقين رکندي، عوام ۾ تحرڪ پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿينديس. مون پنهنجي ڪم تي جذبي جي نه منخق جي اڳواٽي قبول ڪئي آهي، ۽ منهنجي پارٽي پاپولر فرنٽ به ڪم کان اڳ ان جي ضرورت تي ويچار ڪندي آهي.

اسان ذاتي مفاد لاءِ نه، پر گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪرڻ کي نصب العين سمجهيو آهي، جو اسان جي عمل جو مقصد دشمن کي وائکو ڪرڻ ۽ موجوده حقيقت جو روپ بدلائڻ آهي، جن کي موشي دايان اڻ ٽر ٿو سمجهي. اسان دشمن کي تباهه ڪرڻ لاءِ قوت گڏ نٿا ڪيون، جو اسان وٽ ايتري قوت ۽ هٿيار نه آهن. اسان ته دشمن جي دل ۾ ڊپ ۽ عوام جي دلين ۾ انقلاب جي احساس کي اڀاريندا آهيون. صيهونين، صيهونيت زده اولهائين معاشري جي عام راءِ کي متاثر ڪيو آهي، هو بزدل ماڻهن جي وچ ۾ پنهنجي بهادريءَ جو راڳ ٿا ڳائين. جڏهن ته اسان اولهه جي ٻوڙن ڪنن ۾ رڙيون ڪري پنهنجي عوام لاءِ انقلاب ۽ فلسطين جي قائم ٿيڻ جي ضرورت جا لفظ داخل ٿا ڪيون. ڊاڪٽر جارج حباش (سيڪريٽري جنرل پاپولر فرنٽ) هڪ دفعي چيو هو، ”22 سالن تائين ڪيمپن ۾ رهي، اسان ڪنهن کي پنهنجو حال پڇائي نه جاڻي، پنهنجي انقلاب لاءِ پاڻ ئي ارادو ڪيو آهي. ڪهڙي شيءِ اسان جي انقلاب کي اڳتي وڌائي ٿي، ڪهڙي تحفظ ٿي ڏئي، ڪهڙي واڌارو ٿي ڪري، اهو فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي، اسان جي انقلاب جو مقصد انصاف آهي، اسان جي گهرگهاٽ جي واپسي، اسان جي ملڪ جي واپسي، ۽ اسان جي ٻارن لاءِ پناهه گاهه جو احساس.“ 12( جون- 1970 ع)

مون کي ڄاڻ ڪانهي ته منهجي ڌرتيءَ تي قابض ۽ جارح مونتي جارحيت جو ڪيس هلائي سگهندا؟ جيڪڏهن هو اخلاقيات جي توقع ٿا ڪن، ته اخلاقيات جي اها تقاضا آهي، ته هٿين خالي انسانن مٿان جڏهن دل گهُري، بم وسايا وڃن! 29- آگسٽ 69ع تي منهنجو انقلابي قدم فلسطينين جي انسانيت جو اعلان هو. اولهه جي صيهونيت پرست پاليسين خلاف احتجاج.

مان روم وڃڻ واري جهاز کي دمشق ڏانهن ڦيرائڻ جي رٿا کي ذهن ۾ رکي بي حجاب ٿي سنگر سوئنگ مشين ڪمپنيءَ جي وچ اوير واري ايجنٽ سان ڳالهائي رهي هيس. مون وڳوڙي حالتن ۾ ننڍي کان ننڍي ۽ وڏي کان وڏي ڪم جي سِکيا ورتي هئي. پر بدلجندڙ انساني صورت سان منهن ڏيڻ جي سِکيا مون کي نه هئي، ته بيڪار ڳالهائيندڙن سان ڪيئن منهن ڏجي. هو ڳالهائيندو ئي رهيو ٿي، ۽ مان

پنهنجي سيٽ تي پاسا ورائي رهي هيس. مون کي لڳي رهيو هو ڄڻ جهاز تي موجوده هر شخص کي منهنجي رتا جي ڄاڻ هجي.

بيروت کان روم وڃڻ واري ساڳئي جهاز منهنجي پرسان هڪ نهايت نيڪ ۽ اخلاق وارو آمريڪي وينو هو، جنهن کي نيويارڪ وڃڻو هو. مون کي خبر هئي ته آمريڪي ٻين سياحن جيان زمين تي هر شيءِ بابت مزي سان ڳالهائڻ چاهيندا آهن. پر مون کي اها ڄاڻ نه هئي، ته ڪو هو انتهائي ذاتي سوال به هڪ ٻئي پنيان ڪندا رهندا آهن. سندس پهريون سوال هو، ”توهان ڪيڏانهن ٿيون وڃو؟“ مون ٺهه پهه وراڻيو، ”مان روم تي وڃان.“

ٻيو سوال هو، ”روم ڇو ٿي وڃين؟“

مان هڪ ڪن لاءِ جواب سوچڻ لاءِ ترسيس، ۽ پوءِ چيم،”مان پنهنجي مڱيندي سان ملڻ تي وڃان، جيڪو مون سان ملڻ لاءِ لنڊن کان اچي رهيو آهي.“ مون کي هڪدم احساس ٿيو ته مون ڪوڙ ڳالهايو آهي. جيڪڏهن هو اهو چوي ته روم ۾ مون سان ملجانءِ، ته ڇا چونديس. مون هڪدم ان جو جواب به سوچي ورتو، ۽ سندس پڇڻ بنا ڏاڍيان چيم، ”اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو هوائي اڏي تي اچي، ۽ مون کان اڳ پهچي، مون کي اچرج ۾ وجهي ڇڏي.“ پوءِ مون کانئس پڇيو، ”توهان ڪيڏانهن ٿا وڃو؟“

”نيويارڪ.“ مسٽر هولڊن آرام سان چيو، پر اجا هو ڳالهه پوري ڪرڻ جي موڊ ۾ نه هو. چيائين، ”هڪ عرب ڇوڪري اڪيلي پنهنجي مڱيندي سان ملڻ روم وڃي، ۽ ساڻس شادي ڪري، ڪجهه عجيب ٿو لڳي.“

مون اعتماد سان چيو، ”اسان ننڍپڻ کان هڪ ٻئي کي سڃاڻون ٿا، اسان جو مڱڻو ٿئي به ڪي سال ٿي ويا آهن. تنهن کان سواءِ اسان ماڊرن عرب آهيون، دقيانوسي نه.“

هاڻي هو مطمئن ٿي پنهنجو قصو ٻڌائڻ لڳو، ته ڪيئن ڪيس ۽ سندس زال کي پڄڻو پيو، ڇوته سندس زال جي ماءُ- پيءُ کي هو پسند نه هو. مون ڪِلي ڪيس يقين ڏياريو ته مان پنهنجي مڱيندي سان پڄي نه وڃي رهي هيس. ايتري ۾ ايئر هوسٽس اعلان ڪيو ته، ”جهاز ۾ هڪ نئون شادي ٿيل جوڙو آيو آهي. انهن وٽ هڪ وڏو ڪيڪُ آهي، هو اسان سڀني سان گڏجي ڪيڪُ کائڻ گهرن ٿا. ڇا توهان ڪيڪُ کائيندا؟“ مون مسٽر هولڊن ۽ ٻين مسافرن سان گڏجي چيو، ”ها، ضرور کائينداسين.“ انهيءَ خوشيءَ جي موڊ سان مسٽر هولڊن هڪ وار وري مون کي چيو، ”توهان ٻنهي جي شادي ڪيئن ٿي سگهي ٿي، ڇوته تنهنجو مڱيندو اڃا ته شاگرد آهي.“

مون چيو، ”اسان ’نودولتيا‘ ناهيون، پر پيڙهين کان رئيس آهيون. روزگار اسان لاءِ ڪو مسئلو ناهي.“

هوائي اڏي تي لهي، ڪسٽم وغيره سان منهن ڏئي، منهنجي لاءِ هڪ پورٽر کان جان ڇڏائڻ مسئلو ٿي پيو. نيٺ هن سڌو سنئون سوال ڪيو، ”اڄ رات توهان سان ڪٿي ملاقات ٿي سگهي ٿي؟“

مون سختيءَ سان چيو، ”معاف ڪجو، مان مصروف آهيان.“ پر وري روم ۾ بس ۾ سفر ڪندي، وري ساڳيو سوال! وري هڪ ٻيو بيوقوف شخص. حد ته اها ٿي جو وري هڪ ٻئي شخص پرسان اچي، بنا ڪجهه چوڻ جي مون کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀرڻ ٿي گهريو، جو مون رڙ ڪئي، ”پنهنجا هٿ پري ڪر، نه ته بس هيٺ ڊِڪو ڏيندي سانءِ.“ منهنجي ڪاوڙ ڏسي هو ڊڄي ويو، ۽ وري ڪا حرڪت نه ڪيائين.

مان به ڏينهن روم ۾ رهيس. انهيءَ وچ ۾ رکي رکي روم جو سير ڪرائڻ جون دعوتون ڏاڍي شدّ مدّ سان ملنديون رهيون، پر مان نرميءَ سان انڪار ڪندي رهيس. مان اڪيلي روم جي گهٽين ۾ گهمندي رهيس. مون کي ڪابه شيءِ خريد ڪرڻ جو شوق نه هو. مون فقط روم جي قديم آثارن ۽ فلم ڏسڻ کي پسند ٿي ڪيو، ۽ هلندي هلندي پنهنجي منصوبي کي من ۾ ورجائيندي ٿي رهيس.

29 آگسٽ تي صبح جو مان هوٽل مان حساب ڪتاب ڪري نڪتيس ۽ فو ميڪفر هوائي اڏي لاءِ بس ۾ وڃي وينيس. اهو هوائي اڏو روم جي ٻهراڙيءَ ۾ هو. جهاز اڌ ڪلاڪ ليٽ هو. منهنجو ساٿي، جنهن کي فوٽوءَ تي سڃاڻڻو هوم، پروگرام موجب اچي پهتو، ۽ اسان پنهنجن مخصوص اشارن جي ڏي وٺ ڪئي. هن جو نالو سليم عيساوي هو، هو حيفا جو رهاڪو فلسطيني هو، جنهن جي پالنا شام ۾ ٿي هئي. سليم خاموشيءَ سان منهنجي پرسان وينو رهيو، ۽ اسان ڄاڻي هڪ ٻئي کي نه سڃاڻڻ ۽ نا واقف هئڻ جون علامتون ظاهر ڪرڻ لڳاسين.

سڀ ڪجهه بلڪل مناسب ۽ شيڊول مطابق ٿي رهيو هو، جو اوچتو اسان جي رٿابنديءَ کي لوڏو آيو. اسان ڪان ڪجهه پر پرو هڪ ٻارڙي ويني هئي. وٽندڙ ڪپڙا پهريل هئس، جن تي پرت سان ”دوستي ڪيو“ لکيل هوس. ڪيس ڏسي، مون کي پنهنجو ننڍپڻ ياد اچي ويو. مون کي اهو احساس پڻ ٿيڻ لڳو ته انهيءَ ٻارڙيءَ ته منهنجو ڪو ڏوهه ناهي ڪيو، منهنجي قوم کي ڪو نقصان ناهي رسايو. هن تي ظلم ڇالاءِ؟ جوته جهاز اغوا ڪرڻ ڪان پوءِ ممڪن آ ته اسرائيلي اينٽي ڪرافٽ توبن وسيلي جهاز تباه ڪرڻ جي ڪوشش به ڪن..... هاڻي فلسطين جي سڄي جدوجهد ۽ فلسطيني ٻارڙن جون مجبوريون منهنجي اڳيان ڦرڻ لڳيون. مون پنهنجي جلاوطنيءَ جي پهرين ڏينهن کان وٺي اڄ تائين بي وس، بکين ۽ اگهاڙن پيرن وارن انسانن جا قافلا پنهنجي تصور ۾ هلندي محسوس ڪيا. بيگن ڪيمپ جا به دفعا مهاجر ٿيل ٻار، عمان ويجهو عجيب بيوسيءَ مان چئي رهيا هئا، ”آخر اسان به انساني نسل جو حصو آهيون.“

انهيءَ ڏيک سان منهنجي مَن کي ڌُوُ مليو، ۽ مان پنهنجو پاڻ کي چيو، ”مون ۽ منهنجي ديس واسين کهڙو ڏوهه ڪيو هو، جو هي ڪشالا اسان جي قسمت ۾ لکيا ويا آهن.“ جواب هو، ”ڪوئي ڏوهه نه!“ ”ته پوءِ اڳتي وڌ، پوئتي موٽڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.“ منهنجي ٻارن منهنجي اندر مان چيو.

707 بوئنگ ۾ هڪ ٻئي مسئلي اوچتو ڪَرُ ڪنيو. هڪ ٿيهاڪو ورهين جو نوجوان مون ڏانهن وڌي آيو ۽ ڏاڍي خوش دليءَ سان چيائين، ”هيلو.“ ”هيلو.“ مون سوچ ۾ ٻڏل اداس لهجي ۾ چيو. مان ان وقت رڪارڊ وروجو، جو ڪتاب ”منهنجو دوست چي“ (چي گويرا) پڙهي رهي هيس، ۽ انهيءَ شخص مون سان ڳالهائڻ، ۽ اِهو ڄاڻڻ ٿي گهريو، ته مان ڪير آهيان، ڪٿان آئي آهيان، ۽ ڪيڏانهن ٿي وڃان؟ هاڻي مان شاديءَ وارو سڄو قصو ورجائي نٿي سگهيس. چيم، ”تون پاڻ اندازو ڪر.“

هن سوچي چيو، ”يوناني..... هسپانوي..... اطالوي.....“

مون ڪانئس پڇيو، ”تون ڪٿان آيو آهين؟“

هن چيو، ”مان شڪاگو جو رهاڪو آهيان.“ ۽ وري پنهنجا سوال شروع ڪري ڏنائين، ”تون ڏکڻ آمريڪا جي رهاڪو ته ناهين.....“ اهو ڄاڻڻ ڪان پوءِ، ته هو ڪٿان جو رهاڪو آهي، سوچيم، جيڪڏهن مان پاڻ کي ڏکڻ آمريڪا جي رهاڪو چئي ڇڏيان ته کهڙو فرق پوندو- ۽ مون چئي به ڇڏيو.

”برازيل.“ هو اهو چئي به وڪون وڌيڪ مون ڏانهن سُري آيو. مون گهبرائجي چيو، ” تون منهنجي ويجهو ڇو ٿو اچين؟“

”تون بوليويا جي آهين نہ؟“ ”ها“ مون جواب ڏنو، ”پر تو ڪيئن سمجهيو؟“
”اهو تنهنجي هٿ ۾ جهليل ڪتاب ٻڌايو.“ هن چيو.
”تہ ڇا توڪي بہ چي وڻندو آهي؟“
”ها سنو ماڻهو هو.“
”پر تون ڪيڏانهن ٿو وڃين؟“
”مان پنهنجي ماءُ سان ملڻ ايٿنز وڃي رهيو آهيان. مان گذريل پندرهن سالن کان ساڻس نہ مليو آهيان، مون کي يقين آهي تہ هوءَ هوائي اڏي تي مون کان اڳ ئي انتظار ۾ هوندي.“
”بيوقوف! تون هن جهاز وسيلي نہ وڃ، ڇوتہ هي جهاز ايٿنز نہ پيو وڃي.“ منهنجي واتان اهو نڪرندي اٽڪي ويو. مان وري ”منهنجو دوست چي“ پڙهڻ ۾ مصروف ٿي ويس.

جهاز کي اڏامندي اڃا ويهہ منٽ مس ٿيا هئا، جو ايئر هوسٽيس فرسٽ ڪلاس جي پنجن ئي مسافرن جي خدمت چاڪري شروع ڪري ڏني. نہ مان ۽ نہ سليم ڪجهہ کائڻ لاءِ تيار هئاسين. ايئر هوسٽيس ڏاڍي حساس هئي. چيائين، ”جو ڪجهہ گهرجي، ٻڌايو.“ مون ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ۽ سليم بيئر جو- پر هن جي وَر وَر پڇڻ سبب اسان پريشان ٿي رهيا هئاسين. مون بهانو ڪيو، تہ منهنجي پيٽ ۾ سور آهي، ۽ ڪمبل گهريم. ڪمبل پنهنجي هنج ۾ ڪٽي رکيم، جيئن پنهنجي پرس مان هينڊ گرنيڊ ڪڍي سگهان. پستول ڪڍي مون پنهنجي پينٽ جي مٿئين حصي ۾ اهڙي نموني رکيو، جيئن ڏسڻ ۾ نہ اچي. سليم هڪ اسپرين جي گوريءَ لاءِ چيو. مون کي ڊپ ورائي ويو تہ ايئر هوسٽيس فرسٽ ڪلاس جي ٻن مسافرن جي بيمار ٿيڻ تي پريشان ٿيندي، ۽ اهو ڊپ بہ هوم تہ ڇا واقعي سليم جي مٿي ۾ سُور تہ نہ پئجي ويو آهي! پر جڏهن سليم گوري وٺي پينٽ جي کيسن ۾ وجهي ڇڏي، تڏهن مون ٿڌو ساهہ کنيو. جيئن ئي فرسٽ ڪلاس جو هڪ مسافر لائونج کان موٽيو، مون سليم کي اشارو ڏنو تہ هو ڪاڪ پٽ ڏانهن وڃي، ڇوتہ ساڳي پَل هڪ ٻئي ايئر هوسٽيس جهاز اڏائيندڙن لاءِ لنچ ڪٽي، ڪاڪ پٽ جو دروازو کولي رهي هئي. سليم موقعو تاڙي ورتو، ۽ ٽپ ڏيئي سندس اڳيان وڃي پهتو. ايئر هوسٽيس رڙ ڪئي، ”اوهہ- نہ!“ ۽ ٿري وڃي پري ڪري. گوڙ جو آواز ڏاڍو ٿيو، پر زخمي ڪوبہ نہ ٿيو. مان سليم جي ڪڍ هيس. ايئر هوسٽيس کي تنبيهہ ڪيم تہ رستو نہ روڪي. هن ڏڪندي ڏڪندي رستو ڏنو. سليم ايڏو ويڪرو هو، جو مان اڳيان ڏسي بہ نٿي سگهيس. البت مون سليم کي اهو چوندي ٻڌو تہ، ”جهاز کي چي گويرا ڪمانڊو يونٽ، پي- ايف- ايل- پي سان لاڳاپيل، اغوا ڪيو آهي- ۽ هاڻي جهاز جي نئين ڪپتان جو نالو شاديہ ابو غزالا آهي.“

انهيءَ وچ ۾ منهنجو پستول سُري اچي، پينٽ جي وچ تي پهتو. مان اهو ڪڍڻ لاءِ جهڪيس تہ جهاز جي عملي جا ڊپ وچان ڪاراٽيل چهرا مون کي نظر آيا. مون کي هڪ پَل لاءِ اهو سڀ ڪجهہ پوڳ جهڙو لڳو. مون من ئي من ۾ کلي ڏنو. پستول سنڀالي رکيم، ۽ ڪاڪ پٽ ۾ هينڊ گرنيڊ ڦيرائيندي داخل ٿيس، ۽ اعلان ڪيم تہ، ”مان نئين ڪپتان آهيان.“ جهاز جو عملو مون کي ڏسي حيران ٿي ويو. مون پنهنجي صلاحيتن جي ڀرپور اظهار خاطر هينڊ گرنيڊ جي سيفٽي پِن، انهي واردات جي تحفي طور پاڻ کان اڳ واري ڪپتان ڪارٽر کي ڏني. هن ڏاڍي عزت سان انڪار ڪيو، ۽ مون پن سندس پيرن تي ڪيرائيندي تقرير ڪئي، ”جيڪڏهن تو منهنجو حڪم نہ مڃيو، تہ پوءِ جهاز ۽ مسافرن جي ذميواري تنهنجي مٿان ٿيندي- ۽ ها، تون انگريزي سمجهين ٿو يا نہ؟ ٻڌ! تون بس منهنجي هدايتن تي عمل ڪر-

بيوقوفيءَ وارا سوال نہ ڪجانءِ، اِهو ئي تولاءِ چڱو ٿيندو.“ جيتوڻيڪ مون کي ڄاڻ هئي تہ جهاز ۾ پوڻن ڇئن ڪلاڪن تائين هلڻ جو تيل موجود آهي، پوءِ بہ انجنيئر تي رعب وجهن لاءِ چيم، ”توهان وٽ ڪيتري وقت لاءِ تيل آهي؟“ ”ٻن ڪلاڪن لاءِ.“ انجنيئر چيو.

”ڪوڙا! دغاباز، مون کي بہ بوئنگ بابت پوري ڄاڻ آهي. هاڻي جيڪڏهن تو ڪوڙ ڳالهايو تہ منڍي پيچي رکندي سانءِ.“ پائلٽ منهنجي ڪاوڙ گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي؛ پر مان ڪاوڙ ۾ ڪٿي هيس، مان تہ بيحد خوش هيس. پائلٽ جهاز جي عملي کي نئين ڪپتان جا حڪم مڃڻ جون هدايتون ڏنيون. هاڻي مون کي اندازو ٿيو تہ ڪپتان سهڪار ڪري رهيو آهي. مون هن کي ريڊيو روم ملائڻ لاءِ چيو، جيئن مان اطالوي عوام آڏو وضاحت ڪري سگهان. ڪپتان چيو، ”اسان اجا گهڻو پري آهيون.“ پر مون ڪيس ڪوشش ڪرڻ لاءِ چيو، پر ڪو ڪڙ تيل نہ نڪتو. مون ايئر هوسٽيس کي اسان جو سامان ڪٽي اچڻ لاءِ چيو، ۽ چيومانس تہ فرسٽ ڪلاس جي سيني مسافرن کي ٽورسٽ ڪلاس ۾ موڪلي ڇڏيو. پوءِ انٽر ڪام تي مسافرن اڳيان هي سنيهو پڙهيو، ”مان توهان جو ڌيان چاهيان ٿي. مهرباني ڪري پنهنجا حفاظتي بيلٽ ٻڌي ڇڏيو. توهان سان توهان جي نئين ڪپتان مخاطب آهي. پي- ايف- ايل- پي جي چي گويرا ڪمانڊو يونٽ، ٽي- ڊبليو- اي جي هن اڏام تي پنهنجو انتظام سنڀالي ورتو آهي. سمورن مسافرن کي هدايت ٿي ڪجي تہ هيٺين حڪمن جي پابندي ڪن.

1. پنهنجي سيٽن تي خاموش ويٺا رهو.
2. پنهنجي حفاظت لاءِ پنهنجا هٿ، پنهنجي مَٿي جي پٺيان رکو.
3. اٿڻ جي ڪوشش نہ ڪيو، نہ تہ ٻين مسافرن جي جان بہ اوهان خطري ۾ وجهي ڇڏيندا.
4. اسان اوهان جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

”توهان ۾ هڪ اهڙو مسافر بہ آهي، جيڪو فلسطيني ٻارن، عورتن ۽ مردن لاءِ پريشانين جو سبب بڻيو آهي. اسان اُن کي فلسطيني انقلابي عدالت آڏو پيش ڪرڻ چاهيون ٿا، باقي توهين سڀ اسان جي فلسطيني تنظيم جا مهمان آهيو. توهان سيني کي مذهب ۽ قوميت جي تعصب کان مٿيرو، اها اجازت هوندي تہ جهاز جي حفاظت سان لهڻ کان پوءِ، جيڏانهن چاهيو، ۽ جيئن چاهيو، وڃي سگهو ٿا. اسان جي منزل هڪ دوست ملڪ آهي، ۽ توهان جي ميزباني بہ دوست ڪندا.“

مون جيئن ئي اهو پيغام پڙهي پورو ڪيو، تڏهن محسوس ڪيم تہ جهاز اسان جي مطلب واري رستي کان ٻي پاسي پيو وڃي. مون ڪاوڙ مان ڪپتان کي چيو تہ شرارتن کان پاسو ڪري. جيڪڏهن هو چاهي ٿو تہ جهاز ۽ مسافر حفاظت سان منزل تي پهچي وڃن تہ هڪدم جهاز کي صحيح رستي تي وٺي هلي- هاڻي سليم مون کي ياد ڏياريو تہ، پندرهن منٽ گذري ويا آهن، جو مون مسافرن کي هٿ پويان رکڻ لاءِ چيو هو. مون هڪدم هدايت ڪئي تہ هو آرام سان ويهن؛ چاهين تہ شيمپئن بہ پي سگهن ٿا. مون ڪانئن تڪليف جي معافي بہ گهري. ايتري ۾ هڪ ايئر هوسٽيس اچي ٻڌايو تہ گهڻا مسافر انگريزي نٿا ڄاڻن، جنهن ڪري ڪين ڄاڻ ڪونهي تہ مون ڇا چيو آهي. ايئر هوسٽيس منهنجو سنيهو فرانسيسي ۾ ترجمو ڪرڻ جي حامي ڀري. مون سنيهو ٻيهر پڙهيو، ۽ مسافرن کي يقين ڏياريم تہ، اسان کي بس هڪڙي ئي مسافر جي ضرورت آهي.

هڪ اسرائيلي عرب صالح المصلم به جهاز ۾ سوار هو: اُن سوچيو هوندو ته اسان کيس پڪڙي مارڻ تا گهرون. جو هو ڏاڍو ڊڄي رهيو هو. اسان جي چونڊيل، دهشت پسنديءَ جي ترڪيب جو نتيجو اهو نڪتو، جو عام مسافرن جو ڊپ ختم ٿي ويو، ۽ ماڻهن اسان سان تعاون ڪيو. اسان مسافرن آڏو وضاحت ڪئي، ته اسان کي ڪنهن مسافر سان دشمني ڪانهي- پر اسان وچ اوڀر ۾ آمريڪي هٿ چراند ڪان سخت نفرت ڪريون ٿا. پوءِ اسان اهو اعلان ڪيو ته ڪنهن دوست ملڪ ۾ پهچي اسان جهاز تباهه ڪنداسين. اهو اعلان اسان دمشق پهچڻ ڪان فقط هڪ ڪلاڪ اڳ ڪيو.

انهيءَ وچ ۾ مون ريڊيو ڪنٽرول وسيلي زمين سان ڳانڍاپو پيدا ڪيو، ۽ يوناني انقلابين ۽ ڏکڻ يورپ جي ماڻهن کي سِڪ جا سنيها ڏنم. مون اعلان ڪيو ته يوناني ڪرنل، اسان جي انقلابين کي آزاد ڪن.

هر ڳالهه ٺيڪ ٿي رهي هئي. اسان وڃي مصري آبزرويشن ٽاور جي حدن ۾ پهتاسين. مون ڪنٽرولر کي پنهنجي سڃاڻپ عربي ڳالهائي ڪرائي، ۽ چيم ته مصري عوام کي اسان پاران انقلاب جون واڌايون ڏئي. مون چيو، "مان ليڊا وڃي رهي آهيان." هُن ڪِلي چيو، "ليڊا وڃي ڇا ڪندينءَ؟" چيم، "مان اباڻو وطن ڏسنديس."

"ڇا توکي يقين آهي ته ڏسي سگهندينءَ؟" هن پڇيو.

"ها، مون کي پَڪ آهي." مون چيو تڏهن هن مون کي خطرن جي ڄاڻ ڏيڻ ٿي گهُري، پر مون بٽڻ بند ڪري ڇڏيو.

ڪجهه منٽن کان پوءِ مان فلسطين جو ساحل ڏُنڌ ۾ ويڙهيل ڏسي سگهيس ٿي. جيئن جيئن مان اباڻي ڌرتي جي ويجهو پوندي ٿي ويس، تيئن محسوس ٿي ڪيم ته منهنجي عشق ۽ مون ۾ گڏيل مقابلو آهي، هڪ ٻئي کي پاڪر ۾ پرڻ جو. مان پنهنجي محبوبا ڏانهن اڏرندي ٿي ويس.... ۽ پوءِ مون کي پنهنجو حق ياد آيو، ۽ مون پائلٽ کي هيٺ لهڻ لاءِ چيو، ۽ مون قبضي هيٺ آيل فلسطين ۾ موجود پنهنجي ساٿي جلاوطنن کي مخاطب ٿي سنيهو ڏيندي چيو، ته اسان پنهنجي ڌرتيءَ ڏانهن جلد ورنداسين. مون کين ثابت قدم رهڻ جي تلقين ڪئي، ۽ اسرائيلي قلعي کي چُور چور ڪرڻ جو اظهار به ڪيم. مون عربيءَ ۾ ليڊا ٽاور کي ٻڌايو ته اسان جو جهاز لهڻ وارو آهي، پر هن کي سمجهه ۾ نه آيو. پائلٽ مون کي چيو ته اسان کي ڪليئرنس جو انتظار ڪرڻ گهرجي. پر مون چيو، "هيءَ منهنجي ڌرتي آهي. هتي لهڻ لاءِ اسرائيلي ڳجهن کان اجازت وٺڻ مون لاءِ ضروري ناهي." پوءِ مون ٽاور سان انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندي چيو، "اسان وري پهچي ويا آهيون. شايد ابو غزاله وري زندگيءَ ۾ اچي وئي آهي. لکين شايد هتي وَر وَر ڪري ايندين، ۽ پنهنجي ڌرتي واپس وٺنديون." اسرائيلي ٽاور ڊپ کان ڪنبڻ لڳو هوندو، جڏهن مون چيو ته، اسان جهاز کي هوائي اڏي تي تباهه ڪنداسين.... گهڙي پل ۾ ٺي ٺي اسرائيلي ميراج جهاز فضا ۾ اڀريا ۽ اسان کي ڌرتيءَ تي لهڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون. مون انتر ڪام کي اهڙي نموني آن ڪيو، جيئن مسافر به سڀ ڪجهه ٻڌي سگهن. مون هڪ وار وري اعلان ڪيو ته پائلٽ ۽ اسرائيلي، جهاز ۽ مسافرن جي حفاظت جا ذميوار آهن. جيڪڏهن اسان جي حڪمن جو پورائو ڪيائون ته اسان کين ڪو به نقصان نه رسائينداسين.

ساٿي پائلٽ چيو ته جيڪڏهن کيس اسرائيلين سان ڳالهائڻ جي موڪل ڏني وڃي ته هو کين سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو. مون کيس اجازت ڏني. هن چيو، "پاپولر فرنٽ آزاد عرب فلسطيني ماڻهن

هيندڙ گرنيڊ سان جهاز کي تباھ ڪرڻ جي ڌمڪي ڏني آهي، جيڪڏهن توهان جي ميراج جهازن رستو نہ ڏنو.“ هيل تائين اسرائيلي ٽاور اسان کي ٽي- ڊبليو- اي 840 چئي ڳالهائي رهيو هو. مون کي ڪاوڙ اچي وئي ۽ کيس چپ رهڻ لاءِ چيم. ٻنڻ بند ڪندي مون چيو، ”جيسين پاپولر فرنٽ عرب فلسطين ڪري نہ ڳالهائيندا، مان توهان جي ڪابہ ڳالھ نہ ٻڌنديس.“

گهڙي ڪن ۾ هن جو لهجو بدلجي ويو، ۽ هاڻي اسان حيفا جي ويجهو پهچي ويا هئاسين. پائلٽ پڇيو، ”هاڻي مان ڇا ڪيان؟“ مون چيو، ”اسان کي اباڻي ڌرتيءَ مٿان 70 منٽ چڪر هڻڻو آهي.“

هاڻي منهنجي سامهون بابي جو چهرو اُڀريو، ۽ چيائين، ”اسان ڪڏهن گهر ايندا سين؟“ مان خاموش ٿي ويس. مون فلسطين جي ساوڪ ۽ پهاڙن کي ڏٺو. هيٺ تل ابيب ڏسڻ ۾ آيو ٿي. منهنجي دل ڀرجي آئي، ۽ مون روئي ڏنو. ”بابا! اسان پنهنجي وطن ضرور ورنداسين، ۽ پنهنجي وڃايل عزت وري حاصل ڪنداسين. “ پوءِ هڪدم احساس ٿيم تہ مشن تي ذاتي احساس حاوي پوندا ٿا وڃن. پائلٽ کي چيم، ”لبنان هلو، جتي منهنجا ديس واسي مهاجر طور پيا رهن.“ اسرائيلي جهاز اسان جو پيڇو ڪندا رهيا، پر لبناني سرحد وٽ هو غائب ٿي ويا.

پائلٽ چيو، ”اسان کي بيروت ۾ لهڻ لاءِ ڪليئرنس لاءِ چوڻ گهرجي.“

مون چيو، ”هي عرب ملڪ آهي.“ اسان بيروت مٿان چڪر هڻڻ کان پوءِ پائلٽ کي دمشق هلڻ جو حڪم ڏنو.

هن اعتراض ڪيو، ”اهو هوائي اڏو 707 بوئنگ لاءِ قطعي مناسب ناهي.، مون وري ڪاوڙ مان چيو، ”تنهنجي خيال ۾ اسان ايترو غير ترقي يافتہ آهيون، جو تنهنجي هن واهيات جهاز کي لاهي نہ سگهنداسين؟ “ پائلٽ ڪوبہ جواب نہ ڏنو. مون مائڪروفون ورتي، مسافرن سان آخري دفعو ڳالهايو، ”جهاز لهندي ئي خالي ڪري ڇڏيو. خدا ڪري، شام ۾ اوهان جو وقت سنو گذري. مون کي يقين آهي تہ اسان سني ليندنگ ڪنداسين. “

پيٽرول جي ٻتي ڳاڙهو نشان ڏيکاري رهي هئي. ڪپتان ڪليئرنس ورتو، ۽ جهاز لهڻ لڳو. مون وري چيو، ”جهاز حفاظت سان لاٿو وڃي. چوتہ جيڪڏهن مان ڪريس تہ هيندڙ گرنيڊ بہ ڪري، ڦاٽي پوندو- ۽ هڪ سني سفر جي پڇاڙي خراب ٿي ويندي.“ ڏاڍي آرام سان جهاز لٿو، ۽ ٽن منٽن اندر خالي بہ ٿي ويو. مون ۽ سليم، ماڻهن کي آرام سان سامان لاهڻ لاءِ چيو بہ، پر ماڻهو ڊپ وچان پيرين اگهاڙا وني پڳا. حد تہ اها ٿي جو جهازي بہ پنهنجا يونيفارم اتي ڇڏي هليا ويا. جيئن ئي ڪيپٽن ڪارٽر باهر آيو، مون کيس سيليوٽ ڪيو، ۽ سهڪار جا ٿورا مڃيم. هن مون کي حيرانيءَ سان ڏٺو، ۽ پوءِ چيو، ”توهانجي مهرباني!“

مون جهاز جانچي ڏٺو. سمورا مسافر هليا ويا هئا. سليم ڪاڪ پٽ کي تارن سان ملايو، ۽ فيوز لڳايو. مون ايمرجنسيءَ جي ٽٽل دريءَ کان ٻاهر ٽپو ڏنو. سليم منهنجي پنيان آيو، ۽ ڪلهن تي اچي لڳو. پر جهاز ۾ ڌماڪو نہ ٿيو. سليم جي ذاتي دليري هئي، جو هو وري جهاز ۾ ويو. وري هر شيءِ کي جانچي، فيوز هنيائين. هاڻي شامي فوج بہ اچي ويئي هئي، مون هنن جو ڌيان هٽايو. ”هن پاسي اسرائيلي فوجي ويا آٿوَ، وڃو انهن کي پڪڙيو.“ سليم اڃا جهاز ۾ هو. مون کي سندس سلامتيءَ جي ڳڻتي هئي، مان سندس بهادريءَ ۽ بي غرض جذبي جوقدر ڪندي هيس. مان پاڻ اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ناڪام رهيس. هڪدم سليم ٻاهر آيو، ۽ ڏاڍي اعتماد سان هٿ لوڏيائين. جهاز ۾ اڃا ڌماڪو نہ ٿيو هو.

سليم جهاز جي پَرن مٿان گوليون هنيون. پر جهاز ۾ تيل هيو ئي ڪونہ، جنهن ڪري گولين سان بہ نڪاءُ نہ ٿيو. نيٺ جڏهن باهہ ڏنيسين، تڏهن هڪدم اسان ويهہ فوٽ پري ٿي وياسين. مسافر هاڻي اڌ ميل کن پري وڃي چڪا هئا، ۽ جهاز کي باهہ منجهہ ڏسي رهيا هئا. نڪاءُ جو آواز ٻڌي شامي فوجين پوئتي مُنهن ورايو، منظر ڏسي حيران ٿي ويا. هو اجا بہ وڌيڪ حيران ٿيا، جڏهن مان ۽ سليم هٿيارن سوڌو وڃي وٽن پيش پياسين. الهدف جو فوٽو گرافر، جنهن کي فرنٽ وارن پيراشوٽ وسيلي هن واقعي جي فلم ڪڍڻ لاءِ لاٿو هو، اهو سڄو منظر ڏسي ايڏو جوش ۾ اچي ويو هو، جو فلم ڪڍڻ وقت هو ڪئميرا جو لينز لاهڻ بہ وساري وينو هو.

اسان جا شامي ميزبان اسان کي ايئر ٽرمينل تائين وٺي آيا، ۽ مون مسافرن اڳيان مختصر تقرير ڪئي: ”دوستو! اڄ وقت ۾ اوهان جي سهڪار ۽ مهربانيءَ لاءِ اوهان جا ٿورا! مان، ڪيپٽن شاديہ ابو غزالا آهيان، پر اهو منهنجو نالو ناهي. منهنجو نالو خالده آهي. شاديہ اها لافاني عورت هئي، جنهن لکيو، ’همت وارن کي ماڻهو وساريندا ناهن، پر انهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام جي ميراث هونديون آهن.‘ هي اُهو فلسفو آهي جنهن کي مورخ ۽ تجويز ڪندڙ سمجهي نہ سگهندا. شاديہ کي وساري نہ سگهبو، جو پاپولر فرنٽ ۽ انقلابين جي نئين ٿهيءَ لاءِ هن راهون ڏنيون. مان توهان کي ٻڌائڻ ٿي چاهيان تہ شاديہ نابلوس جي علائقي جي هڪ عرب عورت هئي. هوءَ ماسترياڻي هئي، ۽ پاپولر فرنٽ جي ڳجهين سرگرمين جي اهم ڪارڪن هئي. 21 نومبر 1968ع تي هوءَ پنهنجي جي گهر ۾ هڪ ڌماڪي سان مري وئي، جوتہ ان وقت هوءَ فرنٽ لاءِ هينڊ گرنيڊ ٺاهي رهي هئي. مون 840 اُڏام تي سندس نالو ان ڪري اختيار ڪيو، جيئن عورتن، ٻارن، ٻُڍن ۽ مَردن تي ٿيل اسرائيلي ظلمن جو داستان اوهان کي ٻڌائي سگهان. جڏهن تہ هو اسان جي ظلمن جا هٿ ٺوڪيا داستان روز اوهان کي ٻڌائي رهيا آهن. اسان ٽي ڊبليو اي جو رستو ان ڪري بدلايو تہ، پهريون تہ اها هڪ وڏي آمريڪي هوائي ڪمپني آهي، ٻيو تہ اهائي هوائي ڪمپني اسرائيلين کي سهوليتون ڏيئي رهي آهي. آمريڪا،اسرائيل کي سڀ کان وڌيڪ امداد ڏني آهي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ هٿيار پڻ شامل آهن. اسرائيل کي ٽيڪس جي معافيءَ سان آمريڪي ڊالر پڻ ملي رهيا آهن، ۽ عالمي ڪانفرنسن ۾ آمريڪا اسرائيل جي پٺ پرائي بہ ڪري رهيو آهي. اسان آمريڪا جي خلاف ان ڪري آهيون جو اهو هڪ سامراجي ملڪ آهي. ۽ اسان جو يونٽ، چي گويرا ڪمانڊوز ان ڪري ٿو سڏائي، جو اسان چي گويرا جي قتل جي آمريڪي سازش تي لعنت وجهي رهيا آهيون؛ ۽ اسان چي کي نئين دنيا ۽ انقلاب جو نمائندو ٿا سمجهون. اسان جهاز حيفا ان ڪري وٺي ويا هئاسين، جو مان ۽ سليم، ٻئي حيفا جا رهاڪو آهيون. ۽ اسان 1948ع ۾ اُتان لوڏيا ويا هئاسين، اسان توهان کي تل ابيب ان ڪري وٺي ويا هئاسين، جو اسان اسرائيلين کي ٻڌائڻ ٿي گهريو تہ جڏهن عرب جارحيت اختيار ڪن تہ توهان لاءِ بچاءَ جي ڪابہ واٽ نہ بچندي. اسان توهان کي دمشق ان ڪري وٺي آياسين تہ عربن جي سرزمين جو جو هي حصو دل واري حيثيت رکي ٿو، ۽ شامي ماڻهو ڏاڍا مهمان نواز ۽ سنا آهن. اسان کي يقين آهي تہ توهان جو دمشق جو وقت سٺو گذرندو. اسان کي اها بہ اميد آهي تہ، واپس وڃي توهان پنهنجن دوستن کي ٻڌائيندا تہ هو اسرائيل، وچ اوير جي جنگين ۾ نہ وجن. مهرباني ڪري پنهنجي پاڙيسرين کي ٻڌائيندا تہ اسان بہ توهان جيان امن پسند، ۽ حفاظت سان پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ جا خواهش مند آهيون. آمريڪين کي وڃي ٻڌايو، تہ ڪين جنگ پسند ناهي، ۽ هو ٻين جي استحصال جا مخالف آهن، تہ هو پنهنجي حڪومت کي اسرائيل جي مدد ڪرڻ کان روڪين. پنهنجي حڪومت کي اهو پڻ ٻڌايو تہ،

اسرائيل اچڻ جو مطلب اهو بہ آهي تہ، اوهان اسان جي حقن، انقلاب ۽ امن جو رستو روڪي رهيا آهيو- مظلومن سان محبت ڪرڻ وارن ڪي اسان جو سلام.“

29 آگسٽ 69ع تي شام جو ڇهين وڳي جو وقت هو. مون جيئن ئي تقرير ختم ڪئي، ڏنم، منهنجو يوناني دوست هڏڪيون ڀري روئي رهِو هو، ۽ هڪ آمريڪي عورت ڪيس دلاسو ڏيئي رهي هئي. مون ڪي ڄاڻ ڪانهي تہ هن فقط مون ڪي سفر جي ساٿيءَ طور ياد رکيو هو يا نہ. مان ۽ سليم مسافرن سان ملڻ ۽ منائي ورهائڻ لڳاسين. بہ پوڙهيون عورتون هڪ ٻئي ڪي آٿت ڏيئي رهيون هيون، ” شُڪر ڪر جيئرا تہ آهيون.“

شامي حڪومت مسافرن جي ڪسٽم ڪان تلاشي ڪرائي، ڪين هوٽل ۾ وني وئي. ڇهن اسرائيلين ڪان سواءِ، سيني ڪي آزاد ڪيو ويو. هڪ آمريڪي عورت ڪي گوڏي جي هڏي ٽٽڻ ڪري اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. 3 سيپٽمبر تي ڇئن اسرائيلين ڪي آزاد ڪيو ويو، باقي ٻن ڪي شامي فوج جي ٻن پائلٽن جي عيوضي ۾ آزاد ڪيو ويو. مون ڪي ۽ سليم ڪي پوليس هيڊ ڪوارٽر موڪليو ويو.

جيتوڻيڪ اسان هوائي اڏي تي شامي ماڻهن جي تاڙين جي آجيان سان لٿا هئاسين، ۽ شامي آفيسر بہ ڏاڍي محبت سان مليا هئا. پر هاڻي هڪ مٿي ڦريل ڪرنل پڇا ڳاڇا شروع ڪري ڏني:

”توهان ڇا ٿا سمجهو، توهان ڇا آهيو؟“

”توهان جيان سپاهي.“ مون چيو.

”نہ!“ هن ڪاوڙ مان چيو، ”توهان دهشت پسند تنظيم آهيو.“

آهيون..... مان انقلابي سڏائڻ واري عرب ملڪ ۾ آهيان يا اسرائيل ۾!“ مون ڪاوڙ مان چيو.

ڪرنل ڪي منهنجو لهجو چڱو نہ لڳو. چيائين، ”تنهنجو ايڪشن فدائين جيان ناهي، اها دهشت پسندي آهي.“

”سائين! مون ڪي جيڪو حڪم مليو آهي، مون اهو پورو ڪيو آهي. جيڪڏهن توهان اسان جي انقلابي تنظيم جي ڪارڪردگيءَ واري عمل تي بحث ڪرڻ ڪرڻ ٿا چاهيو تہ، اهو پوليس ٿاڻي ۾ تہ نٿو ٿي سگهي.“ مون وٽ ڪان ٻاهر ٿيندي چيو.

پر هن منهنجي ڳالهہ ٻڌي- اڻ ٻڌي ڪري چيو، ”تنهنجي سکيا ڪٿي ٿي آهي؟“

”مان وڏيڪ ڪنهن بہ سوال جو جواب نہ ڏينديس. مان پنهنجو ۽ پنهنجي پارٽيءَ جو نالو ٻڌائي چڪي آهيان.“ مون چيو.

ڪرنل اسان ڪي اونداهين ڪوٺڙين ۾ بند ڪرڻ ۽ بہ بہ سوڙيون ڏيڻ جو حڪم ڪيو. رات جو اٽڪل يارهين وڳي اسان ڪي جانچ لاءِ ٻي ماڙ تي آندو ويو. مون پنهنجو نالو خالده ڄاڻايو هو، ۽ هنن ڪي قطعي پڪ هئي تہ اهو نالو غلط آهي. انچارج آفيسر ڪجهہ وڏيڪ چالاڪ ۽ هوشيار هو. هن پنهنجي اسسٽنٽ ڪي اسان لاءِ ڪاڏو آڻڻ لاءِ چيو، ۽ ٻڌائڻ لڳو تہ هو پاڻ فلسطيني انقلابي تنظيم سان ڪيترو لاڳاپيل آهي. مون دخل اندازي ڪندي چيو، ”ڪرنل جا تہ اهڙا خيال نہ آهن.“

”ڪير ڪرنل؟“ هن پڇيو.

”اها ڄاڻ تہ توکي هئڻ گهرجي.“ مون آرام سان چيو.

اسسٽنٽ ماني ڪٺي آيو، پر مون ڪائڻ ڪان انڪار ڪندي چيو: ”جيسين مون ڪي آزاد نٿو ڪيو وڃي، مان ڪاڏو نہ ڪائينديس.“

”چڱو، جيڪڏهن توکي آزاد ڪيو وڃي ته تون ڪيڏانهن ويندينءَ؟“ هن پڇيو.
”پنهنجي ملڪ فلسطين.“

آفيسر ٻيون به گهٽيون ڳالهيون پڇيون، پر منهنجو هڪڙو ئي جواب هو، ”ڪوبه تبصرو نه.“ رات جو دير سان مون غسلخاني وڃڻ لاءِ چيو. مون سان گڏ هڪ پوليس جو ماڻهو هليو، حڪم موجب ڪيس اڳ ۾ منهنجي تلاشي ونڻي هئي. مون ڪيس چيو، ”جيڪڏهن تو منهنجي جسم کي هٿ لاتو ته مان گوڙ ڪندي سانءِ. چونديس هن منهنجي عزت تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن حڪم جي پرواهه نه ڪئي. مون کي منهنجي سيلَ ۾ وني آيو. مون چوڪيدار کي سگريٽ آڻي ڏيڻ لاءِ چيو. هن انڪار ڪيو. مون هڪ سگريٽ کي احتياط سان استعمال ڪري سڄي رات ڪاٽي. مان نه ته ننڊ ڪري ٿي سگهيس، ۽ نه ڪنهن سان ڳالهائي ٿي سگهيس. سڄي رات مون گارڊ کي چڪر هڻڻ تي مجبور ڪيو. خبر ناهي، صبح جو هو ٿڪل هو يا نه- پر مون اهو عمل ٽئن راتين تائين جاري رکيو.

31 آگسٽ جي صبح تي مون لاءِ نيرن سيل ۾ آندي ويئي. مون انڪار ڪندي ڪاوڙ مان چيو ته مان بُک هڙتال تي آهيان- مون ٽن ڏينهن کان ڪاڌو نه ڪاڌو هو، ۽ سگريٽ پي رهي هيس. مان اڪيلي بور به ڏاڍي ٿي رهي هيس، پر مون کي جاڻ هئي ته منهنجا ڪامريڊ، منهنجي انهيءَ ڪاميابيءَ تي ڏاڍا جشن ملهائي رهيا هئا. منجهند جو مون، وچ ۾ لڳل پارٽيشن کي مروڙي، ايتري جڳهه پيدا ڪري ورتي هئي، جو اسان ٻئي آهستي ڳالهائي سگهون. مون هن کي هوائي اڏي تي پڪڙيل عورت جو قصو ٻڌايو. هو اهو ٻڌي ڏاڍو کليو. گارڊ کِلڻ جو آواز ٻڌي سمجهيو، شايد مان چري ٿي پيئي آهيان. هو ڊوڙندو آيو، پر مون کي باقائدي هوش ۾ ڏسي گهبرائجي ويو، ۽ سوارخ ڏسي هوشيار ٿي ويو. هن مون کي دهشت پسند چئي، خراب نتيجن جي ڌمڪي ڏني. مون سوارخ وڏيڪ ويڪرو ڪري چيو، ”وڃ، ٻڌاءِ وڃي پنهنجي آقائن کي!“

انهيءَ شام جو هڪ ٻيو ڪرنل اسان سان ملڻ آيو. هو سادا ڪپڙا پهريل هو، ۽ پاڻ کان اڳ واري ڪرنل کان سني طبيعت جو لڳي رهيو هو. هن پنهنجي سجاڻپ ڪرائيندي چيو ته مان شامي ايئر فورس الناصر شعبي ۾ فلسطيني پائلٽ آهيان، ۽ ”اذاني“ آهي. مان هاڻي ئي محاذ کان موٽيو آهيان، ۽ تولاءِ مجاهدن ياران سِڪ جو سنيهو کڻي آيو آهيان.

مون چيو، ”جيڪڏهن اسان کي انقلابي ٿا چئو ته پوءِ اسان کي جيل ۾ چو رکيو اٿوَ.“

”تو آخر بُک هڙتال چالاءِ ڪئي آهي؟“ هن منهنجي سوال جو جواب ڏيڻ بنا، ٻيو سوال ڪيو.

”ان ڪري جو مون سان مجرمن وارو سلوڪ پيو ڪيو وڃي، ۽ مان آفيسرن جي حقارت جهڙي رويي تي سخت احتجاج ٿي ڪيان.“

”هن چيو، ”ڪجهه پئسن يا ڪنهن ٻي شيءِ جي ضرورت هجي ته ٻڌاءِ.“

مون فخر سان چيو، ”مون وٽ پئسا به آهن، ۽ ٻيو به سڀ ڪجهه. مون کي هن غسلخاني جهڙي جيل مان آزاد ڪرايو.“

هو ڪو جواب ڏيڻ بنا هليو ويو.

پهرين سيپٽمبر تي مون کي ڏاڍي ڪمزوري محسوس ٿي، ۽ مان ڏاڍي ٿڪل به هيس، پيٽ، مٿي ۽ جسم ۾ سُور؛ مون کي بي حال ڪري ڇڏيو هو. مون کي ڦيريون اچي رهيون هيون. پر مون ماني کائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ شام مان غسلخاني ڏانهن ويندي بيهوش ٿي ويس، ۽ مون کي هوش ۾ آڻڻ

لاءِ هنن کي ڪجھ وقت لڳو. شامي آفيسر ڏاڍا منجهيل هئا. هنن ڊاڪٽر کي سڏايو، ۽ هن مون کي ڏهي کائڻ، ڪافي پيئڻ يا ٻيو ڪجھ بہ ٿورو گهڻو کائڻ لاءِ چيو. مان انڪار ڪري هلي آيس. تنهن کان پوءِ مون کي ايترو ياد آهي تہ نرس منهنجو منهن ڌوئي رهي هئي، ۽ سليم مون کي اسپتال جي ايمبولينس ۾ وٺي وڃي رهيو هو. مان ٻين سيپٽمبر جي صبح تائين چڱيءَ طرح هوش ۾ نہ آئي هيس. پر مان مطمئن هيس. انهيءَ مطمئن هئڻ جي احساس ئي هوش ۾ اچڻ کان پوءِ مون کان لکرايو، ”اسان کي سخت ٿيڻ گهرجي، پر پنهنجي اندر جي نرميءَ کي ضايع ٿيڻ نہ ڏجي.“

ڪيڏو سنو جملو هو. پر انقلاب جي نرمي ۽ روايت اجا بہ خوبصورت شيءِ آهي. مون کي ڄاڻ ڪانهي تہ مون انهيءَ شيءِ کي اثرائتي نموني استعمال ڪيو آهي يا نہ. ٻين کي منهنجي ڪم تي تبصرو ڪرڻ جو حق آهي. جيتوڻيڪ سرمايادار ملڪن منهنجي ڪم کي دهشت گردي سڏي مون کي سخت ترين سزا ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي.

منهنجي زندگيءَ جي اها معجزي جهڙي گهڙي هئي، جڏهن پسٽل جي گهوڙي تي آڱر رکي، دشمن کي پنهنجي حڪم مڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. مان سڄي ڄمار دشمن تي هٿيار کڻڻ لاءِ سوچيندي رهي هيس. اهو دشمن جنهن منهنجي ڌرتي ڦُري آهي.

**”او فلسطين! منهنجا عشق، منهنجي محبت، مان تنهنجي دشمنن خلاف بغاوت ڪنديس. مان پنهنجي بدن جي حصن مان بم ٺاهينديس، ۽ پنهنجي روح جي تارن مان تولاءِ لباس جوڙينديس. مان پنهنجي ۽ پنهنجي ڀينرن جي قوت سان، پنهنجي وجود کي بمن ۾ منتقل ڪري پنهنجا پهاڙ ۽ ڌرتي آزاد ڪرائينداسين.“**

اوهہ! مون کي لڳي ٿو، مان پاڻ کي وساريندي ٿي وڃان. مان تہ ڪنهن شاعر جيان لکندي ٿي وڃان. شاعرن جا ڪارناما، هٿيارن کان وڌيڪ ڪارائتا هوندا آهن.

”او خدا! اسان جي اُجِ ڪڏهن اُجهامندي! مان ڪڏهن پنهنجي گهر وينديس، ۽ زندگيءَ جو ڀرپور لطف حاصل ڪنديس.... مان حيفا ۾ رهڻ ٿي چاهيان، هتي منهنجو ساهہ ٿو ٻوساٽجي.“

مون سي- آئي- اي جي منهن تي جيڪا چماٽ هنئي هئي، ان تي مان ۽ سليم خوش هئاسين تہ اسان هيڏي ساري طاقت جي منهن تي چماٽ هنئي آهي. هاڻي آمريڪا چاهي تہ پنهنجا سمورا هٿيار اسرائيل کي ڏيئي ڇڏي. پر پوءِ بہ **اسان زندھ رھنداسين.**

مون کي اهو پَل ياد آهي، جڏهن مان پائلٽ جي ڪيبن ۾ گهڙي هيس. ڪيپٽن مون کي ڏسي ڪيئن ڏڪي ويو هو. ڪيئن حڪم مڃڻ وارا جملا سندس واتان نڪتا هئا، ”حاضر سائين! جيئن توهان چوندا، تيئن ڪندس. ٻڌايو مان ڇا ڪيان؟“

هو منهنجو ڪم ڏسي حيران ٿي ويو هو. مون کي پڪ آهي تہ هن دل ئي دل ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل تي هزار ڀيرا لعنت وڌي هوندي. ڪيڏو عجيب موقعو هوندو آهي، جڏهن هر ايئر ٽاور کي مجبور ڪجي تہ هو اسان جو نعرو نشر ڪري، ”پاپولر فرنٽ- آزاد عرب فلسطين.“

پائلٽ سڀ کان اڳ اسان جو نعرو هنيو هو. هن اهو ڏکندڙ آواز ۾ ادا ڪيو هو. هو هڪ وچولي درجي جي آمريڪي گهراڻي جو فرد هو، جنهن کي دنيا جي هر شيءِ کان وڌيڪ پاڻ سان پيار ڪرڻ

سيڪاريو ويندو آهي. مون کي يقين آهي تہ خود غرضي، آمريڪي خاصيت آهي. منهنجو خيال هو تہ پائلٽ جي ذهن ۾ ڪٿي بہ اهو خيال نہ هوندو تہ هو پاڻ آمريڪا خاطر قربان ڪري ڇڏيندو.

مون لاءِ اها گهڙي ڪيڏي شانائتي هئي، جڏهن مان دشمن جي جهاز ۾ اباڻي ڌرتيءَ مٿان لنگهيس. او منهنجا خدا! اُها ڪيڏي نہ خوبصورت ڌرتي آهي. منهنجو تہ دشمن هٿان پنهنجي ڌرتيءَ تي مري وڃڻ لاءِ مَن گهري رهيو هو. جيئن مان تا حيات پنهنجي ڌرتيءَ جي ذرڙن ۾ ملي وڃان. پر منهنجي انقلابي شرافت، مون کي ذاتي خواهش کي قربان ڪري، انهن ٻارڙن کي تحفظ ڏيڻ تي مجبور ڪيو، جن منهنجي قوم سان ڪائي غداري يا منهنجي قوم خلاف ڪو ڏوهہ نہ ڪيو هو.

3- سيپٽمبر تي اسان کي خبر پئي تہ شام وارن ڇئن اسرائيلين کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن تہ مان ۽ سليم اڃا قيد ۾ هئاسين. مون ڪاوڙ مان ڏاڍو ڳالهايو. نرسن مون کي خاموش ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، ۽ چيو تہ جيڪڏهن تون آزادي چاهين ٿي تہ ڪجهہ کاءُ. مون ڪاڏي لاءِ وعدو ڪيو، پر جيڪڏهن هو مون کي ريڊيو ۽ اخبار آڻي ڏين. هنن مون کي ريڊيو آڻي ڏنو، ۽ مون سڀ کان اڳ پائلٽ واتان جهاز جي اغوا جو قصو ٻڌو. ڪجهہ دير کان پوءِ شامي فوجن جو ڪمانڊر انچيف جنرل مصطفيٰ طلس منهنجي ڪمري ۾ آيو، ۽ منهنجي ڪارنامي کي انتهائي چريائپ چئي، مون تي يو- اي- آر جي ايجنٽ جو الزام مڙهيو. هن اهو بہ چيو تہ جهاز اغوا ڪري دمشق آڻڻ جو منهنجو مقصد اهو هو تہ جيئن شامي حڪومت بدنام ٿئي، ۽ مصري حڪومت ۽ صدر ناصر کي پروپيگنڊا لاءِ مواد ملي وڃي.

مون هنن کي سمجهايو، تہ فرنٽ خود مختيار ادارو آهي، ۽ اسان ڪنهن کان حڪم نہ وٺندا آهيون- جڏهن مون هنن کان اسرائيلين جي آزاديءَ بابت پڇيو، تہ هن چيو، ”تون شام جي قيدي نہ، مهمان آهين.“

”مان ڪنهن بہ ملڪ يا شخص جي مهمان ٿيڻ نٿي چاهيان. مون کي پنهنجي وطن ڏانهن ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو وڃي.“ ساڳي وقت مون اهو بہ چيو تہ ممڪن هجي تہ صدر عطلس سان مون کي ملايو وڃي. پر هن ٻڌايو تہ صدر عطلس مصر ويل آهي، نجاڻ ڪڏهن واپس اچي.

جنرل جي وڃڻ کان پوءِ مون کي ۽ سليم کي هڪ اهڙي گهر نيو ويو، جتي چار ماڻهو ٻيا بہ هئا. اسان کي اهو تجربو ٿي ويو هو تہ اسان جيترو ڪاوڙ مان ڳالهايو ٿي، شامين اوتري ئي نرمي ٿي ڪئي. اسان ايندي ئي پڇيو تہ اسان کي ڪيترن ڏينهن لاءِ هتي ترسايو ويندو، ۽ ڇا لاءِ؟ ڪوئي جواب نہ مليو پر انهيءَ رات ئي ڏهين وڳي ڌاري ڪرنل علي زارا (حافظ الاسد جي حڪومت ۾ وزير داخلا آهي) بن سيگا ڪمانڊوز سان گڏ آيو. سيگا شامين جي مزاحمتي فوج جو نالو آهي. ايندڙ ڇئن ڪلاڪن تائين اسان مزاحمتي تحريڪ، فتح جي ڪردار، فلسطين نيشنل ڪانگريس، سوشلزم جي صورت ۽ ٻين ڳالهين تي بحث ڪيو. جيتوڻيڪ ڪجهہ ڳالهين تي اسان جو اتفاق ٿيو، پر اسان اهو محسوس ڪيو تہ شام جي موجوده حڪومت، سائنسي سوشلزم بجاءِ بائين ڌر جي باڻزم تي يقين رکي ٿي.

4 سيپٽمبر تي اسان ڏاڍا فيشن ايبل ۽ با عزت ٿي ويا هئاسين. رئيس خاندان جون چار عورتون مون سان ملڻ آيون، گل پيش ڪيائون. انهن ٽن پاڻ کي لبناني، شامي فلسطيني عورتن جي انجمن جي عيوضي چيو، ۽ چوٿينءَ پاڻ کي فتح جي عيوضي چيو. مون هنن ڏانهن ڌِڪار مان ڏسندي چيو، ”هڪ انقلابي مشن مڪمل ڪرڻ واري لاءِ ڇا گلن جو تحفو آڻبو آهي؟“ هو منهنجو رد عمل ڏسي پريشان ٿي

ويون. انھن مان ھڪ تہ فرنٽ جي ڪارڪردگيءَ تي تنقيد ڪندي چيو تہ ھن مشن جو مطلب تہ الا قصيٰ کي باھ ڏيڻ واري حادثي کي پنيءَ پر ڦٽي ڪرڻ ھو.

مون کين سمجھايو تہ اسان جي جھاز اغوا ڪرڻ کان فقط ھڪ ھفتو اڳ الا قصيٰ وارو حادثو ٿيو ھو. ۽ انھيءَ جو اسان جي مشن سان ڪو تعلق نہ ھو. پوءِ مون چيو، تہ اسان تہ مذھبي اتحاد جي ڳالھ ئي نٿا ڪيون. اسان تہ سامراج دشمن پليٽ فارم تي سيني کي گڏ ڪرڻ ٿا گھرون. منھنجي مھمانن کي منھنجي اھا ڳالھ نہ وڻي، ۽ ھنن چيو تہ انقلاب جو اھو نئون فلسفو ڪنھن نوس نتيجي جو ڪارڻ نہ بڻبو. ھو چارئي ڪاوڙ مان ٻاھر نڪري ويون.

4 سيپٽمبر جي شام مون لاءِ اداسيون ڪٺي آئي. انھيءَ شام ھڪ عظيم انقلابي ھوچي منھ گذاري ويو. مون کي لڳو، ڄڻ منھنجو ھڪ حصو مري ويو ھجي. منھنجي من ۾ چي گويرا جي موت جو ڦٽ اڪلي پيو. مان سڄي رات انھيءَ عظيم شخص جا ڪارناما ياد ڪندي رھيس، اھو سوچيندي رھيس تہ فلسطيني انھيءَ کان ڇا ٿا سکي سگھن. ٻئي صبح تي اٿي مون ھڪ نظم لکيو.

(1)

ايندڙ پنج ھفتا، يعني 5 سيپٽمبر کان 11 آڪٽوبر تائين مون کي ۽ سليم کي مختلف مھمان خانن ۾ رکيو ويو. شامي مون کان يا سليم کان ڊنل نہ ھئا، پر ھو فرنٽ ۽ ان جي دليريءَ وارن ڪارنامن کان ڊنل ھئا. کين ياد ھوندو تہ 1967ع ۾ جڏھن ھنن ڊاڪٽر جارج حباش کي قيد ڪيو ھو، تڏھن فرنٽ وارن ڪئين شامي پھريدارن سوڌو ڊاڪٽر حباش کي اغوا ڪري ورتو ھو. شامين کي وري اھڙي ورجاءَ جو خطرو ھو. پر اسان جو باندي ھئڻ ھڪ اھڙي حڪومت کي آئينو ڏيکاري رھيو ھو، جنھن پاڻ کي سڏايو تہ انقلابي ٿي، پر عمل رجعت پسندن وارا ھئس. ھونءَ بہ شامي حڪومت ھاڻي اسان سان مھمانن جھڙو سلوڪ ڪري رھي ھئي.

ھو اسان کي ھوائي اڏي تي وٺي ويا ۽ بوئنگ 707 جون تصويرون ڪڍڻ جي اجازت ڏنائون. پوءِ ھنن اسان جي شڪست جو سڀ کان نفرت لائق نشان بلو وان پيلس بہ ڏيکاريو، جتان 1936ع ۾ عرب اڳواڻ عام ھڙتال ختم ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪئي ھئي. ھي اُھو عمل ھو، جنھن فلسطينين جي تقدير تي مھر ھڻي ڇڏي ھئي، ۽ برطانوي ۽ صيھوني قوتن کي موقعو ڏنو ھو تہ ھو پنھنجي علائقي مان انقلابين کي صاف ڪري ڇڏين.

11- آڪٽوبر تي مان ۽ سليم ان وقت جي شامي وزير دفاع سان ملياسين. (ھاڻي اُھو صدر حافظ الاسد آھي.) اسان 45 ڏينھن قيد ۾ گھاريا ھئا. مون پنھنجي دمشق ۾ رھڻ کي نقصان قرار ڏنو. جڏھن مون

چيو، اسان کي شامي باڻي قيدي چو ڪيو ويو آهي، ته وزير دفاع وضاحت ڪئي، ته شام تي سخت دٻاءُ آهي، ته يا اسان توهان تي ڪيس هلايون، يا انهيءَ ملڪ جي حوالي ڪري ڇڏيون، جنهن جي خلاف توهان اهو جرم ڪيو آهي. هن ٻنهي دٻاون کي سنو نه سڏيندي، لڪل لفظن ۾ اسان جي تعريف ڪندي چيو ته، اهو ڪم شامي انقلاب کي نقصان پهچائڻ لاءِ مصري انٽيليجنس جو ٿو لڳي. تنهن تي مون ڪاوڙ مان چيو، "يتيم عرب انٽيليجنس کي ايتري توفيق ڪٿي آهي، جو اهڙي مشن لاءِ سوچي به سگهي."

هاڻي حافظ الاسد پڇيو، "آخر توهان شام ۾ چو آيا آهيو؟"

مون چيو، "پهرين ڳالهه ته اسان جو پيٽرول ختم ٿي رهيو هو. ٻي ڳالهه ته اسان مصر ۾ لهون ها يا شام ۾- انهيءَ سان ڪهڙو فرق ٿي پيو؟ آخر ٻيئي ترقي پسند عرب رياستون آهن." پر وزير دفاع کي منهنجو لفظ "ترقي پسند" نه وڻيو.

مون کيس ياد ڏياريو ته ڪرنل زارا اسان کي صدر سان ملائڻ جو وعدو ڪيو هو. تنهن تي حافظ الاسد چيو، "خالده، تون وڃڻ چاهين ته آزاد آهين." مان ۽ سليم اهو ٻڌي منٽن ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي وياسين. هاڻي اسد چيو ته ڪجهه ڏينهن وڌيڪ ترسو ته چڱو. پر اسان ٺورا مجيندي چيو، "45 ڏينهن ڪافي آهن. ٻيهر ته اوهان سان فلسطين جي جنگ جي ميدان تي ملاقات ٿيندي.

سليم شام جي علائقي هُمس ۾ پنهنجي پيءُ ماءُ سان ملڻ لاءِ هليو ويو. مان لبنان واپس هلي آيس. خبر پيم ته منهنجي ياءُ وليد کي لبناني پوليس ماريو آهي، جو مان جهاز اغوا ڪرڻ ۾ شامل هيس. پوءِ مان عمان هلي آيس، ۽ وحدت ڪيمپ ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنم.

-----------------------

# اردن ۾ آمريڪا

هڪ پاسي فلسطيني عوام جي آزاديءَ لاءِ منهنجون ڪوششون جاري هيون، ته ٻئي پاسي وڏيون طاقتون وچ اوير تي پنهنجو امن مشن مڙهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هيون.

يو- اين- جي امن قرارداد 242 تي عمل ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري جنرل يوٿانٽ ڊاڪٽر جارنگ کي پنهنجو هيڊ ڪوارٽر سائپرس جي شهر نڪوسيا ۾ 67ع ۾ قائم ڪرايو. ۽ تل ابيب، بيروت، قاهره ۽ عمان سان رابطو قائم ڪري، يوٿانٽ کي رپورٽ ڏني.يوٿانٽ رکي رکي يو- اين- ۾ غير يقيني ۽ غير ذميواريءَ وارا بيان ڏنا. جن جو متن اِهو هو ته، ڊاڪٽر جارنگ کي پنهنجو مشن جاري رکڻ گهرجي، جيئن ڌرين ۾ ناهه جون ڪوششون جاري رهن.

ڊاڪٽر جارنگ 9- اپريل تائين دنيا جي چوڌاري چڪر ڏنا، ۽ سندس مشن جو وقت اچي پورو ٿيو. هاڻي چئني وڏين طاقتن کي سوچڻ جو موقعو ڏنو ويو، ۽ سندن فيصلو اِهو هو ته گڏيل سهڪار، ۽ اهو به روس ۽ آمريڪا جي ڳالهه ٻولهه وسيلي، يو- اين جي نگرانيءَ ۾ فيصلي تي عمل ڪرايو وڃي. اسان جي وجود جو سوال ۽ ان کان انڪار جو مسئلو يو- اين مان ڪٽي وڏين طاقتن جي بند منهن وارين ٿيلهين ۾ وڌو ويو. عرب اڳواڻن انهيءَ مڙهيل فيصلي کي قبول ڪيو، جيئن هو چئي سگهن ته وڏين طاقتن جي خواهش ۽ فيصلي کي رد ڪرڻ سندن وس جي ڳالهه نه هئي.

اسرائيل کي احساس ٿيو ته چئني طاقتن جي ڳالهه ٻولهه تعصب تي ٻڌل هئي. چوته هڪ اسرائيل کي انهن ڳالهين تي ڪوبه اختيار نه هو، ٻيو ته: اسرائيلين سوچيو ته ڪين اسرائيل جي ئي خلاف استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، چوته ٻن طاقتن، يعني سوويت يونين ۽ فرانس. اسرائيل جي پوزيشن جي باري ۾ سنو رويو نٿي رکيو. پر وچ اوير جي مسئلي سان لاڳاپيل سيني پارٽين 69ع کي عرب- اسرائيل جهيڙو ختم ڪرائڻ جو سال ڪري ملهائڻ تي گهريو. فلسطينين جي ڪاوڙ دور ڪرڻ لاءِ فلسطين جو ڦوڪٽو به هوا ۾ اڏايو ويو. آمريڪا ۽ اسرائيل والاريل علائقن ۾ انهيءَ ڦوڪٽي جي ملڪيت قبول ڪرڻ واري جي ڳولا به ڪئي، پر ناڪام ٿيا.

جيئن جيئن مزاحمت طاقت حاصل ڪري، عرب عوام ۾ ڦهلجي ويئي، يو- اين ۽ وڏين طاقتن جي وچ ۾ ڳالهين جي رفتار تيز ٿيندي ويئي. چئني طاقتن جون ڳالهيون، ٻن طاقتن جون گڏيل ڳالهيون ٿي ويون، ۽ پوءِ آمريڪا ۽ روس پنهنجي پنهنجي دڪانداري ۽ پنهنجي مؤڪل جي طرفداري ڪرڻ لڳا. پوءِ اهو فيصلو ٿيو ته، آمريڪا، سوويت ۽ عرب صلاح کان پوءِ، فيصلي ڪندڙ جي حيثيت سان ڪم ڪندي. انهيءَ نتيجي کي سامهون رکي 9- ڊسمبر 69ع تي راجرز تجويزون آنديون ويون.

راجرز تجويزن جو مطلب هو ته، اميد تي ڪجي ته، عرب- اسرائيل جنگ جي 19 سالن جو انت، دائمي امن جي ڪوشش جي صورت ۾ ٿيندو، جو اڳ ڪڏهن اهڙي اميد ئي نه ڪئي ويئي هئي. جيئن ته وچ اوير ڪنهن به سياسي چڪتاءُ جو سبب تي سگهي ٿو، تنهنڪري آمريڪا سوچيو آهي ته، جنگ جا امڪان ختم ڪرڻ، شڪ شبها دور ڪرڻ ۽ سياسي حل ڳولڻ لاءِ زور ڏجي.

راجرز اهو خيال بہ ظاهر ڪيو هو تہ آمريڪا جو سڌو سنئون واسطو ۽ اميدون سوويت يونين سان هيون. ڳالهين لاءِ چئن اهم نقطن کي نظر ۾ رکڻ تي زور تي ڏنو.

1. تہ جيڪي قومون سڌو سنئون ڪنهن معاملي سان لاڳاپيل نہ هونديون آهن، سي دائمي امن جي ڪوششن ۾ ناڪام رهنديون آهن. وڏيون طاقتون، لاڳاپيل پارٽين کي ڳالهين لاءِ راضي ڪري سگهن ٿيون، نهراءَ جو فارمولو پيش ڪري سگهن ٿيون، پر ان جو سڌو سنئون لاڳاپو، لاڳاپيل تي ئي منحصر آهي.
2. تہ دائمي امن، لاڳاپيل پارٽين ۽ ملڪن جو سڌو سنئون مسئلو آهي.
3. تہ يونين جي قرارداد مڪمل، گڏيل ڳالهين ڪان پوءِ تيار ڪيل، ۽ جنگ جي خاتمي جي ڀرپور ڪوشش ڪئي.
4. تہ جنگ جي ڊيگهہ ڪنهن لاءِ بہ فائدي واري نہ هوندي ۽ وچ اوڀر جي گهوٽالي کي وڌائيندي.

راجرز، عربن کي اپيل ڪئي تہ هو دائمي امن جي انهيءَ نهراءَ واري فارمولي کي قبول ڪن، ۽ اسرائيل کي والاريل علائقا خالي ڪرڻ ۽ سلامتي ڪائونسل جي قرارداد تي عمل ڪرڻ جي اپيل ڪيائين. تنهن ڪان سواءِ جارحيت واري هر ڪاروائي ختم ڪرڻ لاءِ پڻ چيو ويو.

راجرز جي تقرير تي اسرائيل ۾ شڪ شبها پيدا ٿيا، ۽ وزير اعظم گولڊا ميئر ان کي اسرائيل جي بچاءَ جي راهہ ۾ هڪ وڏو خطرو سڏيو. آمريڪا ۾ همفري ان کي اسرائيل جي دوستي ۽ مفادن کي قربان ڪرڻ جو عمل سڏيو. جيئن تہ اسرائيل، راجرز تجويزن کي عربن جي مفاد وٽان سڏيو هو، تنهن ڪري آمريڪا ۾ صيهونين احتجاج شروع ڪري ڏنو. آمريڪا جي 25 جماعتن 25 جنوري 1970ع تي واشنگٽن ۾ گڏجي، وچ اوڀر بابت آمريڪي پاليسيءَ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو، ۽ آمريڪي صدر نڪسن، پنهنجي ذاتي دوست، صيهوني صنعتڪار ميڪس فشر کي صيهونين اڳيان سنيهو پڙهڻ ۽ ڏيڻ لاءِ موڪليو. مسٽر فشر ٻڌايو تہ هڪ هزار کان وڌيڪ صيهوني تنظيمن ۽ ادارن جي اڳواڻن چيو، ”آمريڪا پنهنجي دوستن جو ساٿ ڏيندي آهي، ۽ اسرائيل سندس دوست آهي.“ هن وڌيڪ ٻڌايو تہ آمريڪا، اسرائيل کي فوجي سامان ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهي. تنهن ڪان سواءِ امن جا امڪان وڌيڪ روشن آهن، جو انهيءَ علائقي جي حڪومتن جون سرحدون محفوظ ۽ عوام پر امن آهي. البت دائمي امن عرب رياستن ۽ اسرائين جي گڏيل رضامنديءَ ڪان پوءِ تي سگهي ٿو. ان ڪان پوءِ اسرائيل کي وڌيڪ 24 فينٽم جهاز ڏنا ويا.

انهيءَ وچ ۾ 18- ڊسمبر 69ع تي اسرائيل ۽ اردن ۾ ڏار ڏار امن تجويزون پيش ڪيون ويون. اهي بہ وڏين طاقتن جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيون هيون. آمريڪي تجويزن کي سامهون رکندي، ٻن حقيقتن تي ڌيان رکڻ گهرجي تہ شام: جنهن جا گولان وارا جبل اسرائيل جي قبضي ۾ آهن، ان کي وڏين طاقتن پنهنجي بحث کان ئي ڪڍي ڇڏيو آهي- ۽ اهو، تہ اردن لاءِ لازمي آهي تہ تجويزن تي عمل ٿيڻ تائين مزاحمتي تحريڪ کي چيپاڻي ڇڏي. يارنهن نڪاتي آمريڪي منصوبو هيئن هو:

1. 67ع جي جنگ ۾، اردن جي سيني والاريل علائقن ۾ اسرائيلي فوج مقرر شيڊول مطابق واپسيءَ جو منصوبو مڪمل ڪندي.
2. هر هڪ ملڪ، هر ٻن جي وچ ۾ امن ۽ سلامتيءَ جو تحفظ ڪندو، ۽ ڪنهن به قسم جي دهشت پسنديءَ کي غير قانوني قرار ڏيندو. اردن گوريلا سرگرمين تي پابندي وجهندو.
3. ٻئي ملڪ 67ع جي جنگ کان اڳ جي سرحدن جي باري ۾ گڏيل رضامنديءَ مطابق انتظامي ۽ معاشي سهولتون پيدا ڪندا.
4. اسرائيل ۽ اردن، يروشلم جي باري ۾، قطعي ڪنٽرول جو جهيڙو نبيريندا.
5. انهيءَ نموني ئي اسرائيل ۽ اردن غزا جي علائقي جو فيصلو، اسرائيل ۽ مصر جي برابريءَ ۽ ان جي بنياد تي ڪندا.
6. اسرائيل جي نيڪاليءَ جي حوالي سان اردني اولهائين ڪناري جي علائقن جي تحفظ جي باري ۾ ٻيئي ملڪ گڏيل صلاح سان ڪم ڪندا.
7. اردن، تيران ۽ عقاب جو سمنڊ سيني ملڪن اسرائيل سوڌو، سيني ملڪن جي جهازن لاءِ کولي ڇڏيندا.
8. ڊاڪٽر جارنگ، هڪ بين الاقوامي ڪميشن وهاريندو، جنهن مطابق هر مهاجر کان اسرائيل ۾ سندس آباديءَ بابت راءِ ورتي ويندي.
9. ٻيئي ملڪ معاهدي مطابق هڪ ٻئي جي خود مختياريءَ، سرحدي تحفظ؛ سياسي آزاديءَ ۽ امن سان زنده رهڻ جو حق تسليم ڪندا.
10. ٻيئي ملڪ معاهدي جي تصديق يو- اين جي سلامتي ڪائونسل ۽ چارئي وڏيون طاقتون ڪنديون.
11. سچو معاهدو، صحيح ڪرڻ کان پوءِ اقوام متحده ۾ جمع ڪرايو ويندو، ۽ ان جي ڪٿي به خلاف ورزي ٻِئي ملڪ کي به لاڳاپيل ذميواريءَ کان آزاد ڪري ڇڏيندي.

۽ آخر ۾ آمريڪا جو خيال هو ته **اسرائيل- اردن** امن- ناهه جا هڪدم پابند ٿيندا. گڏو گڏ مصر- اسرائيل ناهه به عمل لائق هوندو. انهن معاهدن جو مطلب عرب دنيا کي ورهائي، امن جو ڪوششون ناهن (اها وضاحت آمريڪا پاڻ ڪئي.)

مٿيون ڳالهيون، آمريڪا جي واضح مقصد کي آئينو ڏيکارڻ لاءِ ڏنيون ويون آهن. آمريڪا وچ اوير ۾ مضبوط اسرائيل کي ڏسڻ گهري ٿي. تنهن کان سواءِ عربن کي ذاتي دشمنيءَ جي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي، فوجي آمريت ۽ بادشاهتن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پڻ آمريڪا پنهنجي مفادن جي حفاظت ڪرڻ گهري ٿي. ۽ امن منصوبي جو بنيادي مقصد غير فلسطيني اختيارن کي هٿي ڏيڻ پڻ آهي، جيئن هڪ فلسطيني صوبو ناهيو وڃي، جيڪو يا ته اردني حڪومت جي هٿ هيٺ هجي، يا اسرائيل جي نگرانيءَ ۾. عرب عوام جي راءِ کي نظر انداز ڪندي انهن تجويزن جي سلسلي ۾ الزامَ، جوابي الزامَ ڪڏهن سوويت يونين طرفان ته ڪڏهن عرب رياستن پاران، هنيا پيي ويا. مسئلو اهو هو ته مصر ۽ اسرائيل، پنهنجي حاڪميت کي قائم رکندي، انهن تجويزن تي ڪيئن عمل ڪن ته جيئن وڏيون طاقتون به ناراض نه ٿين.

انھيءَ چڪتاڻ جي نتيجي ۾، 1969ع ۾، خزان جي موسم ۾، ۽ 1970ع جي سياري ۾ ناصر جي حڪومت جو تختو اونڌي ٿيڻ جا سبب سمجھي سگھجن ٿا. جيتوڻيڪ وڏيون طاقتون صحيح طريقي ۽ صحيح رستي کي اختيار ڪرڻ جي حق ۾ هيون، پر اسرائيل جو سمورو زور ۽ اصرار ناصر جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ هو. نيٺ روس مصر کي اُهي ميزائيل ڏنا، جيڪي اسرائيلين کي مصر ۾ اندر داخل ٿيڻ کان روڪي ٿي سگھيا. انھيءَ سان گڏو گڏ انھيءَ پروپيگنڊي کي بہ هٿي ڏني ويئي تہ اسرائيلي اسلحي جي پيٽ ۾، مصر کي بہ روسي اسلحو ڏنو وڃي تہ جيئن توازن قائم رهي. آمريڪي تہ انھيءَ ڳالھ تي شرمسار هئا ڪونہ تہ اُهي اسرائيل جي حمايت ڪري رهيا آهن. انهن عالمي سطح تي يهودي پروپيگنڊي کي وسيع ڪندي اِهو بہ مشهور ڪيو تہ هزارين روسي ماهر ۽ پائلٽ مصري ملٽري طاقت کي ڪنٽرول ڪري رهيا آهن. ٻئي پاسي سوويت يونين نہ فقط مصرين کي گھربل مليٽري قوت ڏيڻ کان انڪار ڪيو، جنهن جي مدد سان والاريل علائقا آزاد ڪرائي سگھجن ها، بلڪ اهو بنيادي اسلحو بہ نہ ڏنائون، جنهن سان مصر ڪليل رڻ پٽن ۾ پنهنجي انهن اسٽيشنن جي حفاظت ڪري سگھي ها، جن کي قائم ٿي سوويت مشوري ڪيو ويو هو. انھيءَ کان علاوه سوئز واھ کي قومي ملڪيت ۾ وٺي استعمال ڪرڻ جي مصري تحريڪ کي آمريڪا ۽ اسرائيلين انھيءَ علائقي ۾ آمريڪي قوت کي وڌائڻ لاءِ استعمال ڪيو.

مصر ڪنهن وقت بہ، نہ اسرائيلي فوجي قوت لاءِ خطرو بڻيو نہ سوئيز واھ پار ڪندي ۽ استعمال ڪندي انھيءَ طرف ڏيان ڏنو. البت يو- اي- آر جي فضائي علائقن ۾ بيڪار ڦرنڊڙ اسرائيلي جهازن کي روڪڻ جي پيش بندي ضرور ڪئي. اِها ڳالھ بہ موشي دايان ۽ سندس آمريڪي طرفدارن کي نہ وڻي.

ناصر جي سڄي ڪارڪردگي هاڻي رڳو پنهنجي اقتدار کي بچائڻ ۾ لڳي ويئي. والاريل علائقن کي آزاد ڪرڻ جي جستجو هن کان هاڻي نہ پي پڳي. پر هو چوندو هو تہ فلسطين کي رڳو اسلحي جي قوت جي زور تي آزاد ڪرائي سگھجي ٿو. پر پوءِ بہ هو صيهونين جي انتظام ۾ فلسطين جي قيام، بمطابق 4 جون 47ع کي قابل عمل تصور ڪندو هو. سياسي صورتحال کي هو انهن ئي حوالن سان بيان ڪندو هو. البت وقفي وقفي سان عربن جي جذباتي تسڪين لاءِ نعرن سان پريل تقرير ڪري ڇڏيندو هو. انھيءَ وچ ۾، عالمي طاقتن جي نمائندن جون خفيہ سرگرميون جاري رهيون ۽ نيٺ انصاف جي تقاضائن کي پورو ڪندي حُسين هڪ دوستيءَ جي معاهدي تي صحيح ڪئي، جيڪو راجرز پلان جي تحت اسرائيل اردن معاهده ۽ مزاحمت کي ختم ڪرڻ جي منصوبي تي عمل ڪرڻ جو منصوبو هو.

هيڏانهن اهي سياسي چالبازيون ٿي رهيون هيون، ٻئي پاسي مان خليج عرب ۽ عراق جي علائقن جي دوري تي هيس. مون سان گڏ بهادر انقلابين جي هڪ ٽيم هئي، جنهن ۾ صالح صالح هو، جيڪو گريجوئيٽ هو ۽ مزدور ليڊر هو. رشيد عبيده هو، جنهن جي خفيہ ڪارنامن کان دشمن سخت خوفزده هو. انهن کان علاوه سليم عيساوي، ٽي- ڊبليو- اي، شهرت يافتہ طلعت، اهو انقلابي جيڪو صيهوني يورپ ۾ ٽيرنهن سالن تائين دهشت پسنديءَ جون سرگرميون ڪاميابيءَ سان جاري رکندو پي آيو. انھيءَ دوري جو مقصد گھٽي ۾ گھٽ ماڻهن کي تعليم ۽ فرنٽ لاءِ پيسو گڏ ڪرڻو هو. انھيءَ ۾ اسان کي ڪاميابي بہ ٿي، عرب عوام سان ملياسين. سندن خواهش جو پتو بہ پيو تہ اُهي پنهنجي علائقن مان انگريزن کي يڪدم ڪڍڻ جا خواهشمند هئا. انھيءَ کان علاوه آمريڪا جي وڌندڙ رسوخ کي سخت نا پسند ڪندا هئا. اسان جو استقبال فقط غريب مزدور ۽ هاري ڪري رهيا هئا. علائقي جي تيل جا بادشاھ ۽ سياسي چالباز

نہ! اسين فيبروريءَ جي شروعات ۾ عمان هليا آياسين ۽ جوابي انقلاب جي سازش جي ڪُن ۾ اسين بہ ڦاسي پياسين.

شاهہ حُسين، فرنٽ لائن رياستن جي وسيع دوري کان پوءِ قاهره کان اُتي پهتو ئي هو، هو جنگي ڪيفيت جي سرشاريءَ ۾ اهو بيان ڏيئي وينو تہ: جيڪڏهن اسرائيل قرارداد 242 تي عمل نہ ڪندو تہ ڪيس سخت نتيجن کي مُنهن ڏيڻو پوندو. انهيءَ سان گڏ اهڙا سخت اُپاءَ ورتائين، جنهن جي نتيجي ۾ سيني وڏن شهرن مان مزاحمتي مرڪز ختم ڪيا ويا. انهن جا اخبار سِيل ڪيا ويا، ۽ انهن جا عوامي اجتماع ممنوع قرار ڏنا ويا.

هاڻ اسان سڀ کان اڳ ان منع ٿيل ڳالهين جي خلاف ورزي وڏي پيماني تي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. منهنجي حوالي زرقا جي ويجهو شولر ڪيمپ هو. مون کي انهيءَ ڪيمپ ۾ شاهہ حُسين جي خلاف تقريرون ڪرڻ ۽ عوام کي اِهو ٻڌائڻو هو تہ حُسين جو اِهو قدم آمريڪا ۽ اسرائيل جي ڪنيل قدمن کان الڳ ڪونہ هو. اسان جي ڪامريڊن اهوئي پيغام ڪٺي اردن ۾ مظاهرن جي اپيل ڪئي. هن جي ايجنٽن اسان جي عام اجلاسن کي ڦِٽائڻ ۽ فساد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر انهن جو مقابلو انصاف پسندن ڪيو. بحران هاڻي اجا وڌي رهيو هو. آءٌ جڏهن عمان پهتس تہ مون کي چيو ويو تہ مان جبل التاج اسڪول ۾ وڃي پبلڪ ليڪچر ڏيان. جڏهن مان ڪجهہ ڪامريڊن سان گڏ پهتيس تہ ٻڌنڊڙن کي حُسين جي فوجين پڄائي ڪڍيو. نہ فقط اِهو بلڪ فضا مان انهن جي مٿان گوليون بہ وسايون ويون. فرنٽ جي لوڪل ڪمانڊر اسان کي وحدت ڪيمپ ۾ واپس وڃڻ لاءِ چيو، ۽ اسان بنا ڪنهن سوال پڇڻ جي هليا وياسين.

(2)

10- فيبروريءَ جي شام جو مان حيران ٿي ويس. منهنجي مڱيندي بسمر جي پيڻ سميرا بغداد مان اُتي پهتي هئي ته جيئن خاندان کان رواجي طور تي مڱڻو ۽ منهنجي نُنهن هئڻ جو اعلان ڪرائي. بسمر ۽ مان فرنٽ جي اجازت سان مڱڻو ڪري چڪا هئاسين. البت مڱڻي کان اڳ ٻنهي خاندانن مان ڪنهن هڪ کان به صلاح مشورو نه ورتو ويو هو.

سميرا جي ڪا فوجي تربيت ٿيل ڪانه هئي، ۽ مون وٽ ڪا اهڙي جڳهه نه هئي جو مان ڪيس جنگ جي محاذ کان پري رکي سگهان ها. پر هن پنهنجي سڌي سادي عراقي لهجي ۾ چيو، ”ليليٰ جيڪو تون چوندينءَ، مان اُهو ڪنديس. آءٌ به ته هڪ عرب عورت آهيان. آءٌ به وڙهڻ چاهيان ٿي.“

مون کِلي چيو، ”نهيو، اِهو ته پاڻ چڱو ٿيو. هل ته جبل عمان هلون. مون کي ڪجهه پيغام اُتي ڏيڻا آهن.“ مون هڪ بندوق ۽ هينڊ گرنيڊ کنيا، ۽ ٽيڪسي جهلي هلياسين. جيئن ئي اسين ٽڪريءَ تي چڙهياسين اسان سڙندڙ جيپ ڏٺي ۽ بندوق جي گولين جا آواز ٻڌاسين. فتح جي ڪجهه ساٿين اسان کي روڪيو ۽ اڳيان جي خطري کان اسان کي خبردار ڪيو. ڊرائيور به چيو ٽيڪسي ڇڏي ڏيو، مان مرڻ لاءِ تيار ناهيان. مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن نه مڃيو. سميرا کي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، هن هُن کي بزدل ۽ بي شرم چيو: ويچاري ڊرائيور چيو: ”منهنجا اٺ ٻار آهن.“ ۽ هو ٻنا پاڙي ونڻ جي ئي موٽي ويو. فتح جي ماڻهن ٻڌايو ته پوري علائقي ۾ باهه پئي ٻري ۽ ماڻهن کي اُتان ڪڍيو پيو وڃي. انهن مان هڪ مون کي سڃاڻي ورتو ۽ چيو: ”جنگ پهرين ئي شروع ٿي چڪي آهي.“ ۽ هن رڙ ڪئي، ”ليليٰ واپس وحدت ڪيمپ هلي وڃ.“ مون ڪيس هينڊ گرنيڊ ڏيکاريندي چيو، مان ته وڙهڻ جي لاءِ تيار آهيان.“ هن وري رڙ ڪري چيو، ”پوءِ اچ مون سان گڏ. اسين مليٽري بيورو کي فون ڪريون ته اهڃاڻ ٻڌائين پيا ته حُسين اسان جي نڪاڻي تي قاتلانه حملا ڪرڻ وارو آهي.“ اسان وڃي فون ڪيو. پوءِ مان ۽ سميرا وحدت ڪيمپ آياسين ۽ سڄي صورتحال اُتي ٻڌائي سين. هاڻي ڊاڪٽر حباش اسان کي پيٽرول بمر تيار ڪرڻ لاءِ چيو. آءٌ ويجهي پيٽرول پمپ تان پيٽرول ونڻ ويس. اُتي بينل چوڪري چيو ته جيترو پيٽرول گهرجي مان توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ هو مون کان اُنهيءَ جو ٽڪو به نه وٺندو. اسان ساري رات پيٽرول بمر ناهيندي ۽ گوريلن ۾ ورهائيندي گذاري، چاڪاڻ ته فرنٽ وٽ هٿيارن جو ڪو وسيلو ڪونه هو، تنهن ڪري اسان کي پنهنجي وسيلن يا دشمنن کان ڪسيل هٿيارن تي گذارو ڪرڻو هو.

ڪامريڊ ناديه ويجهڙائيءَ ۾ اسڪوئيڊ ڪمانڊو جي حيثيت ۾ مقرر ٿي هئي. هن ٻڌايو ته اسان وٽ اسلحو گهٽ آهي- ڪنهن کي ٻڌائڻ جي سواءِ پنهنجي اسڪوئيڊ سان اردني پوليس اسٽيشن تي پنج حملا ڪيا ۽ اُتان 80 هٿيار ۽ سوين بارود جا گولا، بنا ڪنهن ماڻهوءَ کي مارڻ جي هٿ ڪيا. آڌيءَ رات ڌاري ڪامريڊ صلفحه ۽ مون جبل عمان وڃڻ لاءِ رضاڪارانه طور تي پيش ڪش ڪئي ته جيئن پنهنجي چوڪين کي چيڪ ڪري سگهجي ۽ حُسين جي پيش قدميءَ جي باري ۾ سڌو سنئون رپورٽ ملي سگهي. اسان جي ليڊرن انهيءَ شرط تي مڃيو ته اسين ٻئي سويلين ڪپڙن ۾ وڃون. اسان وڃڻ کان اڳ اصرار ڪيو ته ڊاڪٽر حباش کي عمان ۾ ڪنهن ٻي محفوظ جاءِ تي اماڻيو وڃي. ڊاڪٽر حباش انهيءَ

ڳالھ تي پاڻ اعتراض ڪيو تہ هو پاڻ محفوظ تي وجي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ ليليٰ ۽ صلفحہ مرڻ لاءِ وجن. اسين اهو اعتراض ٻڌي ماٺ ميٺ ۾ هليا وياسين ۽ رات ۾ دير سان وحدت ڪيمپ موٽياسين.

اجا ستل هئاسين تہ حُسين جي آرٽلري جي سب مشين گنن جي نڪائن تي اسان جي اک کلي ويئي. اَٺ فائيٽرن پنهنجي ڪمان سنڀالي ورتي. مان ڪامريڊ دائود سان مسجد ۾ ويس تہ جيئن جنگ جون خبرون نشر ڪيون وجن ۽ عوام کي انقلاب جي دفاع لاءِ پاڻ سان آٿڻ جي ترغيب ڏني وڃي.

10- فيبروري 1970ع تي نومبر 1968ع کان پوءِ سخت مقابلي واري لڙائيءَ جو منظر ڏٺو ويو. حُسين جي فوجن اڳيان وڌڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي، پر اسان جي مورچن کي نقصان نہ رسائي سگهيا. نيٺ سڄي ڏينهن جي لڙائيءَ کان پوءِ هنن کي پنيان هٽڻو پيو. مقابلو ٿيندي ڪيترائي شديد نقصان بہ ڪٽڻا پيا. فرنٽ کي ابو طلعات جو نقصان ڪٽڻو پيو. ابو طلعات اسان جي بهادر ڪمانڊرن مان هو. ابو طلعات جي شهادت اسان جو رت ٿهڪائي ڇڏيو هو، ۽ اسين سڀئي حشمتي خاندان جي شهنشاهت کي ختم ڪرڻ جي پنيان پئجي وياسين. ابو طلعات جو جنازو ڏاڍي شان سان ڪنيو ويو. هزارين ماڻهو هن جي جنازي ۾ شريڪ ٿيا. هن جنازي تي رمزيہ شهيد عبدالمحسن حسن جي بيوه هڪ بہ ڳوڙهو ڳاڙڻ ڪانسواءِ دليرانہ تقرير ڪئي.

”ابو طلعات! تون زنده رهندين، تنهنجا ٻار توکي جيئرو رکندا. محسن تون مون کي ٻارن سان گڏ ڇڏي ويو آهين. توهان ٻئي اسان کي ٻارنهن گوريلا ڏيئي ويا آهيو، جيکي فلسطين جي آزاديءَ جي شمع کي ڪٽي اڳتي وڌندا. اسان کي يقين آهي تہ جن ٻي دردن جي هٿان اوهان مئا آهيو، اسين انهن ماڻهن جي هٿان پنهنجي سرزمين آزاد ڪرائينداسين. توهان فلسطينين ۽ ساري دنيا جي مظلومن لاءِ مثال قائم ڪيو آهي. خدا ڪري توهان جهڙا لکين ٿين. توهين زمين ۾ وڃو ۽ فلسطين جي ابديت جي خاڪ ۾ شامل ٿيو تہ جيئن اهائي خاڪ وري توهان جهڙن شهيدن سان ڳاڙهي رت ٿئي. توهين زنده رهندا، انقلاب زنده رهندو.“

حُسين جي وحشي روئيي ۽ مزاحمتي ڪيمپن جي تحريڪ حُسين کي پنهنجي فوج ۾ ڪن فوجين کي ڪيڻ ۽ ابتدائي ترتيب، وري ڪان ڪرڻ تي مجبور ڪيو. چاڪاڻ تہ آمريڪي اسلحہ ۽ ٽينڪن جي چانون ۾ حُسين رت جون نديون وهائڻ جو پروگرام تيار ڪيو هو. البت ٻئي پاسي فرنٽ پنهنجي ڪيمپن ۾ ڪم ڪرڻ جي طريقن ۾ ڪابہ تبديلي نہ آندي. حالانڪ گهڻا ڪامريڊ مئا يا زخمي ٿيا، اسان جي طرفان جوابي ڪاروائيءَ ۾ اجتماعي ڪارڪردگيءَ جي جهلڪ نہ هئي.

ٻئي پاسي حُسين سمجهي ويو. انهيءَ ساري عمل کي سول وار کي ختم ڪرڻ جي طرف احتياطي قدمن جو نالو ڏيئي، رت جي انهيءَ هوليءَ کي ختم ڪرڻ ۽ عرب اتحاد جو نالو ڏيئي فلسطينين کي مذاڪرات جي دعوت ڏني پر ساڳي وقت حُسين کي پنهنجي ناڪام انجام جو ڊپ بہ هو. انهيءَ جا بہ ڪارڻ هئا. فتح ۽ عرب عوام کي اجا تائين عرب برادريءَ تي اعتماد هو ۽ انهيءَ لاءِ انهن سان گذارو

ڪرڻ لاءِ تيار هو. هو مزاحمت کي آمريڪا ۽ اسرائيل سان وقتي طور رعايت ونڻ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرندو هو تہ جيئن وقت تي دائمي امن لاءِ مذاڪرات ۾ ڪجھ بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن. عمان ۾ مزاحمتي گروپن ۽ آمريڪي هٿ ٺوڪين جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن لڙائي ٿيندي رهي. جوزف سسڪو، اسسٽنٽ سيڪريٽري براءِ مشرق وسطيٰ اپريل جي وچ ۾ اردن آيو. عوام هڪ زبان ٿي ڪري نعرا هڻي آمريڪي 'امن' کي مڃڻ کان انڪار ڪيو. پر نہ آمريڪا نہ حُسين انهيءَ صدا تي ڌيان ڏنو. اها ڳالھ انهيءَ وقت وڌيڪ واضح ٿي، جڏهن گهٽيءَ گهٽيءَ ۽ پاڙي پاڙي ۾ اردني فوج جا آفيسر پاڻ ۾ سول وار لاءِ ماڻهن کي اُڀارڻ لڳا ۽ فلسطينين ۽ اردنين ۾ جنگ جا شعلا ڀڙڪائيندا رهيا. پاپولر فرنٽ انهي مهم کي خطرناڪ حد تائين پهچڻ کان اڳ ختم ڪرڻ لاءِ عمان ۾ فوجي اهميت جي چوڪين تي قبضو ڪيو ۽ آمريڪي سفارت خاني جي فرسٽ سيڪريٽريءَ کي يرغمال بڻائي انهيءَ سازش کي بي بقاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مزاحمتي گروپ تي دٻاءَ جي ڪارڻ اسان ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو. پر انقلاب دشمن تشدد گهٽجڻ جي بدران وڌيو ۽ مزاحمتي گروپ کي اها توقع نہ هئي.

پاپولر فرنٽ هاڻ فليڊلفيا ۽ انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل تي قبضو ڪري، سمورن غير ملڪي مهمانن کي يرغمال بڻائي ورتو. حُسين انهيءَ بهاني جي آڙ ۾ تہ هن تي قاتلانہ حملو ڪيو ويو آهي، پنهنجي دشمنن تي باھ جا گولا وسائي رهيو هو. انهيءَ لڙائيءَ ۾ اٽڪل هڪ هزار ماڻهو ماريا ويا. قتل عام کي آمريڪي ڊڪشنريءَ ۾ سازشين کان پاڪ ڪرڻ جو نالو ڏنو ويو ۽ سمورو الزام جنرل زيد بن شڪر تي مڙهيو ويو، ڇاڪاڻ تہ گوريلن هن جي پيڻ کي ماريو هو، تنهن ڪري هن انتقامي ڪاروائي ڪئي هئي. انهيءَ لاءِ جنرل زيد ۽ حُسين جي چاچي شريف ناصر استعفيٰ ڏنا ۽ حُسين مسلح فوجن جي ڪمان پاڻ سنڀالي ورتي.

(3)

جون جي واقعن مان ظاهر ٿيو تہ فتح اجا سبق ڪونہ سکيو آهي. پرپور عوامي قوت ۽ اعتماد هجڻ جي، اسين حُسين کي شڪست نہ ڏيئي سگهياسين. جون ۽ سيپٽمبر جي وچ ۾ حُسين پنهنجي قوت کي گڏ ڪيو ۽ جنهن بہ ماڻهوءَ کي فلسطينين سان همدردي هئي، هن کي ڪڍي ڇڏيو. بئي پاسي پاپولر فرنٽ اهڙن ماڻهن کي قبول ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي. هاڻي اهوئي عرب سماجي انقلاب جو نمائندو نظر اچڻ لڳو. عرب رجعت پسند ۽ ترقي پسند، فتح جي ماڻهن کي 'ايماندارانہ انقلابي' ۽ پاپولر فرنٽ کي دهشت پسند انقلاب درآمده نظريات چوڻ لڳا. حُسين اعلان ڪيو تہ خالي هٿين پناهگيرن تي بمباري فرنٽ جي ماڻهن جي ورتاءَ ڪري ٿي آهي ۽ انهيءَ ۾ حُسين جي حڪومت جو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي. ماڻهن انهيءَ اعلان تي اعتباد ڪونہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ عوام آزادي چاهي ٿي ۽ فرنٽ کي انهيءَ جدوجهد جو اهل سمجهندا هئا.

1970ع جي بهار جي موسم ۾ دوست ۽ دشمن جي وچ ۾ سڃاڻپ وڌيڪ چٽي ٿي پئي. عوام کي اهو يقين هو تہ حُسين ۽ عرب رجعت پسند، دشمن جي ڪيمپ ۾ هئا. ماڻهن کي اهو بہ يقين هو تہ عرب ترقي پسند ئي آزادي ۽ قومي پين عرب تحريڪ لاءِ اڳتي وڌندا. ۽ اهي ئي ماڻهو صيهونيت، سامراجيت ۽ رجعت پسند عربن جي خلاف سينو تاڻيندا. انهيءَ بد قسمت بهار جي موسم ۾ "ترقي پسندن" ماسڪو جي چوڻ تي، واشنگٽن ۽ تل ابيب کي امن جو اشارو ڏنو، پر سيپٽمبر 70ع تائين انهيءَ اشاري جي اصليت ۽ مزاحمت کي روڪڻ جي سازش تان پردو ڪڇي ويو. جولاءِ 1970ع ۾ اها ڳالهہ اجا بہ کُلي سامهون اچي وئي ڇاڪاڻ تہ سادات ناصر ازم کي ڪوٺي ڪڍيو ۽ پاپولر فرنٽ جي خلاف محاذ آرائيءَ لاءِ قاهره يونيورسٽيءَ کي استعمال ڪيو.

ناصر يوم مئي 70ع تي تقرير ڪندي چيو هو تہ عرب — آمريڪي تعلقات نهڻ جا امڪان بلڪل ئي ختم ٿي ويا آهن. آمريڪا کي گاريون ڏيڻ بجاءِ هن چيو تہ آمريڪا جو لاڙو اسرائيل ڏانهن آهي. ۽ پوءِ ناصر آمريڪا کي 1968ع جي مذاڪرات مطابق عرب دنيا سان تعلقات خوشگوار ڪرڻ جي دعوت ڏني. جڻ عرب اسرائيل ويڙهہ ۾، اسرائيل جي همدرد آمريڪا کي ئي دعوت ڏجي تہ هو مسئلا حل ڪري. انهيءَ جي جواب ۾، راجرز پوئين 'امن' مسودي جو حوالو ڏيندي بال کي وري ناصر جي پاسي اڇلي ڇڏيو.

وري 23 جولاءِ تي ناصر جو تاريخي بم شيل ٿيو. انهيءَ ڏينهن مصر جي انقلاب جي ارڙهين سالگرهہ هئي. ناصر راجرز جي 'امن تجويزن' کي انهيءَ حد تائين قبول ڪيو جو جنگ بندي ۽ اسلحہ ۾ تخفيف جي علاوه ڳالهہ ٻولهہ سان اسرائيلن کي والاريل علائقن مان نہ نڪرڻ جو شرط بہ مڃي ورتو.

ناصر جي انهيءَ "دانشمندانہ ڊپلوميٽڪ پاليسي" تي سندس ئي تمام معتبر صحافي محمد حسنين هيڪل، عرب انقلابين لاءِ نقصان وارو نهرايو. صيهوني معاشري جو نفاد، جنهن کي ناصر پهريان ئي ڏسي ورتو هو، هاڻ کلي سامهون اچي ويو. گهيال، ڪابي ڌر جي پارٽيءَ قومي گڏيل حڪومت کان علحدگي اختيار ڪري ورتي، جڏهن تہ اسرائيل فائر بندي قبول ڪري ورتي. عرب رياستن، سواءِ عراق ۽ الجزائر جي باقي سڀني ناصر جي 'امن برآري' جي ڪوشش جي زباني تائيد ڪئي. صحافين ناصر جي انهيءَ اعلان جي تعريف ڪئي. فلسطيني جيڪي ناصر جي پنيان ڇريا هئا، اُهي عمان، والاريل يروشلم ۽

اولھ ڪناري جي وڏن شھرن ۾ رڙيون ڪري رھيا ھئا: ”ناصر بزدل آھي“ ”ناصر غدار آھي.“ ناصر جو حريت پسند بُت ٺُڪر ٺُڪر ٿي پيو ھو. ۽ جڏھن ھن مصري يونيورسٽين مان فلسطيني شاگردن کي ڪڍيو ، فتح جو براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن بند ڪيو ۽ پنھنجي ساٿين کي سڏو سنئون پاپولر فرنٽ جي آفيسن، ۽ ماڻھن کي تباھ ڪرڻ ۽ مارڻ لاءِ چيو، تہ ناصر کي آمريڪا جو پيچ لٽڪائو چيو وڃڻ لڳو. ھاڻ پتو پيو تہ اسانجي اميدن تي پاڻي ڦيرڻ لاءِ آمريڪا، روس، عرب ۽ يھودي سيئي گڏ ھئا.

23 جولاءِ واري تقرير ۾ ناصر چيو ھو، ”اسين پنھنجي ڌرتيءَ کي آزاد ڪرائڻ گھرون ٿا. اسين فلسطينين جا حق چاھيون ٿا، اسان آمريڪي تجويزون قبول ڪيون آھن. انھن ۾ جيتوڻيڪ ڪا نئين ڳالھ ڪانھي. اسان انھن کي ماضيءَ ۾ بہ مڃيو ھو. اسرائيل اسان تي ھڪ ھزار ٽن بم اڇلي ٿو. جڏھن مصر کي جديد ھٿيار مليا تہ اسان تي وڏو حملو ڪيو ويو. پر آمريڪي اخبار اشاري ۾ بہ اھا ڳالھ ڪونہ ڪئي تہ اسرائيل وٽ پنھنجي بچاءَ لاءِ 72 ميزائيل آھن، انھيءَ جو ڇا مطلب؟ ڇا انھيءَ جو مطلب اھو آھي تہ اسين پنھنجي بچاءَ جو حق بہ نٿا رکي سگھون، جڏھن تہ اسرائيل کي اھڙو حق آھي.“

ناصر جي بيان ۾ بہ تضاد ھئا. ھڪ تہ مصر جي بچاءَ جو حق ۽ ٻيو فلسطينين کي پنھنجي آزاديءَ جي ويڙھ ۾ حق. بھرحال عربن جا حوصلا پست ڪرڻ لاءِ ناصر جون تجويزون ڪافي ھيون. انھيءَ اعلان جي ٻن ڏينھن تائين بہ جنگ بندي قائم رھي نہ سگھي. مزاحمت ھئي ۽ انھيءَ وقت تائين رھٽي ھئي، جيستائين ھنن جي خيال ۾ ھٽ ۾ ھٽ ڏيئي صيھونيت ۽ عربيت سلمان جي مقبري ۽ عمر جي مسجد تائين نہ ھلبو. البت اھو ٿيو تہ مزاحمت جي گھٽائڻ جون گڏيل ڪوششون شروع ٿي ويون. فتح لاءِ فند ڏيڻ بند ٿي ويا. عالمي سطح تي مزاحمت جي خلاف جنگ شروع ڪئي وئي. حُسين فائدو ڪنيو ۽ انقلابين جو صفايو ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين ۽ انھيءَ گوڙ ۾ سمورن انقلابين کي ختم ڪرڻ جي توقع ڪئي وئي.

پاپولر فرنٽ ھر دوست ۽ دشمن کي پنھنجي اصليت ڏيکارڻ جو موقعو ڏنو. ڪجھ عرب رھنمائن حُسين جي پاليسين سان اختلاف ڪيو. ٻين انھن سان ھٿ ملايا، انھن جي چوڻ تي تاڙيون وڄايون. ڪيترا قانوني قدم ۽ امنِ عامہ کي ياد ڪندا رھيا. ھاڻ فرنٽ جارحانہ سرگرمين جو فيصلو ڪيو.

منھنجا ڪامريڊ ۽ مان يورپ روانا ٿياسين تہ جيئن بين الاقوامي سطح تي وڏين طاقتن، يھوديت ۽ انھن عرب رياستن جي خلاف کُليو ڪلايو جارحيت ۽ پروپيگنڊا شروع ڪئي وڃي. چاڪاڻ تہ ڪيئن نہ ٿين دنيا، مظلوم عرب ۽ فلسطينين کي محڪم رکڻ لاءِ اھي سموريون قوتون متحد آھن. اسين انھيءَ ڪري بہ نڪتا ھئاسين جو جيڪڏھن اسان اعلان نہ ڪيو، ۽ اسان کي ناڪام تصور ڪيو ويو تہ آمريڪا انقلاب جي شڪل کي بدلي رکندو، جيڪو ويٽنام جي انقلاب ڪانپوءِ روشن ستاري وانگر چمڪي رھيو ھو.

اسان جو گھٽ ۾ گھٽ مقصد اھو ھو تہ انسانيت جي ذھن تي فلسطينين جو نالو ھڪ عزت وارو، وقار وارو، ۽ آزادي پسند جو رھي. اسان جو مقصد عرب تضاد ۽ فاشسٽ قوتن کي ٻي نقاب بہ ڪرڻو ھو، تہ جيئن مظلومن جو پتو بہ پوي.

---

# اسان ڳُم ٿيل انسانيت جا ترجمان آهيون.

(1)

هڪ سپاهيءَ جي حيثيت سان منهنجي چوندڊ غير ملڪي آپريشن لاءِ ٿي هئي. بدقسمتيءَ سان 1969ع ۾ شامي حڪومت منهنجي سڃاڻپ پڌري ڪري ڇڏي هئي. جڏهن ته مان ۽ سليم ٽي- ڊبليو- اي 840 جهاز اغوا ڪري دمشق ۾ لاٿو هو. جيڪڏهن شامي اها شرارت نه ڪن ها، ته مان به فرنٽ جي سوين ڪارڪنن جيان بي نانءِ هجان ها. صيهوني هسٽيريا مون کي سڄي دنيا ۾ ايترو ته مشهور ڪري ڇڏيو، جو روز ڪٿي نه ڪٿي منهنجي تصوير ۽ منهنجي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڇپبو هو. پر منهنجو انقلابي ڪردار ختم نه ٿيو. ڪي سمجهندا هئا ته مان اربد ۾ ڪم ڪري رهي آهيان. منهنجي گهر وارن سمجهيو ٿي ته مان اجان مصر ۾ آهيان. مان اصل ۾ اجا ال ايل جهاز جي ڪمانڊرن کي سِکيا ڏيئي رهي هيس. سکيا جا تفصيل بهرحال راز ۾ آهن، تنهن ڪري انهن بابت نه ڳالهائيندس. پهرين ئي ڪوشش، يعني جهاز جي اغوا سان، فرنٽ ۾ منهنجي پوزيشن مضبوط ۽ ذميواريون وڌي ويون هيون، جو وڏو آفيسر ٿيڻ جو مطلب، فرنٽ ۾ سهولتن ۾ واڌارو نه پر ذميوارين ۾ واڌارو هوندو آهي.

مارچ 70ع ۾ مون کي عمان ۾ هڪ نامعلوم هنڌ ڏانهن وڃڻ جو حڪم مليو. اتي منهنجا ٽي پلاسٽڪ سرجري آپريشن ٿيا. جيئن مان گهربل ملٽري آپريشن سان منهن ڏئي سگهان. هتي اڳ ۾ ته اهڙي ڊاڪٽر جي حاصل ٿيڻ، ۽ وري انقلابي تحريڪ لاءِ ان جي ڪم ڪرڻ جي ڳالهه ناممڪن ٿي لڳي. نيٺ هڪ اهڙو ڊاڪٽر ملي ويو، جنهن پاڻ به سرجري ڪرڻ ٿي گهري. پر اها ڳالهه سندس سمجهه ۾ نٿي آئي ته ٿيڻ وارو مڙس سندس چهرو بدليل ڏسڻ چو ٿو گهري.

13 مارچ 70ع تي منهنجي چهري بدلائڻ جو پهريون آپريشن ٿيو. مون بيهوشيءَ جي دوا کان انڪار ته ڪيو، پر تڪليف ڏاڍي ٿي، جو مون کي سئين جي اچ وڃ به نظر اچي رهي هئي ۽ مون کي پنهنجو منهن ڪرڙجندي به ڏسڻ ۾ ٿي آيو. اولهه جا ماڻهو سمجهندا ته مان اذيت پسند آهيان. پر نه، منهنجي سامهون وڏو قومي مقصد هو. منهنجو آپريشن منهنجي انهن ديس واسين جي تڪليف مان ڇڏائڻ لاءِ هو، جيڪي غلاميءَ جي اذيت ۾ ورتل هئا.

آپريشن هيو به هڪ راز. هڪ درجن کان به گهٽ ماڻهن کي ان جي خبر هئي. مون کي اسپتال ۾ رکيو ويو، ۽ ڪنهن کي به مون سان ملڻ جي اجازت نه هئي. مان پنهنجي ڪمري مان ميٽرنٽي وارڊ ڏانهن اينڊڙ ويندڙ کي ڏسندي هيس. بس، اِهائي مصروفيت هئي. سڀ کان ڏکي ڳالهه اِها هئي ته منهنجي نرس کي نه عربي ٿي آئي، ۽ نه انگريزي. هوءَ آرمينين هئي. اِهو مرحلو به مون لاءِ تڪليف ڏيندڙ هو.

خوشيءَ جي اھا ڳالھ ھئي تہ اسپتال ۾ مون کي ڪنھن بہ نئي سجاتو. ھڪ ڏينھن جڏھن مان نرس کي مدد لاءِ سڏي رھي ھيس، ھڪ شخص، جيڪو پنھنجي زال کي اسپتال ۾ ڏسڻ آيو ھو، منھنجي مدد لاءِ ھليو آيو. ھن نہ فقط مون کي سڃاڻي ورتو، پر منھنجي نالي سان مونکي سڏيائين بہ. مون ھڪدم انڪار ڪيو تہ مان ليليٰ ناھيان. ڪيس اعتبار نہ آيو. جڏھن مان اسپتال مان نڪرڻ لڳس تہ مان ھن جي نئين ڄاول ڌيءُ کي ھڪ ھار ڏنو، جيڪو گولين جو ٺھيل ھو، ۽ ھن لاءِ ھڪ سٺي انقلابي مستقبل لاءِ دعا ڪيم.

مقرر وقت ويجھو اچي رھيو ھو، ۽ اجا منھنجي ميڪ اپ جو ڪجھ حصو رھيل ھو. بہ ٻيا آپريشن ڪيا ويا. آخري تہ مقرر جھاد ڪان فقط ڪجھ ڏينھن اڳ ڪيو ويو ھو. منھنجا گھڻا ڪامريڊ يورپ ۾ منھنجي انتظار ۾ ھئا. ھڪدم حڪم آيو تہ سڀ ڪجھ ملتوي ڪيو وڃي، جو في الحال اردن سان ٺٺائٺي ناھي، مون کي سخت مايوسي ٿي، پر مان بد دل نہ ٿيس.

(2)

اسرائيل ۽ سندس چاڙتا هوشيار دشمن هئا. مان 21 جولاءِ تي اسپتال مان نڪتيس. رات جا سوا ٻه وڳا هئا، ۽ مان ڊاڪٽر ودي حداد جي ڪمري ۾ ويٺي هيس، ۽ اسان عملي پروگرام رٿي رهيا هئاسين. سندس زال ۽ ٻار ٻئي ڪمري ۾ ستا پيا هئا. نڄاڻ ڪٿان هڪ راڪيٽ اچي دريءَ سان لڳو. اسان مان ڪوبه زخمي نه ٿيو. اسان بندوقون کڻي ورتيون، ۽ پوءِ ٻاهه جي وچ مان هن جو خاندان رت ۾ وهنتل ٻاهر نڪتو. بجلي به بند ٿي ويئي. اسان ٿورو پريشان ٿي وياسين، جو ٻاهه اوندهه ۾ وسائڻي ٿي پيئي. مان انن سالن جي حانيءَ کي هنج ۾ کنيو، ۽ رڙيون ڪندي مٿي ڊڪيس، "ٻاهه....ٻاهه...." حانيءَ جي چاتيءَ مان رت وهي رهيو هو، ۽ سندس پير ته بلڪل چچريل ٿي لڳا. هڪ پاڙيسرڻ پناهه ڏني، ۽ فائر برگيڊ کي فون ڪيائين. مان پريشان هيس، پر حاني بلڪل چُپ ۽ پرسڪون هو. هن مرڪندي مون کي چيو، "ليليٰ! فرنٽ جي انقلابين کي ڊڄڻ ته نه گهرجي." مان انهيءَ ٻارڙي جون انقلابي ڳالهيون ٻڌي شرمسار ٿي ويس. مون کيس پيار ڪيو، ۽ ٻاهر ڪٽي آيس. اسپتال وڃڻ لاءِ مون هڪ ٽيڪسيءَ کي روڪيو. ڊرائيور اسان کي ڪڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، ۽ مون سندس منهن تي ٺُڪ وهائي ڪڍي. اوچتو فرنٽ جو هڪ ميمبر ابو دائود اچي ويو، ۽ اسان آمريڪن يونيورسٽي اسپتال وڃي پهتاسين. مان ايمرجنسي وارڊ ۾ حانيءَ کي کنيو، رت ڳاڙيندي، رڙيون ڪندي ڊوڙندي ٿي ويس، "ڪوئي ڊاڪٽر آهي...." ايتري ۾ هڪ ڊاڪٽر آيو، ۽ ٻار ڏانهن ڏسڻ بنا پڇيائين، "تو وٽ علاج لاءِ ڏوڪڙ آهن؟" مون رڙ ڪري چيو، "تون ڊاڪٽر آهين يا غاليچن جو واپاري!" هن ڏاڍي سڪون سان چيو، "هيءَ آمريڪن اسپتال آهي، ڪوئي خيراتي ادارو نه." مون چيو، "جيئن ته توهان واپار ڪري رهيا آهيو، تنهن ڪري توهان کي نذرانو ملندو، پر ٻار جي حفاظت ڪجانءِ." ايتري ۾ ڊاڪٽر حداد ۽ سندس زال، ٻار کي ڳوليندا اچي اتي پهتا. ماءُ ته بلڪل چريائپ واري ڪيفيت ۾ مبتلا هئي. آمريڪي ڊاڪٽر، ڊاڪٽر حداد کي سڃاڻي ورتو، جو هو ساٿي ڊاڪٽر هئا. هاڻي ته کيس ڏاڍي شرمساري محسوس ٿي، ۽ معافي گهرڻ لڳو. مونتي سندس شرمساريءَ جو ذرو به اثر نه ٿيو. مون رڙ ڪري چيو، "او آمريڪي ڊاڪٽر! انقلاب آمريڪي اسپتال کي غريبن جي اسپتال ۾ بدلائي ڇڏيندو، ۽ توکي آمريڪا واپس موڪليو ويندو." منهنجون ڳالهيون ٻڌي آمريڪي ڊاڪٽر جو منهن ويتر لهي ويو، ۽ هو وري معافيون وٺڻ لڳو.

ڊاڪٽر حداد جي اپارٽمينٽ تي حملي سبب اسان ۾ اڃا به وڌيڪ جوش پيدا ٿي ويو. ۽ هاڻي اسان مقصد خاطر مرڻ مارڻ لاءِ تيار هئاسين. آگسٽ ۾ جڏهن مان فرئنڪفرٽ ويس، تڏهن به منهنجي ذهن ۾ ڊاڪٽر حداد جي سڙندڙ گهر جي ياد تازي هئي. مان فرئنڪفرٽ ۾ جنهن هوٽل ۾ ترسيس، ان جو مالڪ يهودي هو، ۽ اهو وچولي درجي جو هوٽل هو. هن منهنجي آجيان عربي ڳالهائي ڪئي. مون جواب نه ڏنو ۽ پاڻ کي غير عرب ظاهر ڪيم. هن تڏهن به مونسان عربي ڳالهائڻ تي زور ڏنو، ۽ جوشيلي نموني چيائين، "توکي خبر آهي ته مان يهودي آهيان."

"مان هڪ عرب عورت آهيان. مان يهودين جي خلاف ناهيان، پر مان صيهونيت جي خلاف آهيان. مان انهن جي خلاف آهيان، جن عرب ڌرتيءَ تي قبضو ڪيو آهي."

هن مونسان متفق ٿيندي چيو، "مذهبي لحاظ کان مان صيهوني آهيان، پر سياست سان مون کي ڪابہ دلچسپي ناهي." ۽ اسان جو جهيڙو ختم ٿي ويو.

مان مٿي ڪمري ۾ ويس، ۽ ٻئي ڏينهن صبح تائين اتي رهيس. نيٺ جڏهن ٿڪجي پيس، ۽ بک ستايم تڏهن ٻاهر سير لاءِ نڪتيس. منهنجو يهودي دوست ڊيسڪ تي وينو هو. هن مون کي ڏسي، منهنجو حال پڇيو، ۽ چيو تہ ڇا مان ايمسٽرڊم وڃڻ پسند ڪنديس، جو هو پنهنجي دوستن لاءِ هڪ پروگرام ترتيب ڏيئي رهيو آهي. مون مُرڪي ناڪار ڪئي، ۽ ڪاڏي جي ڳولا ۾ ٻاهر نڪري ويس. رستي تي مون انگريزيءَ جون ڪيتريون ئي اخبارون ورتيون. سيني ۾ اردن بابت خبرون پريون پيون هيون، ۽ ڪن ۾ ادارتي نوٽ هئا. جن ۾ راجرز منصوبي جي حوالي سان عرب، اسرائيل ۽ وڏين طاقتن جي لاڳاپن بابت خيالن جو اظهار ڪيو ويو هو. هر اخبار ۾ ڪنهن نہ ڪنهن نموني مستقبل ۾ ڪنهن جهاز جي اغوا ٿيڻ جي خوف جو اظهار ڪيو ويو هو. اڳ ۾ تہ مونکي ڪجهہ پريشاني ٿي، پر اهو ڏسي سُک جو ساهہ کنيم تہ اغوا جو هنڌ ايمسٽرڊم نہ، پر زيورچ ٻڌايو ويو هو.

مون کي پنهنجي مشن جو خيال ستائي رهيو هو. مان روز صبح جو ان جي ريهرسل ڪندي هيس. ڪجهہ ڏينهن فرئنڪفرٽ ۾ گهميس، ۽ انتظار ڪري ڪري بور ٿي پيس، نيٺ ڪم جو وقت آيو. پيٽرڪ آرگيلو ان کي پنهنجي رت سان سينگاريو، پر مان ايڏي خوش قسمت نہ هيس.

مان پيٽرڪ آرگيلو سان پهريون دفعو 1970ع ۾ ملي هيس. اسٽرٽ گارڊ ايئر ٽرمينل جي سامهون اسان هڪ ٻئي کي سنيها ڏنا، حالتن جو مختصر جائزو ورتوسين. ٻئي ڏينهن اسان ٻيئي فرئنڪفرٽ وياسين. ايئرپورٽ تي مسٽر رياض (پيٽرڪ) جي تلاشي ورتي ويئي، ۽ مان اِهو ڏسي رهي هيس تہ آئي-ڊبليو- اي جي تل ابيب وڃڻ واري فلائيٽ جي مسافرن جي سختيءَ سان تلاشي ورتي پئي ويئي. مون کي خوشي ٿي رهي تہ، مان دشمن کي تڪليف ڏيئي رهي هيس. مون دل ئي دل ۾ چيو، 'اهو ئي جهاز تہ آهي، جنهن کي تل ابيب کان موٽڻ تي اسان اغوا ڪنداسين.' ڪسٽم مان پيٽرڪ جو ڪليئرنس بنا ڪنهن شڪ شبهي جي ٿي ويو.

(3)

هاڻي ايندڙ اسٽاپ ايمسٽرڊم هو. 6- سيپٽمبر تي پيٽرڪ ۽ مان صبح جو ڏهين وڳي ايل- ايم- ون ڪائونٽر تي ملياسين. اسان اڌ ڪلاڪ ڪن آفيس کلڻ جو انتظار ڪيو، پر ان ڏينهن اها آفيس کلي ئي نہ. اسان فلائيٽ شيڊول جاچيو. بورڊ تي لکيل هو تہ ايل- اي- ون فلائيٽ 319 نيويارڪ لاءِ 11 لڳي 20 منٽن تي، منجهند کان اڳ وڃي رهي آهي. اسان ڪي- ايل- ايم جي گرائونڊ هوسٽيس کي مدد لاءِ سڏيو. هن اسان جون ٽڪيٽون ورتيون، ايل- اي- ون جي آفيس فون ڪئي، پر اتان ڪوبہ جواب نہ مليو.

هوسٽيس بہ پريشان ٿي ويئي. پوءِ هن چيو، ”توهان ايل- اي- ون جي فلائيٽ ۾ ئي وڃڻ چو ٿا گهرو، ڪنهن ٻي فلائيٽ ۾ وڃو، جيڪي انهيءَ کان وڌيڪ آرام واريون بہ آهن.“ اسان کيس يقين ڏياريو تہ اسان فقط ايل- اي- ون ۾ ئي سفر ڪرڻ مناسب سمجهون ٿا. اسان انتظار ڪري رهيا هئاسين، جو پين- ايم فلائيٽ 740 آئي، ۽ مونکي ٿي. ڊبليو. اي. فلائي 840 ياد اچي ويئي. ان وقت تائين مونکي خبر نہ هئي تہ اسان جا بہ ڪامريڊ، جن کي هڪ ڀهرين ڪوشش ۾ اسرائيلين پڪڙي ورتو هو، هاڻي پين. ايم جي فلائيٽ 740 کي اڌام کان اڌ ڪلاڪ پوءِ، پنهنجي نموني سوگهو ڪرڻ جي فڪر ۾ آهن. هو 747 ۾ قاهره ويا ۽ جهاز کي فلسطين جي آزاديءَ طور تباھ ڪري ڇڏيائون. نہ پيٽرڪ کي، ۽ نہ ٻين پنجن مرد هائي جيڪرن کي خبر هئي تہ انهيءَ ڏينهن ٽن ڪپتان عورتن ۽ ڪجھ ٻين ماڻهن کي سڄي منصوبي جي خبر هئي. اسان 12 لڳي 5 منٽن تائين جهاز جو انتظار ڪندا رهياسين. پي ايل- اي- ون جي ڪائونٽر اسٽاف جو ڏس پتو نہ پيو.

اوچتو هڪ پوليس آفيسر اسرائيلي ڊريس ۾ ظاهر ٿيو. ”توهان ليٽ چو آهيو؟“ هن پڇيو. مون صبر سان جواب ڏنو، ”اسان تہ ڏهين وڳي کان هتي موجود آهيون.“ هن چيو تہ مان ڪي- ايل- ايم جي هوسٽيس کي چئي، اوهان جو انتظام ڪرايان ٿو. پوءِ هن پاسپورٽ ۽ ڪاغذ گهريا. هن هڪ هڪ صفحي کي غور سان ڏٺو. منهنجي تصوير ڏسي، وَر وَر هن منهنجي چهري ڏانهن ڏٺو. هن مونکي هينڊ بيگ خالي ڪرڻ لاءِ چيو، ۽ هڪ هڪ شيءِ کي ڇُهي ڏٺائين. پيٽرڪ کي بزنيس سوٽ پهريل هو، ۽ مونکي مِني اسڪرٽ ۽ جيڪٽ. مون پاڻ کي هنڊراس جي ماريا سنگيز ئي ٻڌايو. ور ور ساڳيا سوال ڪيا ويا. اوچتو مون وڏا وڏا آواز ٻڌا. مون ڏٺو تہ ٽي عرب مون ڏانهن اچي رهيا هئا. انهن مان هڪ کي مون سڃاڻي ورتو. جيڪڏهن هنن مونکي سڃاڻي سلام ڪيو تہ ڳالھ کلي پوندي..... خوش قسمتيءَ سان هنن ڏانهن اسرائيلي آفيسر جي پُٺ هئي. جيئن تہ اسان سندس چوڻ تي هڪ ٻئي کي هٿ ڏيئي بيٺا هئاسين، تنهن ڪري مون ڪٽي پيٽرڪ کي پاڪر وڌو. پيٽرڪ حيران ٿي ويو. هو اجا اِهو فيصلو نہ ڪري سگهيو هو تہ ههڙي چري عورت جي عمل تي ڪهڙو رد عمل ڪري، تہ ايتري ۾ اسان جا عرب دوست ايل- اي- ون جي آفيسرن يا ڪنهن ٻئي جي نظرن مان اچڻ کان اڳ لنگهي ويا. آفيسر کي اسان کان ڪا شڪايت

ڪانہ هئي، جو هن ڏاڍي نرميءَ سان اسان کي پاڻ سان هلڻ، ۽ هيٺ هلي سامان چيڪ ڪرائڻ لاءِ چيو.

”آفيسر! اسان جو سامان کليو پيو آهي. توهان پاڻ وجي چيڪ ڪري سگهو ٿا.“ مون لاپرواهيءَ سان چيو.

”ميڊم! قانون اِهو آهي تہ سامان مالڪ جي موجودگيءَ ۾ جانچيو وڃي.“ هن چيو. اسان ساڻس گڏ وياسين. هن سامان جانچيو. هڪ دفعو نہ، بہ دفعا. ۽ انهيءَ وچ ۾ ظاهري طور تي هو بي حجابيءَ وارا سوال ڪندو رهيو، پر ڏاڍا تهدار ۽ معنيٰ وارا سوال هئا.

پوءِ هن خاص مون سان مخاطب ٿيندي چيو، ”ڇا توهان کي ڪنهن سوکڙي ڏني آهي؟“ مون زور سان چيو، ”نہ.“ هن وري پڇيو، ”ڇا توهان وٽ ڪا خطرناڪ شيءِ آهي؟ مثال طور پستول، چاقو يا ڪا ٻي شيءِ.“

”نہ سائين! ڀلا ڪنهن ڇوڪريءَ جو انهن سان ڪهڙو واسطو؟“ انهيءَ جواب تي هو مُرڪيو، ۽ چيائين، ”ڇا توکي اسپينش ٻولي ايندي آهي؟“ ”نہ“ مون هڪدم چيو. ”چڱو الله واهي.“ هن چيو.

پيٽرڪ ٿورو حيران ٿيو. چيائين، ”نيٺ هن توکان اسپينس ٻوليءَ بابت چو پڇيو.“

چيم، ”ڏس پيٽرڪ، جيڪڏهن هن کي پاڻ کي اسپينش اچي ها تہ هو شروع کان ئي اسپينش ۾ ڳالهائي ها. چڏيس. چڱو ٿيو، شڪر آ جو اسان هڪ مصيبت مان تہ نڪتاسين!“

اسان جيئن ئي مسافرخاني ۾ آياسين، ڏٺوسين تہ 30-40 نوجوان اهڙا موجود هئا، جيڪي ايل. اي. ون فلائيٽ ذريعي وڃي رهيا هئا. مونکي وري اهو ڏک رسيو تہ، هاڻي وري مونکي نوجوان ٻارن کي ڊيڄارڻو پوندو. جيتوڻيڪ مون انهن معصوم دلين کي ڊيڄارڻ نٿي گهريو. هاڻي مونکي فلسطيني ٻار ياد اچڻ لڳا، جن تي اسرائيل نيپام بم وسايا هئا. ڊاڪٽر حداد جو ٻار ٻاهه سان پريل ڪمري ۾ ڊوڙندو نظر آيو. اِهي سڀ خيال مونکي پريشان ڪري رهيا هئا، جيتوڻيڪ مان اهو ڪندي آهيان تہ، مسافرن کي ڪابہ تڪليف نہ پهچي. مان ڪجهہ دير لاءِ تہ ذهني طور تي بلڪل مفلوج ٿي ويس. انهيءَ وچ ۾ پيٽرڪ هال ۾ گهمي رهيو هو، جيئن اسان جي ٻن ٻين ڪامريڊن جي سڃاڻپ ٿي سگهي. جڏهن مان ٻارڙن ڏانهن ڏسي رهي هيس، تڏهن هڪ ننڍڙي سهڻي ٻارڙي مون ڏانهن آئي. سندس نظر انهيءَ سينڊ وچ تي هئي، جيڪو منهنجي هٿ ۾ هو. جڏهن مون سينڊ وچ ٻارڙي ڏانهن وڌائيندي چيو، ”اچ هي وٺ.“ ان مهل ئي سندس ماءُ چيو، ”هيڏي اچ.“ هوءَ بہ عربي ڳالهائي رهي هئي. مان حيران ٿي ويس. مون پيٽرڪ ڏانهن ڏسي ڪجهہ پڇڪيو، تہ پيٽرڪ سمجهيو، تہ مان ڪامريڊن کي سڃاڻي ورتو آهي. هو منهنجي پرسان آيو، تہ مون چيو، ”اها عورت اسرائيلي آهي. فرض ڪر، جيڪڏهن هوءَ بہ جهاز اغوا ڪرڻ آئي هجي تہ پوءِ ڇا ٿيندو! هوءَ جهاز هڪ پاسي ونڻي وڃڻ جي ڪوشش ڪندي ۽ اسان ٻئي پاسي-ڪير ڪٿندو؟“ پيٽرڪ اهو ٻڌي ڏاڍو کِليو، ۽ چيائين، ”خير، ڪٿنداسين تہ بهرحال اسان.“

اسان انتظار ڪري رهيا هئاسين. منٽ بہ ڪلاڪن جيان اينگهجي پيا هئا. ڪوبہ اسرائيلي جهاز نظر نٿي آيو. فقط ڪي. ايل. ايم جا جهاز اُتي بيٺا هئا، ۽ انهن ۾ اسان جو ڪوبہ مطلب نہ هو. جمبوجيٽ ساڍي ٻارهين وڳي وڃي چڪو هو، ۽ هاڻي تہ ٻارهن لڳي رهيا هئا. ساڳيو

اسرائيلي آفيسر وري ظاهر ٿيو، ۽ وري اها جاچ جي ترتيب ۽ تفصيل شروع ٿيا. اسانکي ڪمري جي ٻئي پاسي وڃڻ جو حڪم مليو. مون ڪوشش ڪئي ته ڪنهن به نموني منهنجي ڪاوڙ ظاهر نه ٿئي. وري ٽيون دفعو جاچ ٿي، ۽ اسان کي پنهنجي پنهنجي جاين تي ويهڻ جو حڪم مليو. هاڻي ڏيڍ ٿي ويو هو، ۽ جهاز جي اغوا جو سيني هنڌن تان ٻارهن لڳي ويهن منٽن تي هڪ ئي وقت اعلان ٿيڻ وارو هو. هاڻي مون سمجهيو ته، يا ته اسرائيلين کي اسان جي منصوبي بابت خبر پئجي ويئي آهي، تنهنڪري هو اسان کي ڪي. ايل. ايم جي جهازن ڏانهن ڌڪي رهيا آهن. يا وري هنن اسانجا هڪ به ڪمانڊر پڪڙي ورتا آهن، ۽ هاڻي اسان کي سوگهو ڪرڻ لاءِ آتا آهن. مون وٽ به هينڊ گرنيڊ هئا، ۽ پيٽرڪ وٽ به هينڊ گرنيڊ ۽ هڪ پستول هو. مون پيٽرڪ کي چيو، "جيڪڏهن هنن کي خبر پئجي به وڃي ته اسان کي هٿيار ڦٽا ڪرڻا ناهن، پر سيمسن جيان وڙهڻو آهي." پيٽرڪ منهنجي راءِ سان متفق ٿيو.

هاڻي اسان کي هيٺ وڃڻ جو حڪم مليو. آفيسر بينو پاسپورٽ ۽ ٻيا ڪاغذ جاچي رهيو هو. مون چيو، "آفيسر، اسان ليٽ ٿي ويا آهيون." "ڳڻتي نه ڪيو ميڊم، اسان به توهان جي حفاظت جو پورو پورو بندوبست ڪري رهيا آهيون."

اسان جهاز ڏانهن هٿياربند فوج جي نگرانيءَ هيٺ وياسين. مان خوش هيس، جو اسان جي مزاحمت سبب صيهوني ايڏو پريشان ٿي ويا ها. ائين ٿي لڳو، ڄڻ اسان دشمن کي اڳ ۾ ئي فتح ڪري ورتو هو، جو سندن سيئي حفاظتي ڪاروايون بيڪار ثابت ٿيون هيون. مان جهاز ۾ چڙهيس ته ٻارهن هٿياربند فوجي مشين گنن سان گڏ موجود هئا. جڏهن مان ايل. اي. ون جهاز ۾ چڙهيس ته مون کي لڳو، ڄڻ 13 اپريل 48ع پوءِ مان وري حيفا ۾ هيس. منهنجي دل شينهن ٿي ويئي هئي. مون اڄ کان اڳ ڪڏهن به پاپولر فرنٽ جي ميمبر هئڻ تي ايترو فخر نه ڪيو هو. پيٽرڪ ۽ مون ٻن خالي سيٽن جي چونڊ ڪئي. اسان سڄي جهاز ۾ به دفعا چڪر هنيو، تڏهن وڃي اسان کي ٽورسٽ ڪلاس ۾، ٻي قطار ۾ ٻه خالي سيٽون مليون. جڏهن هوسٽس اچي پڇيو ته توهان خير سان آهيو، تڏهن اِهو جملو اسان کي ڏاڍو سڪون ڏيندڙ لڳو. مان ڏاڍي خوش هيس، ۽ پنهنجي باقي اڌ مشن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ بيتاب. جڏهن ته پيٽرڪ ٿورو بيچين هو، جو اڳ ۾ ئي ڏيڍ ٿي ويو هو. پيٽرڪ مونکي شاديءَ جي نالي سان سڃاڻندو هو. مون سوچيو ته، جيڪڏهن ڪيس پنهنجي اصليت ٻڌايان ته، سندس حوصلا اجا به وڌي ويندا. مون ڪيس ٻڌايو ته واقعي هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن مونکي فاتح جو سيليوٽ ڏنو. منهنجي پرسان وينل عورت کي گهبرٽ اچي ويو هو. سيئي مسافر ٿڪل لڳي رهيا هئا. هڪ لڳي 55 منٽن ڏاري اسانکي احساس ٿيو ته جهاز جي پنيان اسان کي ڪوئي لڳاتار تاڙي رهيو آهي. مون پيٽرڪ کي چُپ ڪري ويهڻ لاءِ چيو. مون ڪنڌ ورائي انهيءَ ماڻهوءَ ڏانهن ڏنو. هو خانگي ڪپڙن ۾ هو. جڏهن هن ڏنو، ته مان ڪيس ڏسي رهي آهيان، تڏهن هن منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيو. ان وچ ۾ پيٽرڪ هينڊ گرنيڊ ۽ پستول تيار ڪري ورتو، ۽ مون پنهنجي ٻنهي هينڊ گرنيڊس مان پن ڪڍي ورتيون. اسان ٻيئي فرسٽ ڪلاس مان ٿيندا، ڪاڪ پٽ ڏانهن ڀڳاسين. هڪ ٻن مسافرن لُڏڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان رڙ ڪئي، "پنهنجي جاءِ تان نه لُڏو." اسان جي سامهون ٽي اسٽيورڊ بندوقون ڪنيو بيٺا هئا. مون هڪ سيڪنڊ اندر ڳڻي ورتيون، اهي ڇهه هيون. پر اسان اڳ ۾ ئي وڙهڻ لاءِ سوچي ڇڏيو هو. هڪ

هوسٽس عربيءَ ۾ رڙيون ڪندي، فرش تي ڪري پيئي. مون ڌمڪي ڏني، تہ جيڪڏهن ڪنهن گولي هلائي تہ جهاز تباهہ ڪري ڇڏينديس. مون پنهنجا ٻئي هينڊ گرنيڊ ڏيکاريا ۽ انهن جون سيفٽي پنون هيٺ ڦٽي ڪري ڇڏيم. پيٽرڪ هٿياربند اسٽيورڊس ۽ مسافرن کي مون ڪان پري ٻيهاري ڇڏيو، ۽ مون کي چيو، ”تون اڳتي وڃ، پويان مان پاڻيهي منهن ڏيندس.“ مون هوسٽس کي ٻيهاري، پنهنجي اڳيان هلڻ جو حڪم ڏنو. جيئن ئي هن در کوليو، هو عجيب چريائپ جهڙي حالت ۾ اندر ويئي. مان نہ ڪيپٽن کي ڏسي ٿي سگهيس، ۽ نہ ٻئي عملي کي. ڪيپٽن جي ڪمري ڪان اڳ اجا هڪ در هو. اسان ٻنهي در کڙڪايو. ڪنهن بہ در نہ کوليو. مون ڏنو تہ ڪو ماڻهو اسان کي لِڪل سوارخ مان ڏسي رهيو هو. مون گرنيڊ ڏيکاريندي در کولڻ لاءِ چيو، پر هاڻي گولين هلڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. جهاز لوڏا کائي رهيو هو.

مونتي ڪيترن ئي ماڻهن هڪ وقت ڪاهہ ڪئي. مونکي لڳو، ڄڻ جهاز ڪري رهيو هجي. گوليون لڳاتار هلي رهيون هيون. هاڻي اوچتو مونتي ٻگهڙن جو حملو ٿيو، جنهن ۾ مسافر ۽ ايل. اي. ون جا ماڻهو ٻيئي شامل هئا. ڪنهن رڙ ڪري چيو، ”هن کي نہ ماريو، هن وٽ ٻہ هينڊ گرنيڊ آهن.“ هاڻي ڪنهن بہ مونتي گولي نہ هلائي، پر ڪي لتون هڻي رهيا هئا، تہ ڪي مُڪون. ڪي منهجي مٿان لنگهي ويا. ٻن منهنجا هٿ جهلي ورتا هئا، ۽ مون کان هينڊ گرنيڊ ڦُرڻ تي گهريائون. هڪ تہ مون کان گرنيڊ ڦرڻ ۾ ڪامياب بہ ٿي ويو. ٻيو مان پنهنجي سڄي طاقت سان سوگهو جهلي رکيو هو، جو نيٺ مان بيهوش ٿي ويس.....

اجا مونکي اها ڄاڻ نہ هئي تہ پيٽرڪ سان ڇا پيو وهي. مونکي ڇڪي فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ آندو ويو، جتي پيٽرڪ زخمي ٿيو پيو هو، ۽ سندس ساهہ بہ اٽڪي رهيو هو. صيهوني چِتن ڪتن جيان گهمي رهيا هئا. هو منهنجي جسم جي هر حصي کي چيتاڙڻ لڳا. ان وقت پيٽرڪ بہ اهڙي خراب حالت ۾ هو جو مزاحمت نٿي ڪري سگهيو. مان پڃري ۾ قيد شينهن جيان وڙهي رهي هيس، ۽ ان وقت تائين وڙهندي رهيس، جيسين اڌ مُئي ٿي ويس. پوءِ هڪ ظالم ٻگهڙ اڳتي وڌيو. هن زور سان منهنجي وارن کي سَٽ ڏني، ۽ مونکي ڪُتِي چيو، ۽ هن هر قسم جون گاريون ڏنيون..... مون سندس هٿ کي چَڪ هنيو. هن ۽ سندس چوڌاري بيٺل ماڻهن مونکي ڏاڍو ماريو.

جهاز دستور موجب هلي رهيو هو. باقي مسافر پنهنجي پنهنجي جاءِ تي وينا هئا. هڪدم ڪاڪ پٽ مان هڪ اسرائيلي گارڊ نڪتو، ۽ پيٽرڪ کي سٽو ڪري، ڪيس ٻَڌڻ لڳو. ڪنهن پڇيو، ”هوءَ ڪيئن آهي؟“

”اسان کي خبر ناهي..... هوءَ..... پر پڪ ناهي..... هوءَ ٿي حصا مري ويئي آهي.“ اهو ماڻهو پيٽرڪ جي سَٿرن تي ٻينو هو، ۽ پيٽرڪ سخت تڪليف مان ٻي قابو ٿي مون ڏانهن ڏٺو. سندس هٿ بہ چيلهہ سان ٻڌل هئا. هاڻي صيهوني گارڊ پيٽرڪ جي چيلهہ تي چار گوليون هنيون. ڪنهن جهاز مان ٻنيان رڙ ڪئي، ”هاڻي اهو گهمسان بند ڪيو.“ پيٽرڪ مون ڏانهن موت ۾ ويڙهيل مُرڪ سان ڏٺو، ۽ سدائين لاءِ چپ ٿي ويو.

هاڻي منهنجو وارو هو. مونکي بہ ساڳئي نموني ٻَڌو ويو. هٿ پوئتي، ۽ چيلهہ ۽ ٽنگون تارن سان جڪڙيل. مون بہ پيٽرڪ جيان شهيدن جي صف ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي،

پر صيهونين مون کي نہ ماريو. مونکي يقين آهي تہ هو پويان ايندڙ رحم جي آوازن کان متاثر نہ ٿيا هئا، پر هنن تہ مونکي اسرائيل جي زو (چڙيا گهر) ۾ نموني طور رکي، پنهنجي بهادريءَ جا قصا عام ڪرڻ ٿي گهريا. هنن مون کان گهڻو ڪجھ سچي ڪرائڻ جي شوق ۾، مونکي جيئرو رکڻ ٿي گهريو. هو مون کي جيئن ئي ٻَڌي واندا ٿيا، پائلٽ اعلان ڪيو، 'اسان تل ابيب وجي رهيا آهيون.' ڪجھ گهڙين ڪانپوءِ جهاز هيٺ آيو. هاڻي اسان جي هيٺان ڌرتي هئي. جهاز جيئن ئي ڌرتيءَ تي آيو، مان سيٽ کان هيٺ ڪري پيس، ۽ گارڊ مونکي گهليندو، گاريون ڏيندو ۽ ماريندو ٿي ويو. مسافر لهي چڪا هئا. مون کي ٻاهر ايمبولينس جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. يونيفارم پهريل ٻہ آفيسر نظر آيا. مون کي خبر نہ هئي تہ اسان ڪٿي هئاسين. هڪ ٻيو آفيسر فرسٽ ڪلاس ۾ انهيءَ هنڌ آيو، جتي مان ڪريل هئس. هن مون کي سڌو ڪرڻ لاءِ چيو. اسرائيلي آفيسر رڙ ڪئي، "هيءَ اسانجي قيدي آهي، ان ڪري وجو. هيءَ اسانجي اسرائيل جي ملڪيت آهي." هاڻي اسرائيلي پائلٽ ٻن برطانوي آفيسرن سان ڪاڪ پٽ مان ٻاهر آيو. هن منهنجي هينئين ڌڙ تي ٻہ لتون هنيون ۽ گارين جو وسڪارو لائي ڏنائين. ايتريون گاريون، جو برطانوي آفيسرن کيس ڪاوڙ مان پري ڪندي چيو "شرم ڪر." هاڻي ٻيا ٻہ برطانوي آفيسر اندر آيا. خبر پئي تہ هي سڀ اسڪاٽ لينڊ يارڊ جا هئا. ڪيپٽن چيو، "ڪڏ ۾ پئو توهان ۽ توهان جي حڪومت، هي منهنجي قيدي آهي، توهان نڪري وڃو جهاز مان." برطانوي آفيسر مونکي سوگهو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ٽن اسرائيلين زخمي ٽنگن جي باوجود مونکي هڪ پاسي ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي. برطانوي آفيسرن منهنجو هٿ ٻئي پاسي ڇڪڻ گهريو. عجب ڇڪتاڻ هئي، نيٺ برطانوي کٽي ويا. هڪ برطانويءَ مون کي کُلهي تي کنيو، ۽ هيٺ بيٺل ٻن برطانوين جي هٿن تي ڦِٽي ڪيائين. هاڻي مان برطانوي هٿن ۾ هئس. مونکي خبر هئي تہ هاڻي مان تل ابيب کان وڌيڪ محفوظ هئس.

برطانوي آفيسرن مونکي ۽ پيٽرڪ کي هڪ ايمبولنس ۾ وڌو. مونکي اڃا لڪي اميد هئي تہ شايد پيٽرڪ اجا جيئرو هجي. ڪجھ منٽن کان پوءِ نرس هڪ آفيسر جي ڪَن ۾ ڪجھ چيو، جيڪو مان ٻڌي نہ سگهيس. پوءِ هن پيٽرڪ جي منهن تان آڪسيجن ماسڪ لاهي ڇڏيو، ۽ مونکي پڪ ٿي تہ پيٽرڪ مري ويو آهي. مون برطانوي آفسرن کي هٿ، پير کولڻ جي اپيل ڪئي. هنن مون کي انهيءَ شرط تي کوليو، تہ مان خاموش رهنديس. مان پيٽرڪ جي جسم جي پرسان بيٺيس، سندس هٿ جهليم، سندس زخم ڳڻيم، ۽ هڪ ڪامريڊ جيان مون سندس چپ چميا، ۽ روئي پيس. "پيٽرڪ! انقلابي محبت ۾ هاڻي 'چي' جو ساٿي ٿي ويو آهين. تون ڪمزورن ۽ مظلومن لاءِ روحاني رهبر آهين. فلسطيني پنهنجي دلين ۾ تنهنجو مقبرو اڏيندا، ۽ فلسطين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ تو جهڙن بي غرض انسانن کي پنهنجو اڳواڻ سمجهندا."

20 منٽن جي اندر اسانجي ايمبولنس هلنگٽن اسپتال پهچي ويئي. پيٽرڪ آرگيولو، عمر 27 سال. شهري نڪارا گوا، جنم سان فرانسسڪو (آمريڪا)، ٽن ٻارن جو پيءُ، مئل قرار ڏنو ويو. اهو شخص، جنهن دنيا جي وچ ۾ وجي هڪ خطرناڪ مشن کي تڪميل تي پهچائڻ جو خواب ڏٺو هو. پيٽرڪ انقلابي ڪميونسٽ هو. هن جو بمباريءَ وارو عمل بين الاقوامي برادريءَ لاءِ هو.

زندگيءَ جو اُهو پنيٺ ٽٽو ٿي چڪو هو، جنهن دنيا کي پل لاءِ روشني ڏيکاري. هن فلسطين جي جدوجهد جي رستي کي روشن ڪيو هو.

هلنگٽن اسپتال ۾ منهنجو جنرل چيڪ اپ ٿيو، ۽ ايڪس ري ورتا ويا. منهنجي اوسي پاسي ماڻهن جا ميڙ هئا، جن جو نہ ميڊيڪل سائنس سان لاڳاپو هو، ۽ نہ اسپتال سان. ڊاڪٽر مونکي ظاهري طور تندرست سڏيو. جيتوڻيڪ منهنجي لونءَ لونءَ ۾ درد هو. مون ڪان هڪ عورت، جيڪا بهرحال نرس نہ هئي، پڇيو تہ مان ڪير آهيان. مون چيو، ”مان آزاد فلسطين لاءِ پاپولر فرنٽ جي ڪماندو آهيان.“ هڪ ٻيو آواز آيو. ”اهو ڪوئي نالو ناهي.“ چيم، ”اهو منهنجو نالو آهي. مان وڌيڪ ڪجهہ بہ ڳالهائڻ نٿي گهران.“ منهنجي اوسي پاسي ماڻهو ئي ماڻهو هئا، جن مون ڪان بيان ونڻ ٿي گهريو. ايتري ۾ هڪ جاٽل صحافيءَ جو چهرو اڀريو، پر مان ڪيس قطعي نہ سڃاڻي سگهيس. هن شايد منهنجو آواز سڃاڻي ورتو هو. هن چيو، هيءَ ليليٰ آهي.“ پوليس آفيسر چيو، ”ڪير ليليٰ؟“

”اهائي ليليٰ خالد، جنهن ٽي. ڊبليو. اي. 840 جهاز اغوا ڪيو هو.“ صحافيءَ جواب ڏنو.

”ڇا توکي يقين آهي؟“ پوليس آفيسر پڇيو.

ها، پڪتو يقين.“ صحافيءَ چيو.

هاڻي پوليس آفيسر منهنجي پرسان آيو، ۽ چيائين، ”ڇا تنهنجو نالو ليليٰ آهي؟“

مان مُرڪيس، پر ڪوبہ تبصرو ڪرڻ ڪان انڪار ڪيم. مون کي اولهہ ڊرينٽون اسٽيشن آندو ويو. اتي مون رات گذاري. پوليس مون ڪان سچي ڪرائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر مون هر دفعي اهوئي جواب ڏنو، تہ مان فلسطين جي آزاديءَ لاءِ پاپولر فرنٽ جي ڪماندو آهيان. منهنجو اهو جواب ان وقت تائين هو، جيسين هو مونکي ڪماندو تسليم ڪري، جنگي قيديءَ واريون سهولتون ڏين. اولهہ ڊرينٽون ۾ فقط هڪ اڌ وٽندڙ واقعو ٿيو. جڏهن اميگريشن آفيسر ڪاغذن جو هڪ ٿهو کڻي آيو، ۽ مونکي هدايتون ڏيڻ لڳو، ۽ چيائين تہ انگلينڊ ۾ قانوني داخلا نٿي ٿي سگهي. مون چيو، ”جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ مونکي آزاد ڪيو.“ هن چيو، ”اِهو نٿو ٿي سگهي.“ هن مون ڪان انهن ڪاغذن تي صحيح ونڻ ٿي گهري. ۽ جڏهن مون کي برطانوي غدارن جهڙن نالن سان سڏيائين، تڏهن مون هن کي ٻاهر نڪري وڃڻ لاءِ چيو.

پهريون بہ راتيون ڏاڍيون خوفناڪ هيون. مونکي اردن جي واقعن جي باري ۾ ڏاڍي ڳڻتي هئي، ٻيو تہ جهازن جي اغوا بابت بہ ڪا خبر نہ پيئي هئي. منهنجي حالت خراب هئي. جو اڳ ۾ تہ مان ايل. اي. ون جهاز اغوا ڪرڻ ۾ ناڪام رهي هيس، ٻيو تہ پيٽرڪ جي موت مون کي اڌ مُئو ڪري ڇڏيو هو. اهي ٻئي خيال هر وقت منهنجي مٿان حاوي هئا. مان ڪلاڪ اڌ بہ آرام سان سمهي نٿي سگهيس. مونکي لڳي رهيو هو، ڄڻ مان هڪ جدوجهد ۾ مصروف آهيان. مان اڪيلي هيس. پاڻ سان وڙهي وڙهي ٻي حال ٿي پيئي هيس. جيڪي عورتون هر گهڙيءَ مون سان گڏ هونديون هيون، مان انهن کي ڪجهہ نہ چوندي هيس. هنن سان منهنجو هڪ ئي جملي جو رستو هو، ”وقت گهڻو ٿيو آهي؟“ پنهنجي بوريت ختم ڪرڻ، ۽ هنن سان سڃاڻپ پيدا ڪرڻ لاءِ مان اهو جملو ڪيترائي دفعا ورجائيندي هيس. هڪ ڏينهن هڪ گارڊ مونکي ڪاوڙ ڏياري ڇڏي. هن چيو، ”آخر تو اِهو ڇو ڪيو؟ اهو تہ جناتي ڪم هو.“ ۽ مونکي سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ آخر مان

هن کي چا سمجهايان، بهرحال. هوءَ مون سان ڏاڍو مهربانيءَ سان پيش ايندي هئي. ۽ جڏهن مون کي پوليس اتان ايلنگ وٺي ويئي، هن مون کي ڏاڍو پيار ڪيو، ۽ اتان وڃڻ مهل هن ڪمبل ويڙهايو، ۽ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيائين.

(4)

مون کي ايلنگ پوليس اسٽيشن 7- سيپٽمبر تي آندو ويو. هتي بہ مون کي هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪيو ويو. ٻن آفيسرن عورتن جي منهنجي مٿان ڊيوٽي هنئي ويئي. اڳ ۾ ٻئي منهنجي خلاف تي لڳيون. اسان جو پاڻ ۾ تڪرار بہ ٿيو. مون ماني کائڻ کان بہ انڪار ڪري ڇڏيو. مون فقط سگريٽ يا ڪافي پيتي. مون اخبارون گهريون تہ هن چيو، مون کي فقط عورتن جي اخبار ملي سگهي ٿي. پر مون انڪار ڪيو.

8- سيپٽمبر تي منهنجي ملاقات سپرنٽنڊنٽ فرو پوليس ۽ انسپيڪٽر ليڊ لاس سان ٿي. مون کين بہ چيو تہ، مان انهيءَ وقت ڳالهائيندس، جڏهن هو مونکي ڪمانڊو تسليم ڪندا. هنن منهنجي ڳالهہ انهيءَ شرط تي مڃي، تہ مان جيڪي ڳالهائيندس، سچ ڳالهائيندس.

فرو مون کان پڇيو، ”تنهنجو نالو ڇاهي؟“

”ليليٰ خالد.“ مون چيو.

”تون ڪوڙ ٿي ڳالهائين.“ هن ڪاوڙ مان چيو.

”تڏهن منهنجو نالو ڇاهي؟“ مون پڇيو.

”اها خبر مون کي ڪانهي، پر خالد جڙتو نالو آهي.“

”منهنجو جڙتو نالو شاديہ ابو غزالہ آهي. شاديہ اسان جي ڏاڍي دلير ۽ ويڙهاڪ عورت هئي....“

فرو منهنجي ڳالهہ ڪٽيندي چيو، ”مهرباني ڪري ڳالهہ نہ ڦيراءِ. سڌا سنوان جواب ڏي.“ هاڻي هن مون کي هڪ پستول ڏيکاريو، ۽ ان جي سڃاڻپ لاءِ چيو.

مون چيو، ”اهو پستول انهن پستولن مان هڪ آهي، جيڪي اسرائيلي پائلٽ منهنجي منهن تي هنيا هئا.“ وري هن مون کي هڪ ٻيو پستول ڏيکاريو، پر مون نہ سڃاتو. پوءِ مونکي خبر پيئي تہ اهو پستول پيٽرڪ جو هو. پر فرو منهنجي ڳالهہ تي يقين نہ ڪيو، ۽ ٻيو سوال ڪندي، هينڊ گرنيڊ ڏيکاريندي چيائين، ”هي عجيب، غريب شيون تو وٽ آيون ڪٿان؟“ مون اعتماد سان چيو، ”هي مونکي پي. ايف. پاران مليون آهن. هي حيرانيءَ مان ورجايو. ”هي پاسپورٽ توکي ڪنهن ڏنو هو؟“ ”پي. ايف.“ مون چيو. ”تون جهاز کي ڪيڏانهن وٺي وڃڻ ٿي گهريو؟“ ”ڪيڏانهن بہ..... ڪيڏانهن بہ....“ مان جواب گول ڪري ويس. ”يلا هي عبد الرحيم جبار ڪير آهي؟“

هاڻي مون سوچيو تہ هڪ ننڍڙي تقرير ٿي وڃي، تڏهن وڃي همراهہ صبر ڪندو. ”جبار هڪ فلسطيني هيرو آهي. هي خفيہ سرگرمين جو ڪمانڊو آهي- جنهن جو عمل دشمنن جي دل جو دهڪو وڌائي ڇڏيندو آهي. هن اسرائيل جي سيني شهرن ۾ هراس ڦهلائي ڇڏيو هو. 21- سيپٽمبر 68ع تي هو انهيءَ گهڙيءَ تائين وڙهيو، جيسين هن جو سمورو سامان ختم نہ ٿي ويو. هن دشمن کي ان وقت تائين مصروف رکيو، جيسين سمورا ڪامريڊ آمريڪي هيليڪاپٽر هئڻ جي باوجود نڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي ويا. هو فلسطيني هارين جو اڳواڻ هو، ۽ انهن جي ذريعي انقلاب ڦهلائڻ

ٿي گهريائين. سندس سپ کان دليريءَ وارو قدم جنرل شريف ناصر کي چيلينج هو. جنرل شريف ناصر، شاهه حسين جو چاچو هو. هو اردني پلاٽون کي خطاب ڪري رهيو هو. اها رجعت پسند پلاٽون يمن موڪلي ٿي ويئي، جيئن انقلاب دشمن قوتن کي گڏ ڪري، لئل امام کي وري حڪومت جي تخت تي ويهارجي. جبار اٿي، شريف ناصر کي چيو، "بجاءِ اسانکي يمن موڪلڻ جي، ۽ وري يمن ريڊيڪل ۽ يو- اي- آر جي فوج سان ويڙهائڻ جي، اسان کي تل ابيب چو نه ٿو موڪليو وڃي، جو اسان اسرائيلين کي ختم ڪري ڇڏيون." شريف ناصر جو هٿ بندوق تي تڪڙو پهچندو هو، پر هن ڏٺو ته اجا هن ڪوشش ڪئي، ته جبار بندوق هٿ ۾ ڪٽي ورتي هئي. جبار کي لاٿو ويو، پر هن پاڻ لاءِ عزت پيدا ڪئي. دشمن چئن مهينن تائين هن کي اذيتون ڏنيون، ته هو معافي گهري، پر هن معافي نه گهري. مان توهان کي ٻڌائڻ ٿي گهران ته، مان ٻه ساڳئي مٽيءَ مان نهيل آهيان. هاڻي توهان کي شايد سمجهه ۾ اچي ويو هوندو ته، اسان جو يونٽ "عبدالرحيم ڪماندو يونٽ چو ٿو سڏائي."

برطانوي آفيسر سچو قصو غير جذباتي اندازسان ٻڌو. مون جڏهن ڳالهه ختم ڪئي، فرو وري سوال شروع ڪري ڏنا، "هي نوٽ..... جيڪو توهان لکيو آهي..... شاديه ۽ سندس ساٿي..... اهي توهان جا ساٿي ڪير آهن؟"

"ڪير ساٿي؟" مون ٻه ساڳئي لهجي ۾ چيو. ٿورو ترسي وري چيم، "ممڪن آهي، جهاز ۾ ٻيا ٻه هجن، جن کي مان نه سڃاڻندي هجان. چو؟ توهان انهن مان ڪنهن کي سوگهو ڪيو آهي ڇا؟" مون معصوميت سان پڇيو. فرو هاڻي ڪاوڙ مان چيو، "مس خالده! منهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن."

"اهي منهنجي ڪري نه، پر ان ڪري ته توهان جي زال جهيڙيڪار آهي." مون ڳالهه ڪٽيندي چيو، تنهن تي هو مُرڪيو، ۽ چيائين، "تون ذهين عورت آهين."

"مونکي اهڙي تعريف جي ضرورت ڪانهي." مون ڪاوڙ مان منهن گهنجائيندي چيو. بهرحال، اهو زباني فساد گهڻي دير هليو. مون ڏاڍي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو، ۽ تنهي کي ٻڌايم ته، مان فلسطيني عرب عورت آهيان، ۽ توهان جهڙن فاشي سوئرن کان تعريف ٻڌڻ نٿي گهران، جن مونکي قيد ڪيو آهي.

هاڻي فرو پنهنجا ڪاغذ اٿلائيندي پٿلائيندي چيو، "ته سائين اهو ٻڌايو ته، نيٺ عرب فلسطيني عورت، انهيءَ جهاز کي تباهه ڪرڻ جي ڪوشش چو ڪئي، جنهن ۾ فلسطيني عرب ۽ سوار هئا!"

مون سندس ڳالهه تي ڪاوڙ نه ڪئي. چيم، "اوهه! فيصلو ته توهان ڪري ڇڏيو آهي ته مونکي مجرم ثابت ڪرڻو آهي، پوءِ مون ڏوهه ڪيو هجي يا نه."

"سيني شاهدن جو چوڻ آهي ته، تو جهاز تباهه ڪرڻ گهريو هو."

"اهي سيئي ڪوڙا! نڳ ۽ صيهوني آهن." مون چيو، "توهان جاچ ڪيو. سچ پڌرو ٿي پوندو."

هن سوال کي هڪدم رد ڪندي چيو، "مس خالده! ڇا تون سمجهين ته تون بزدل آهين."

ڏسو..... مونکي جهاز اغوا ڪرڻ جو حڪم مليو هو، تباهه ڪرڻ جو نه. مونکي انسانن سان پيار آهي. جيڪڏهن مان جهاز کي تباهه ڪرڻ گهران ها ته، اتي روڪڻ وارو ڪوبه نه هو.

”تون جهاز ۾ ڪٿان چڙهينءَ- تل ابيب کان؟“

”مان ايمسٽرڊم مان شيپول ايئرپورٽ تان چڙهي هيس.“

”هاڻي تنهنجي ذهن ۾ ٻيو ڪيترو جهازن جو اغوا آهي.“

”ڪوبه نه!“

”هاڻي ٻيا به ٿي ويا آهن.“

مان اهو ٻڌي حيران ۽ خوش ٿيس.

”اسرائيلين توکي واپس گهريو آهي.“ هن چيو.

”واپس گهرڻ جو ڇا مطلب آهي؟“

”مطلب اهو ته تون سندن ڏوهي آهين، هو توکي سزا ڏيڻ ٿا گهرن.“

”خير! مسٽر فرو! شايد توهان اسرائيل جي اذيت گهرن کان واقف هجو. سندن جسماني تڪليف جا طريقا، ۽ ٻيا ظلم. مونکي سڀ خبر آهي. دل ٿي چاهي، ٻين کي ان جي خبر پوي. مونکي يقين آهي ته مان صيهوني اذيت کان تنگ ٿي آڻ نه مڃيندس.“

”تون واقعي ذهين ڇوڪري آهين.“ فرو وري چيو.

”مون چيو نه، مان توهان جهڙن جي تعريف ڪرڻ کان انڪار ٿي ڪيان. مونکي هڪ سگريٽ ۽ پاڻي ڏيو.“ مون چرچي طور چيو.

انهيءَ ٿوري چڱي ماحول ۾، مون آفيسرن کي چيو، ”مون برطانيه خلاف ڪوبه ڏوهه ناهي ڪيو. مونکي خبر ناهي ته مون کي جيل ۾ ڇو رکيو ويو آهي.“

هنن چيو ، ”اها خبر ته ڪين به ناهي.“

مون پڇيو، ”ڇا ڪو اسرائيلي به جيل ۾ آهي؟“

”نه.“ هنن چيو.

”ڇونه؟ هنن منهنجي ڪامريڊ کي بيدرديءَ سان ماريو آهي.“

”تنهنجو ساٿي وڙهندي ماريو ويو آهي. سرڪاري بيان آهي ته سندس موت ضرورت سبب ٿيو آهي.“

”شرم ڪن برطانوي عدالتون...... اهي تعصب واري شاهديءَ جي بنياد تي اهڙا فيصلا ڪري ڇڏيندڙيون آهن. ۽ اهو فيصلو جنهن ۾ مون کان پڇا ڳاڇا لازمي هئي، مون کان سواءِ ڪيئن ٿي ويو؟“ مون رڙ ڪئي، ”تل ابيب کان واشنگٽن تائين هڪ نموني جون تارون ٿيون لڳن، اهو برطانوي انصاف آهي!“

مونکي ايڏي ڪاوڙ ۾ ڏسي، منهنجي سيل ۾ آندو ويو. انهيءَ شام منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور هو. گارڊ مونکي غور سان ڏٺو، جو مان بيچينيءَ ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهي هيس.

9- سيپٽمبر تي مسٽر فرو وري مون سان مليو. هن مون کان پڇيو ته، مان ڪهڙي ملڪ وڃڻ پسند ڪنديس. مون چيو، ”پنهنجي وطن فلسطين.“ مون اهو اصرار به ڪيو ته مونکي هڪدم آزاد ڪيو وڃي. مون پنهنجي آزاديءَ لاءِ دير ۾ ڪين، سندن حق ۾ خراب سڏيندي نتيجن

جي ذميواري سندن مٿان مڙهي. انهيءَ ڏينهن ٽي بي. او. اي. وي سي جهاز اغوا ٿيو. مونکي پنهنجي آزاديءَ جو يقين ٿي ويو. مسٽر فرو شام جو مون وٽ آيو، ۽ چيائين، ”توکي خبر ته هوندي ته هي ڇا ٿي رهيو آهي.“ مون چيو، ”فرنٽ کي خبر آهي ته هو ڇا ڪري رهيو آهي. مونکي برطانوي عدالت جي ڪارنهن جي ضرورت ناهي، جو ان جي سفارش تي منهنجي قسمت جو فيصلو ٿئي.“

10- سيپٽمبر تي مونکي پيٽرڪ ڏاڍو ياد آيو. مان پنهنجا لُڙڪ روڪي نه سگهيس، ۽ ڪجھ به ڪائي نه سگهيس، جو پيٽرڪ ته بک تي مري ويو هو. ماني ڪائيندي روز مونکي اها ڳالھ ياد ايندي هئي. ميٽرن مونکي دلاسو ڏيندي هئي. هوءَ هڪ نرم دل ۽ نيڪ عورت هئي. هوءَ مونکي نصيحتون به ڪندي هئي، پر ڪاوڙ ۽ اداسيءَ جي جذبن کي دلاسي جي لفظن سان ڪهڙو سڪون ٿي ملي سگهيو! پر مان انهيءَ ڳالھ تي خوش هيس ته، بي. او. اي. سي. جو جهاز اغوا ڪري، پي. ايف مسافرن جي بدلي ۾ منهنجي گهر ڪئي هئي. مسٽر فرو مون وٽ آيو، ۽ پيٽرڪ جي پاسپورٽ بابت پڇندي چيائين، ”ليليٰ تنهنجو پارٽنر ڪير هو؟“ هاڻي مسٽر فرو دَر بند ڪري ڇڏيو هو.

”منهنجو نالو ليليٰ نه، پر مس ليليٰ خالد ڪماندو پاپولر فرنٽ آهي. هاڻي توهان سمجهيو مسٽر فرو.“ هو اجا منهنجي انهيءَ رويي تي حيران هو، جو مون وڌيڪ چيو، ”توهان جي پنهنجي قانون مطابق توهان کي هتي ڪنهن عورت ساٿيءَ کان سواءِ اچڻ جي اجازت ناهي- ۽ ها، مونکي برطانوي انصاف آڏو ڪڏهن تو پيش ڪيو وڃي؟“

هاڻي ته ڏاڍو پريشان ٿي ويو، ۽ پڻڪندو، پوئتي مڙيو ۽ در کوليندي ندامت سان پڇيائين، ”مان تنهنجي ڪنهن ڪم اچي سگهان ٿو.“

چيم، ”ها، مان پنهنجي ڪماندو لاءِ سوئٽر اُڻڻ چاهيان ٿي. مهرباني ڪري توهان مونکي اُنَ ۽ سوئا آڻي ڏيو.“

هن وعدو ڪيو. پر ٻڌايائين ته قانون اهڙي اجازت نٿو ڏئي. مون ڪاغذ ۽ پينسل گهري. هن مونکي به انچ ڊگهي پينسل ڏني. جيتوڻيڪ مونکي جهوٽا ٿي آيا، ۽ ڏندن ۾ سور به هو، پوءِ به مون پيٽرڪ جي ياد ۾ هڪ نوٽ لکيو:

”اڄ کان چار ڏينهن اڳ اسان پنهنجي غيرفاني سفر تي روانا ٿيا هئاسين. تنهنجو روح منهنجي اندر کي اميدن سان پري ٿو ڇڏي ته اسان جنهن سفر تي نڪتا هئاسين، اهو انصاف ۽ عزت جي قدرن تي مبني هو. تو اُنهن ماڻهن لاءِ سِرُ ڏنو، جن کي تون نه سڃاڻندو هئين. جيتوڻيڪ مان توکي نه سڃاڻندي هيس، پر مان توکي پنهنجي زندگيءَ جي هر چاتل شخص کان وڌيڪ سڃاڻان ٿي. مونکي سدائين انهن ماڻهن سان عقيدت رهي آهي، جن پنهنجي ذات کان وڌيڪ ٻين سان پيار ڪيو آهي. مان توکي

پنهنجي علم مطابق هر سورمي ۽ پنهنجي جذبن جي حوالي سان هر خواب ڪان وڌيڪ سچاڻان ٿي، مون سدائين انهن ماڻهن جي پوڄا ڪئي آهي، جن آزاديءَ خاطر سِرَ ڏنا آهن، ۽ روشنيءَ، زندگيءَ تي ترقيءَ جي دشمنن ڪي للڪاريو آهي. تو فلسطين لاءِ موت قبولي، اسانجي مظلوميت جي مرڪزيت حاصل ڪري ورتي آهي. تنهنجو روح اسان ڪان مظلوميت ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهيو آهي. تون اسان جي جدوجهد ۾ شامل ٿي، اسان ڪي بين الاقوامي ڀائپيءَ جو سبق ڏنو آهي، ۽ لاطيني آمريڪا ۽ فلسطين جي عوام ڪي هڪ سَڱي ۾ سوگهو ڪيو آهي. تو پنهنجو خون وهائي تاريخ لکي. تو پنهنجي سدا حيات روح سان ڳنڍن ڪي مِلائي ڇڏيو آهي. تو سدا حيات زندگي حاصل ڪري، ديوتائن جو درجو حاصل ڪري ورتو آهي. تون هڪ ئي وقت ليفيٽ، بائرن، فارمن بيٿون، چي گويرا، پيٽرڪ آگيوليو ۽ فلسطيني انقلابي آهين. تون مئو ناهين، تون زنده آهين. تون سدائين زنده رهندين، تون فلسطيني انقلاب جو روحاني رهبر آهين.

## ليليٰ"

11- سيپٽمبر جي ڏينهن جي شروعات هيندراس جي سفير اچڻ سان ٿي. وڏين وڏين مڇن وارو، ڪنهن وڏي زميندار جهڙو. مسٽر فرو سندس تعارف ڪرائيندي، "هز ايڪسيلنسي ڪائونسل آف هيندراس." هن پڇيو، "تو وٽ هيندراس جو پاسپورٽ ڪٿان آيو؟"

"ڇا پاپولر فرنٽ توهان کي جڙتو بنانا جو سفير ڪري موڪليو آهي؟" مون نفرت مان چيو.

هز ايڪسيلينسي ته اِهو ٻڌي سڙي ويو، ۽ توائيءَ مان موٽي ويو. سرڪاري عملدارن لاءِ اها ڳالهه ڪيڏي نه افسوس جهڙي هئي، ته هڪ لاطيني ڪائونسل تي هڪ نامعلوم هائي جيڪر فلسطيني چٽر ڪري رهي هئي. ڏاڍي بي عزتي ۽ ڪاوڙ جهڙي ڳالهه هئي. مون مسٽر فرو کي ياد ڏياريو ته هن اُن ۽ سُوئن جو وعدو نه پاڙيو آهي. هن مونکي سمجهائيندي چيو، "توکي ڪابه تيز ڇُهنب واري شيءِ رکڻ جي اجازت ناهي." اصل ۾ اِها ڳالهه چوندي، هن اهو معلوم ڪرڻ ٿي گهريو، جيڪڏهن توکي آزاد نه ڪيو ويو، ته ڇا هو واقعي مسافرن سوڌو جهاز تباهه ڪري ڇڏيندا. مون بنا هٻڪ جي چيو، "ها بلڪل."

"ڇا توهان ۾ انسانيت بلڪل ڪانهي! ڪجهه شرم ڪريو."

هاڻي مون بہ رڙ ڪئي، ”جيڪڏهن توهان ۾ ٿورو بہ شرم آهي تہ، پنهنجي لغت مان اِهو لفظ ڪڍي ڇڏيو.“ هاڻي مان صيهونيت، سامراجيت ۽ برطانوي وحشت تي ڳالهائڻ شروع ڪيو، پر مسٽر فرو مون کي لاجواب ڪندي چيو، ”مهرباني ڪري تقرير ختم ڪيو ليليٰ خالد! اسان جي حڪومت آهي ئي سامراجي.“ مون کي حيرت لڳي، مون محافظن کان پڇيو تہ مسٽر فرو حڪومت جي حمايت ڇونہ ڪئي. هنن مون کي ٻڌايو تہ، ايلنگ ۾ ليبر پارٽيءَ جا اهڙا گهڻا ميمبر آهن، جيڪي قدامت پرست حڪومت جي حق ۾ ناهن.

12 سيپٽمبر تي جڏهن مون اِهو ٻڌو تہ سامراجين جا جهاز تباھ ڪيا ويا آهن تہ، مون بہ پنهنجو رويو بدلايو. انهيءَ زماني ۾ برطانيہ ۾ طرحين طرحين هڙتالون ٿي رهيون هيون. مون سوچيو تہ منهنجا محافظ بہ پنهنجي ساٿين جي حق ۾ هڙتال ڪن. مان جنهن مهل ڪين بغاوت لاءِ اپاري رهي هيس، مسٽر فرو اندر اچي ويو. اندر اچڻ شرط هن ٿڌو ساھ کڻي چيو، ”آخر تون ڪرڻ ڇا ٿي چاهين؟“ مون چيو، ”هنن قيدين کي آزاد ٿيڻ گهرجي.“ ”ڪهڙا قيدي؟“ هن حيران ٿي پڇيو. مون محافظن ڏانهن اشارو ڪري چيو، ”هي جيڪي صبح شام ڪم کي لڳا پيا آهن.“

”چڱو، هن دفعي تنهنجي جيت آهي. ڏسان تون ڇا ٿي ڪرين.“ مسٽر فرو شفقت سان چيو، ۽ پنهنجا فائيل چيڪ ڪرڻ لڳو. مون ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”مونکي خبر آهي تہ داخلا واري وزارت برطانوي قانون جي خلاف ورزي ڪري رهي آهي.“

هن مٺو ڪنهندي چيو، ”تون ڇاٽي ڪرڻ گهرين؟“

مان ڪاوڙ مان چيو، ”توهان کي خبر آهي تہ مان ڇهن ڏينهن کان تَڙُ نہ ڪيو آهي.“ هن هڪدم پنجين ماڙ تي منهنجي وهنجڻ جو انتظام ڪرايو. مان ڇئن پوليس ميٽرنز جي نظرداريءَ هيٺ آندي ويس. هو چارئي ڪمري جي ڪنڊن کان بيهي رهيون، ۽ مونکي پنهنجي سامهون ڪپڙا لاهڻ لاءِ چيائون.

13 سيپٽمبر مون لاءِ ڏاڍو خراب ڏينهن هو. مان سڄو ڏينهن بيمار رهيس، ۽ رات جو بہ ننڊ نہ آئي. ڊاڪٽر کي گهرايو ويو. هن پنير سينڊ وچ ۽ ڪافي پيئڻ ڪانسواءِ بہ ڪجھ ڪائڻ لاءِ چيو، ۽ ننڊ لاءِ مون کي ٻہ گوريون ڏنائون. انهن گورين جو مون تي ڏاڍو خراب اثر ٿيو. اِها رات مون لاءِ ئي نہ، هر ڪنهن لاءِ مصيبت هئي. مان مرڻ ڪنڌيءَ تي هيس. جڏهن مون صبح جو اکيون کوليون تہ ڏٺم، هر ڪنهن جون اکيون آليون هيون. اُها وٽنڊڙ ميٽرن تہ منهنجي هوش ۾ اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿي. مون کان سواءِ اِها رات سيني ماڻهن جاڳي گذاري هئي.

ايندڙ ٻہ هفتا بس ائين ئي دستور موجب گذريا. مونکي ميٽرن جو ڪمرو استعمال ڪرڻ، ۽ ڏهن والن تائين بنا محافظ جي گهمڻ جي موڪل ملي ويئي. 17 سيپٽمبر کان پوءِ جا واقعا، خاص طور تي اردن جا سياسي واقعا منهنجي ذهن تي حاوي هئا. مسٽر فرو ۽ سندس ساٿين سان بحث بہ انهن ئي معاملن تي ٿيندو هو. مونکي خطن جو هڪ بنڊل ڏنو ويو، جن ۾ ڪجھ ماڻهن منهنجي تعريف ۽ ڪن تنقيد ڪئي هئي. هڪ خط ۾ شاديءَ جي آڇ بہ هئي. مونکي ڪنهن خط جو جواب لکڻ جي موڪل نہ هئي، پر پيءُ ماءُ ۽ ويجهن دوستن کي خط لکڻ جي اجازت هئي. مون خطن کي ترجمو ڪرڻ جي آڇ بہ ڪئي، پر مسٽر فرو ٻڌايو تہ، برطانوي حڪومت پنهنجي مترجمن تي ڀروسو ڪندي آهي.

هوڏانهن اردن رتوچاڻ تي رهيو هو، ۽ هيڏانهن مان قيد ۾ فقط احتجاج ۽ حُسين جي رويي کي نِندي رهي هيس. برطانوي پوليس کان خبر پئجي رهي هئي ته نومبر 68ع کان شروع ٿيل حراس ۽ دهشت گردي لڳاتار جاري آهي. بادشاهت کي بچائڻ لاءِ سڄي ملڪ کي داوَ تي هنيو ويو هو.

گهڻن اهو الزام مڙهيو ته، پي. ايف. ايل. اي. 70ع جي رتوچاڻ ۾ اردني حڪومت جي مدد ڪري هئي، ۽ ٽن جهازن جو اغوا به انهيءَ مدد جو حصو هو. فلسطيني انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ اردني حڪومت جي اِها چال، عوام ڪنهن به نموني قبول نہ ڪئي. انهن فسادن ۾ هڪ ٻي ڳالهہ به پڌري ٿي سامهون آئي، تہ حُسين، پنهنجو تختو اونڌو ٿيڻ کان، اسرائيل کي پنهنجي سلطنت تي قبضو ڪرڻ کان وڌيڪ چڱو ٿي سمجهيو. آمريڪين تہ عوام کي قربان ڪري، هر قيمت تي حُسين جي حڪومت کي برقرار رکڻ جو گُر آزمايو. انهيءَ ڊرامي جو مکيہ ڪردار حاڪميت زده حشمتي خاندان هو. ٻيون عرب رياستون خاموش هيون، گولڊا ميئر ۽ نڪسن جي واشنگٽن ۾ مرتب ڪيل سازش کي عملي طور پڌرو ٿيندي ڏسي، فقط افسوس جون قائل هيون.

(5)

17 سيپٽمبر تي برطانوي محافظن، پنهنجي مرضيءَ تي الائجي پنهنجي آقائن جي چوڻ تي مونکي صلاح ڏني تہ مان سياسي پناھ لاءِ درخواست ڏيان. مون لاءِ اها سياسي بد ديانتي هئي. مون قطعي انڪار ڪري ڇڏيو. مون مطالبو ڪيو تہ مونکي آزاد ڪيو وڃي، جيئن مان اردني ڪامريڊن سان گڏجي ويڙھ ۾ حصو وٺي سگهان. اردن ۾ جيڪي ڪجھ ٿي رهيو هو، تنهن سبب مان پريشان هيس. جيتوڻيڪ ظاهري طور تي مان پرسڪون هيس. مسٽر فرو روز اچڻ وارن ماڻهن مان هيو. هو حيران هو تہ مسلمان دشمن سان وڙهڻ بجاءِ پاڻ ۾ چو ٿا وڙهن. مون ڪيس طبقن ۾ ورهايل معاشري جي نفسيات ۽ رد عمل سمجهايا، ۽ اهو بہ ٻڌايم تہ علائقي جو بادشاھ بہ دشمن جي ڪيمپ مان هو. مسٽر فرو منهنجي ڳالھ ڌيان سان ٻڌي، پر ٻين اولھ وارن مفڪرن جيان هو بہ طبقاتي ڇڪتاڻ جي اثرن کي سمجهڻ کان لاچار هو. پر هن مونکي ايڏيون تلخ ڳالهيون ڪرڻ کان روڪيو، جڏهن تہ منهنجي رڳ رڳ ۾ اهو احساس سمايل هو تہ، اردن ۾ شهنشاهيت جو انت ئي سماجي هڪجهڙائيءَ جو بنياد ٿي سگهي ٿو. منهنجي طبقاتي تجزياتي سوچ کي پرکڻ لاءِ، مون کي هڪ هفتو آزاد شهريءَ جي حيثيت سان رهڻ جي دعوت ڏني ويئي. مون چيو، ”آزاديءَ کان پوءِ مان ڪرسمس تائين برطانيہ ۾ رهڻ پسند ڪنديس، جيئن برطانوي جمهوريت جو لطف ماڻي سگهان.“ مسٽر فرو منهنجي طنزيہ لهجي کي محسوس ڪندي چيو، ”هاڻي سنو اِهو آهي تہ تون اردن هلي وڃ، نہ تہ مان پنهنجي زال کي نہ ڇڏي ڏيان.“

”سائين! سنو اِهو آهي تہ توهان پنهنجي زال کي ٻڌائي ڇڏيو تہ هوءَ پريشان نہ ٿئي. مونکي پيءُ جيڏي برطانوي آفيسر سان شادي ڪرڻ جو ڪوبہ شوق ناهي. مان تہ ڪنهن عرب انقلابيءَ يا هاريءَ سان شادي ڪرڻ پسند ڪنديس. نہ ڪي، ڪنهن برطانوي رئيس، يوناني واپاري يا آمريڪي صنعت ڪار سان. مسٽر فرو، هاڻي توهان جي مٿي ۾ ويٺي ڳالھ؟“

برطانوي پريس ۾ اردني جنگ بابت جيڪي ڪجھ ڇپبو هو، مون تائين اهوئي پهچندو هو. هاڻي شامي فوج جي هٿ چراند جون خبرون بہ اچي رهيون هيون. آمريڪي ۽ اسرائيلي جارحيت جون خبرون بہ اچڻ لڳيون. اهي اطلاع بہ اچڻ لڳا تہ ”شامي فوجن“ کي ”بهادر اردني فوجون“ ڇيپاڻي رهيون آهن. هاڻي مونکي لڳو تہ اردني حڪومت جي زوال جا امڪان وري ختم ٿي رهيا آهن. ۽ جڏهن مون حُسين ۽ عرفات کي بادشاهن ۽ صدرن سان هٿ ملائيندي ڏٺو تہ، مونکي محسوس ٿيو، ڄڻ انقلاب جي پُٺِ ۾ ڇُرو لڳي رهيو هجي. جيڪڏهن مان هجان ها تہ، ڪانفرنس ۾ شامل ٿيندڙن کي گولين سان اُڏائي ڇڏيان ها. مونکي لڳي رهيو هو، ڄڻ مزاحمت کي تاريخي ورثي طور دفن ڪيو ٿي ويو. مونکي انهيءَ رت جي زيان ٿيڻ جو ڏک ٿي رهيو هو، جيڪو هلٽن، قاهره، ڦيا محل ۽ عرب ليگ هيڊ ڪوارٽرس کان سواءِ اردن جي گهٽين ۾ وهندي، اسانکي پنهنجي شهادت لاءِ سڏي رهيو هو. مان عرب ليگ کي پيٽرڪ جي خون جي ڏنڊ کان ڌار نٿي ڪري سگهان، جيڪو اجا بہ مرده خاني ۾ پيو هو، ۽ هوڏانهن انقلاب دشمن ناھ تي صحيحون ٿي ويون. مونکي خبر هئي تہ مجاهد انهيءَ منصوبي کي نہ مڃيندا، ۽ موجوده قيادت

جو امتحان وٺندا، ۽ اِهو ڪم فرنٽ جا ڪارڪن ئي ڪري سگهن ٿا. ايندڙ ڪجھ مهينن ۾ عرفات ۽ سندس ساٿين جي سمجھ ۾ اها بنيادي ڳالھ نٿي آئي ته عرب جي قبائلي روايتي سماج جي پيٽ ۾، فلسطيني عرب انقلاب جي ڳالھ بنيادي هئي. حُسين جولاءِ 71ع جي آپريشن ذريعي گوريلن کي ختم ڪرڻ جي مهم هلائي. ان جي باوجود سعودي، مصري ناھ ڪاميٽيءَ جي گهٽڻ کي قبول ڪرڻ لائق لڳي، ۽ مصر جو حسن، حُسين سان ڳڌجاڻيءَ لاءِ راضي ٿيو.

28- سيپٽمبر تي اطلاع مليو ته صدر ناصر مري رهيو آهي. مونکي نه انهيءَ خبر تي يقين آيو، ۽ نه ان کان پوءِ ٿيندڙ واقعا خطرناڪ محسوس ٿيا، مان ته حُسين — عرفات ڳالهين جو بڌي ششدر ٿي ويئي هيس، جو شام تائين ناصر جي موت جي خبر اچي ويئي. جيڪا ڳالھ شڪ ۾ منهنجي اندر ۾ درد پيدا ڪري نه سگهي، سا يقين ۾ بدلجڻ تي مونکي ڏُکارو ڪري ويئي. چي گويرا ۽ هوچي منھ جو موت مون لاءِ وري تازو ٿي ويو. انهيءَ جي شدت اجا به گهٽي هئي، جو پهرين ڳالھ ته مان عرب هيس، ۽ ٻيو ته ناصر جي ڏاڍي پرستار. مونکي لڳو، جڻ منهنجو هڪ حصو مري ويو آهي. پر مونکي خوشي به هئي، ته مان ناصر جي وقت ۾ زنده رهي آهيان. ۽ ان وقت وڌيڪ خوش ٿينديس، جڏهن آزاد فلسطين ۾ مونکي رهڻ نصيب ٿيندو.

مسٽر فرو ۽ اوسي پاسي جي ٻين ماڻهن ڏٺو ته مان ڪيڏي ڏُکاري هيس. هو انهيءَ تي حيران ته، ڪالھ تائين مون جنهن شخص کي نِنديو ٿي؛ اڄ ان لاءِ ڏکاري هيس. ڪين اها خبر نه هئي ته، منهنجي دنيا ۾ سامراج سان وڙهڻ وارو اڪيلو فرد ناصر ئي هيو.

29- سيپٽمبر تي مسٽر فرو مونکي ٻڌايو ته شايد توکي رها ڪيو وڃي. مون اشارا سمجهڻ لاءِ ڏيان سان اخبارون پڙهيون. خاص ڪري جڏهن آخري ڇھ يرغمالي بين الاقوامي ريڊ ڪراس سب ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪيا پئي ويا. اهو آخري مرحلو 13- سيپٽمبر 70ع تي مڪمل ٿي چڪو هو. جنهن پَل يرغمالي سائپرس پهتا هوندا، مونکي به تياريءَ جو حُڪم مليو. مونکي ماڳ جي ڄاڻ نه هئي. مون برطانوي دوستن کي موڪلاڻيءَ جي چُمي ڏني، ۽ ايلنگھ هلڻ ۾ گهٽا نوان مهمان موڪلڻ جو وعدو ڪيو، جو هتي محافظ ۽ ڄاءِ ٻئي مفت هئا.

صبح جو ساڍي ڇهين وڳي مسٽر فرو مون وٽ آيو، ۽ پڇيائين ته مان ڪهڙي ملڪ وڃڻ پسند ڪنديس. مون پروسي سان چيو، "ڪماندرن اِهو فيصلو ته پاڻ ڪري ڇڏيو هوندو. هونءَ مونکي ڪهڙي ملڪ ڏو موڪليو وڃي؟"

مسٽر فرو جواب نه ڏنو، پر ايندڙ ڪيترن ڪلاڪن تائين ڪنهن به سوال جو جواب نه ڏنو. مونکي ٻڌايو ويو ته، جيئن ته مان سپاهي آهيان، تنهن ڪري قائدي قانون جو احترام منهنجو فرض هئڻ کپي، جو مونکي برطانيہ کان ٻاهر نِيو ٿي ويو. ميٽرن مونکي ٻڌايو ته، گهٽين ۾ ماڻهو قطارون ناهي بيٺا آهن، جيئن ڪن پل لاءِ مونکي ڏسي سگهن. پر اهي ته سڀ ماڻهو مايوس ٿيندا، جو مونکي ته بند گاڏيءَ ۾ نيو ٿي ويو. مان اِهو ڏسي حيران ٿي ويس ته منهنجي گاڏيءَ سان گڏ، منهنجي پهري لاءِ پوليس جي گاڏين ۽ موٽر سائيڪلن جو هڪ قافلو ساڻ هو. مون هڪ نظر ايلنگ پوليس اسٽيشن ٻاهران بيٺل ماڻهن تي وڌي، ۽ پوءِ مونکي فوجي هوائي اڏي تي آندو ويو، جيئن ئي مان هيليڪاپٽر ۾ وينيس، مون آڱرين سان فتح جو نشان ناهيو، مسٽر فرو کي

الله واهي چيم، ۽ هڪ دفعو وري ايلنگ اچڻ جو وعدو ڪيم، تنهن تي فرو رڙ ڪئي، ”نہ- برطانيہ اچجانءِ، پر ايلنگ نہ اچجانءِ.“

اسان ڪلاڪ کن تائين هيليڪاپٽر تي اُڏامندا رهياسين، ۽ ڪنهن بي نانءُ ايئرپورٽ تي لٿاسين. مون ڪيپٽن کي چيو، ”هوائي جهاز کان ڏکيو هيليڪاپٽر اغوا ڪرڻ هوندو آهي.“ ڪيپٽن جي سمجھ ۾ منهنجو طنزيہ جملو نہ آيو. هاڻي اسان وري هڪ جهاز ۾ سوار ٿياسين، ۽ اڻ ڄاتل ماڳ ڏانهن روانا ٿياسين، هڪ شخص ٻئي کي چيو، ”اجا تہ هڪ ٻي عورت کي بہ اچڻو آهي.“ مونکي ڄاڻ هئي تہ، اها ڳالھ هنن امينہ ڏبور لاءِ ڪئي هئي، جيڪا زيورچ ۾ قيد هئي. هاڻي اسان اوچتو ميونخ ۾ وڃي لٿاسين. اِهو ڪو فوجي هوائي اڏو هو. مون دَريءَ مان هٿياربند گارڊيون ڏٺيون. جهاز ۾ مونکي آخري سيٽ تي ويهڻ لاءِ چيو ويو. ايڪشن آرگنائيزيشن جا ٽي فرد، صفيہ عبدالرحمان، حنا بي، ۽ نشاط کي بہ ساڳئي جهاز ۾ آڻي ويهاريو ويو. مان انهن مان ڪنهن کي بہ نہ سڃاڻندي هيس. اينڊڙ اسٽاپ زيورچ هو، جتان امينہ، ڪامريڊ ابراهيم توفيق ۽ محمد ابوال مائجہ جهاز ۾ سوار ٿيا. مون گهٽ ۾ گهٽ امينہ کي سلام ڪرڻ ٿي گھريو، پر اجازت نہ ملي. اسان پري کان ئي هڪ ٻئي کي سلام ڪيو. هر مسافر لاءِ ڌار ڌار باڊي گارڊ هئا، پر اسان مان ڪنهن کي بہ هٿ ڪڙي لڳل نہ هئي. 30- سيپٽمبر جي رات ڏاڍي ڏکھي هئي. قاهره تائين جو سفر مونکي زندگيءَ جو سڀ کان ڏگهو سفر لڳو. اسان کي سڄو وقت ويٺي رهڻ جو حُڪم مليو.

ٻهرين آڪٽوبر تي صبح جو اٺين وڳي اسان قاهره پهتاسين. شهر ۾ صدر ناصر جي موت جو سوڳ هو. ايئرپورٽ تي اسان کي برطانوي، سوئيز ۽ جرمن سفير مليا. اسان مان هر فرد کي ڌار ڌار سرڪاري طور تي مصري عملدارن جي حوالي ڪيو ويو. مونکي اهو ڏاڍو عجيب لڳو تہ، اسان سان گڏ پيٽرڪ جو لاش نہ آيو هو. اسان کي مصري مهمان خاني ۾ آندو ويو، ۽ ٻارهن ڏينهن اُتي رهايو ويو. سبب، حفاظت ۽ اسانجي سلامتي هو.

12- آڪٽوبر تي اسانکي دمشق موڪليو ويو، ۽ هر ڪماندو پنهنجي پنهنجي يونٽ ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. بيروت موٽڻ کان اڳ مان پنهنجي دوست علي زازا سان مليس. هي اهوئي شخص هو، جنهن ٽي- ڊبليو- اي. قصي ۾ مونتي مصري انٽيليجنس لاءِ ڪم ڪرڻ جو الزام هنيو هو، مون ڪمري ۾ داخل ٿيڻ شرط چيو، ”ڪرنل، هاڻي توکي يقين ٿي ويو هوندو تہ فرنٽ يا سنڊس ڪارڪن ڪنهن جا ڇاڙتا ناهن. ڇا توهان هاڻي مونکي پنهنجي مهمان خاني ۾ رکڻ پسند ڪندا؟“

”نہ ليليٰ! هاڻي تون مون سان لنچ ڪائين تہ تنهنجي مهرباني.“ ڪرنل چيو.

”نہ، مهرباني. مونکي ٻن ڪلاڪن جي اندر بيروت پهچي، پنهنجي يونٽ ۾ رپورٽ ڪرڻي آهي. الله واهي. فلسطين جي جنگ جي محاذ تي اوهان سان ملاقات ٿيندي.“

آڪٽوبر جي وچ ۾، مان بيروت ويس. ۽ اتي هڪ پريس ڪانفرنس الحدف جي آفيس ۾ ڪيم. مون ٻڌايو تہ پيٽرڪ کي اسرائيلين قتل ڪيو، ۽ برطانوي حڪومت پنهنجي هوائي حدن ۾ تيل ڏوھ کان اکيوٽ ڪئي.

ايندڙ ڪجھ هفتا، مون پريس فوٽو گرافرن ۽ رپورٽرن کي انٽرويو ڏيندي، ۽ پنهنجي عرب، عراقي ساٿي ڪماندو بسم سان شادي ڪرڻ جي تيارين ۾ گذاريا. اسانجي شادي 26- نومبر تي ٿي. ڪجھ هفتا گڏ رهياسين، ۽ پوءِ ٻيئي پنهنجي ڪم تي موٽي آياسين.

••••••••••••••••••••••••••••